ٻال مهاڀارت

هندو سوشل ويلفيئر ائسوسيئيشن
سکر- حيدرآباد سنڌ. ڪراچي

پال مہاپارت

پیتا ۵۰-۲ (۲ روپیا پنجاہ پیسا)

ہندو سوشل ویلفیئر اسوسئیشن
سکر۔ حیدرآباد سنڈ۔ کراچی

پہ اکر

گھٹي وقت کان هن کتاب جو پھريون ڇاپو خلاص ٿي ويو هو- ماڻهن جي زور ڪرڻ تي هي ٻيو ڇاپو ڇاپيو ويو آهي- ڪاغذ جي مهانگائي ۽ ڇپائي جي واڌ اڳهن ڪري ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي آهي- ڪتاب جو مواد سمورو ساڳيو پھرين ڇاپي وارو آهي- البت ٽائيپ نئي آهي.

ڇاپائيندڙ:-
هري شيواست سنگر
هندو سوشل ويلفيئر ائسوسيئيشن
سکر، حيدرآباد سنڌ ۽ ڪراچي

پبلشر جا سپ حق ۽ واسطا قائم

دفعو ٻيو ڪاپيون ۱۰۰۰

۱۹۷۵ع

فهرست

باب نمبر	باب	صفحو
١–	ڪورون ۽ پانڊون جي ننڍپڻ	١٦
٢–	حسد جي آگ	٣۴
٣–	دروپديءَ جو سويمبر	۴٢
۴–	خانہ خراب جوا	۵١
۵–	بنواسي	٦١
[illegible]	[illegible] نيڪاليءَ جو پويون سال	٦٩
[illegible]	[illegible] تياريون	٨١
[illegible]	[illegible] جو زخمي ٿي ڪرڻ	٩٢
٩–	ڀيمنر جي بهادي	٩٧
١٠–	دروڻا چاريہ ۽ ٻين جو موت	١٠٢
١١–	گنڌاريءَ جا ورلاپ	١٠۵
١٢–	پانڊون جي سوڀ	١١٢
١٣–	ڀيشم پتا مهہ جو اُپديش	١٢٠
١۴–	پريڪشت جو جنم	١٢٦
١۵–	پڇاڻي	١٢٨

مهاڀارت

جيڪا قوم پنهنجي اتهاسڪ کوجنا پاڻ نٿي ڪري سا سست، بيڪار ۽ بي جان چئبي. مهاڀارت ۾ هندن جي وڏن جي سور متا جي سندر ڪارنامن جو ذڪر ڪيل آهي مهاڀارت مهر شي ويد وياس جو لکيل آهي. هي هندن جو ڌرمي گرنٿ- پراچين اتهاس، نيتي ۽ جيون شاستر آهي. هن منجهه پانڊون ۽ ڪورون جي يادون ونش ۽ يڌ جو بيان ڏنل آهي- ڀيشم پتا مهه جي پتا ڀڳتيءَ جو سهڻو چتر چٽل آهي ته ڪيئن نه هن سڄي عمر پنهنجي پتا جي سک لاءِ برهمچريه جي زندگي گذاري مهاڀارت ۾ راڄنيتي ۽ راج گيان جو سمنڊ پلٽيل آهي لوڪمانيه تلڪ ۽ ٻين ودوانن جي رائي موجب اڄوڪي سنه کان اٽڪل ۴۰۰۰ ورهيه اڳ مهاڀارت جي يڌ ٿي.

هرڪنهن ڌرمي گرنٿ جي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي ڪنهن به گرنٿ کي فقط پڙهي وڃڻ مان ڪوبه چڱو نتيجو ڪونه ٿو نڪري مهاڀارت ۾ جيتوڻيڪ ظاهريءَ ريت گرنٿ ڪٿائن ۽ وارتائون آيل آهن پر اُنهن ڪٿائن ۾ عملي ريت ڌرمي سڌانتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪيل آهي. ڀيشم پتا مهه جي الوڪڪ پتا ڀڳتي، شري ڪرشن جي وچتر راڄنيتي، ڌرم اوتار يڌ شٽر جي سچائي، ڀيم، ارجن ڪرن، دريوڌن ۽ دروڻا چاريه وغيره سور ويرن جي ادڀت

سور ويرتا پڙهي ديهه ۾ نئون ساهه پئجي وڃي ٿو. ڪنتيءَ جهڙين وير ماتائن ستي دروپدي جهڙين نارين اڀيمنوءَ جهڙن وير ٻالڪن جا مثال پڙهڻ سان اخلاق جو واڌارو ٿئي ٿو. مها ڀارت ۾ تتو گيان جو ڀنڊار ڀريل آهن ۽ ڀڳتي جي رس ڀريل آهي.

مها ڀارت هڪ اهڙو سيتل تلاءُ آهي جتان راڄ گيانن کي راڄ گيان، ڀڳتن کي ڀڳتي ڪرم، وير يوگين کي ۽ تتو يوگين کي تتو گيان جو جل پراپت ٿئي ٿو.

آشا آهي ته پاٺڪ مها ڀارت جي مها ساگر ۾ غوطا هڻي جيوت جا سچا لعل لهي سگهندا.

2.4.1966 هري شيواست سنگه

اوهان جا ڏرمي ۽ اخلاقي فرض

١- ڏرمي ڪتاب پڙهو
٢- ڏرمي ڪتاب ورهايو
٣- ڏرمي ڪتاب ڇپايو
٤- نام جو دان ڪريو
٥- نام جو سمرن ڪريو
٦- هري پڄن ڪريو
٧- هروقت ايشور کي حاضر ناظر ڄاڻي چڱا ڪم ڪريو.
٨- دين ۽ دکين جي سهايتا ڪريو
٩- بيمارين جي شيوا ڪريو

مهاپارت جي سمي جون گالهيون

اڄڪلهه اهو خيال آهي ته اسان جا وڏا ايترا پڙهيل ۽ قابل نه هٿا جيترا اسان آهيون. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته مهاپارت جي سمي جي گالهين کان واقف ڪجي ته جئن يورپي سڀيتا جي ڪري جيڪا اسان منجهه غلط فهمي آهي سا دور ٿئي.

استرين جي حالت

ڪنيا جو وهاڻ تيستائين نه ڪيو ويندو هئو جيستائين هوءَ پوري سمجهه پري ۽ جوان اوستا پوري نه ايندي هئس. نندپڻ عمر ۾ شادي ڪرائڻ پاپ سمجهيو ويندو هئو. هن سمي ۾ استرين جي نهايت پوتر ۽ اوچ اوستا هئي. ان وقت سويمور جو رواج هئو، جنهن موجب ڪنيائن کي آزادي هئي ته پنهنجي دل موجب ور چونڊين. ان وقت جون استريون چگيءَ طرح پڙهيل هيون ۽ راج ڪاروبار منجهه مردن کي ڪارگر صلاحون ڏينديون هيون. سندن پتورت ڏرم جو اوچو آدرش هئو. راڻي گانڌاري پنهنجي پتيءَ ڌرتراسٽر کي انڌو ڏسي پاڻ به پنهنجي اکين کي پٽي ٻڌي پاڻ کي انڌو ڪري چڏيو. ستي درو پديءَ جي جيوت جو آدرش هيون هئو.

استرين جي پوشاڪ نهايت سادي هوندي هئي. قيمتي هيرا جواهر ۽ گهڻا پائينديون هيون.

لشڪر ۽ هٿيار

مهاڀارت جي وقت ۾ سائنس جي وڏي ترقي ٿيل هئي. انهيءَ زماني جا اگني ٻاڻ ٻيا ڀنڀڪر هٿيار اڄڪلهه جي ائٽامڪ هٿيارن سان مشابهت رکن ٿا. سري ڪرشن مهراج جو سندرشن چڪر اهڙو هوندو هئو جو اهو لڙائيءَ جي ميدان ۾ ڦرندي ڦرندي دشمن جو سرڌڙ کان ڌار ڪري وري اچي سري ڪرشن مهراج جي هٿ ۾ پوندو هئو. اهو ڏيکاري ٿو ته انهيءَ زماني منجهه به راڪيٽ وغيره هئا. انهيءَ وقت به لشڪر ترتيب سان هوندو هئو. ڏهن سپاهين جي مٿان هڪ صوبيدار، هڪ هزار سپاهين جي مٿان ليفٽيننٽ وري ڪرنل ميجر ڪمانڊر چيف هوندا هئا. ان وقت وير تا جون جنگيون ٿينديون هيون ۽ کليو کلايو هڪٻئي تي حملو ڪندا هئا. جيڪو جنگ جي ميدانن ۾ ڪري پوندو هئو يا سندس زرهه ڀڄي پوندي هئي، يا جيڪو لڙائي ڇڏي ڀڄي ويندو هئو، انهن تي هٿيار ڪونه هلائيندا هئا.

ڌنڌو، هنر ۽ ڪاريگري

ان وقت ديش ۾ جهازن جي آمدرفت گهڻي هئي، انهن جي ثابتي هيٺين ڳالهين مان ملي ٿي. شري ڪرشن جو سمنڊ جي وچ ۾ وڃي راڄڌاني وسائڻ. ارجن جو

دگو جئہ ڪرڻ لاءِ سڄيءَ دنيا ۾ چڪر هڻڻ، خاص ڪري پاتال ديس يعني آمريڪا ۾ وڃڻ، ثابت ٿو ڪري تہ ان وقت جهازن جي هنر ۾ ڪمال ٿيل هئو.

اُن سمي ڪپڙي اڻڻ جي ڪاريگري بہ حد ڪري چڪي هئي. ان ۽ ٻليءَ جي وارن مان بہ قيمتي ڪپڙا ٺاهيا ويندا هئا ۽ ڪپڙن تي وري زري، سون ۽ جواهرات جو ڪم ڪيو ويندو هئو.

ڪاريگري غضب جي هئي ثابتي، يڌشٽر جي محلات مان ملي سگهي ٿي. جنهن وقت راجا دريوڌن ان محل کي ڏسندي ڏسندي هڪ تلاءَ جي مٿان آيو تنهن وقت ان تلاءَ کي سنگمرمر جو ٿلهو سمجهي ان جي مٿان هلڻ لڳو پر پوءِ جڏهن سندس پير پاڻيءَ ۾ پيو تہ خبردار ٿي ويو. ٻئي هڪ سنگمرمر جي ميدان کي پاڻيءَ جو چشمو سمجهي ڌوتيءَ جو پلاند مٿي ڪري هلڻ لڳو پر کيس معلوم ٿيو تہ اتي پاڻي اصل ڪونہ آهي. ٽيئن هنڌ هڪ ڀت جي دروازي جو نقش اهڙو ڪيو هئو جو دريوڌن ايئن سمجهيو تہ دروازو آهي ۽ جيئن لنگهڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سندس مغز کي ڌڪ لڳو. اِهي ڳالهيون ثابت ٿيون ڪن تہ ان وقت غضب جي ڪاريگري هئي.

انهيءَ زماني ۾ ڪاريگرن کي راجائن وٽان پئسي ڏوڪڙ توڙي اوزارن جي مدد ملندي هئي ۽ راجائون اها مدد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا ۽ ڪاريگرن جي همٿ افزائي ڪندا هئا.

ڌرم

انهيءَ وقت سنڌ يا ڪرم هڪ ئي نرگڻ پرماتما جي پراٿنا ڪئي ويندي هئي. هرهڪ گرهستي پنهنجي گهر منجهه روز پنج يگيه ڪندو هئو. (١) ويد پاٺ (٢) ايشور اُپاسنا (٣) مهمان نوازي (۴) پترن جي پوڄا (٥) جيو جنتري جي رکيا. تيرٿ ياترا ڪرڻ به ماڻهو پنهنجو ڌرم سمجهندا هئا، جتي وڃي مهاپرشن جو درشن ڪندا هئا ۽ انهن جي ست سنگ منجهه پنهنجيءَ آتما جو ڪلياڻ ڪندا هئا.

هلت چلت ۽ چرتر

راجا کانوٺي رنڪ تائين هڪ ئي نموني جي سادي حياتي نظر ايندي هئي. وڏي ۾ وڏا مها راجائون به صبح جو سويل اُٿي سنان پاڻي کان نورٿ ٿي سنڌ يا اُپاسنا نت نيم ڪندا هئا.

جيڪڏهن ڪو سويمبور ٿيندو هئو ته اُتي سڀني ورڻن جي آدمين کي وهڻ ڏنو ويندو هئو. ڪنهن کي به جهل نه هئي ته فلاڻو ماڻهو گهٽ ذات جو آهي انهيءَ ڪري اتي ويهڻ نه ڏجي. اسڪولن ۾ به ساڳي اوسٿا هئي. غريبن کان وٺي راجائن جا پٽ هڪ ئي هنڌ ۽ هڪ ئي نموني پاڙهيا ويندا هئا. پوري نه پڙهڻ تي راجا جي پٽ توڙي غريب جي پٽ کي برابر سزا ڏني ويندي هئي. برابر پنجويهن ورهين تائين راجا

ٽوڙي پينو فقير جو ٻالڪ پنهنجي گروءَ جي آشرم ۾ ڪٺور برهمچريه جو ورت پالندا هئا ۽ سخت زمين تي سمهندا هئا.

اُنهيءَ وقت جي ماڻهن ۾ هيٺان ويچار هئا.

(١) اهو ماڻهو جيڪو سدائين پنهنجيءَ ترقيءَ جو اونو رکي ٿو، اُهو ئي انت ۾ سکي رهي ٿو.

(٢) جيڪو شخص ڪرمن کي ڪندو اُتساه سان اڳتي وڌي ٿو، اُهو ئي اکٽ سکه کي ماڻي ٿو.

(٣) لکشمي اُنهيءَ ماڻهوءَ کي پسند ٿي ڪري جيڪو ڪرم ڪرڻ ۾ ڪڏهن به نٿو ٿڪجي ۽ جيڪو سستيءَ جو دشمن آهي.

(٤) جتي چرتر ۽ اخلاق آهي، اُي لکشميءَ جو واسو آهي.

مهاڀارت جا مکيہ نايڪ

انهن جي چرتر تي سرسري نظر

ڀيشم پتامهم

ڀيشم پتامهم پنهنجي سمي جو سڀ کان وڌيڪ سورويرهئو. ننڍيءَ ڄمار ۾ پنهنجي تيرن سان گنگا جي سڄي وهڪري کي روڪيائين ۽ جهور ٻڍاپي ۾ لڙائيءَ جي ميدان تي دشمن جي دلين ۾ ڌڌڪاءُ پيدا ڪيائين. هن پنهنجي سڄي جيون ۾ برهمچريہ جو پالن ڪيو. شڪتيءَ هوندي بہ منجهس اڀمان ڪين اُتپن ٿيو ۽ نہ ڪڏهن پنهنجيءَ طاقت جي ڪٿي ٻٽاڪ هنيائين. جيڪو رستو هو منڍ ۾ پسند ڪندو هئو، آخر تائين اُنهيءَ رستي تي قائم رهندو هئو. سندس من ورتي اڏول هئي. جنهن وقت کيس معلوم ٿيو تہ سندس پتا هڪ ڪنيا جي موهہ ۾ دکي ٿي رهيو آهي، تنهن وقت هو پنهنجن سڀني سکن کي لت هڻي ساري عمر برهمچريہ رهڻ جي پرتگيا ٿو ڪري.

شري ڪرشن

مهاڀارت ۾ شري ڪرشن جو چرتر مکيہ ريت راڄنيتي

۾ رنگيل آهي. جنهن وقت گيتا جو گيان ٿو ڏئي تنهن وقت هو راجگيانيءَ سان گڏ هڪ مهان آتما ڌاريءَ جي روپ ۾ پڻ پيش ٿيو وڃي.

منڍ کانوٺي آخر تائين جيڪي به ڪم ڪيائون تن ۾ پر اُپڪار ۽ پر ماٿ جوئي ٻج پيل هئو. شري ڪرشن مهراج اوتار هئو.

”جنهن جنهن وقت ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي، اڌرم وڌي ٿو وڃي، ست پرشن جو هراس ٿئي ٿو ۽ نيچ لوڪن جي وڏائي ٿئي ٿي، تنهن وقت اوتار جنم وٺي ٿو.“

سندس جيون سڌانت هئو ”هرهڪ منش کي گهرجي ته هاڃي ۽ لاڀ جو ويچار نه ڪري، پنهنجو فرض پورو ڪندو رهي، سڄي جيوت فتح ۽ هار سان ڀري پيئي آهي.

مهاراجا يڌشٽر

يڌشٽر جي سڄي جيوت هڪ سڌي ۽ سادي مهاپرش جهڙي آهي هو دنيا کي سڌو سمجهي هرڪا ڳالهه سڌي ڪندو هئو. اهوئي سبب هئو جو کيس ڌرم راجه جي لقب سان پڪاريو ويندو هئو. انهيءَ سڌائيءَ سبب کيس ڪيترائي ڀيرا دکه مهڻو پيو.

راجائي ڪل ۾ پيدا ٿي به راڄ جو لوڀ ۽ لالچ کان بنهه پري رهڻ ثابت ڪري ٿو ته يڌشٽر جو من

سنسارڪ ڳالهين کان منڊ ۾ ڏي ورڪت هئو. هن نڪي چاهيو ته سنسارڪ سکن جي ڪري پنهنجي من ۾ آتما جو سکم تياڳي ڇڏجي.

يڏشٽر جو پرماٿ سان گڏ سوارٿ ۾ سوارٿ سان گڏ پرماٿ وارو چرتر عام سنساري لوڪن لاءِ هڪ آدرشي جيون آهي.

دريو ڏن

هي يڏشٽر کان ننڍو ۽ پيءُ سين کان وڏو هئو. هن جي اڳيان هن لوڪ جي عيش آرام کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين هئو. راڄ جي مڊ ۾ اچي پر لوڪ جي ويچار ڪي وساري ويٺو. دريو ڏن جو چرتر دنيا جي ماڻهن اڳيان نهايت سهڻو آپديش ٿو رکي ته ماڻهو ڪٿي ڪهڙو به دنيا جي وهنوار ۾ چالاڪ ۽ حرفتي هجي پر جيستائين هن جي آتما ۽ من نه سڌريو آهي تيستائين هن کي فتحيابي حاصل ٿي نٿي سگهي. راڄ گيان ۾ ساڀس ڪي ورلائي مٽ پوندا. راڄنيتي ڪم آڻڻ ۾ ماهر هئو.

ڏر ڌراشٽر

هو ودوان ۽ سڌو راجا هئو. هو ڌرهم جي سوڪيم گتيءَ کي سمجهي سگهيو ٿي، پر پٽن جي موهه هن کي اهڙو ته اڳياني ڪري ڇڏيو، جو هو پد پد تي اڌرم جا ڪم ڪندو رهيو. هن کي پوري سڌ هڻي ته منهنجو

پٽ اُبتا پير کڻي رهيو آهي پر انهيءَ هوندي به موهه جي وس ٿي هو هنجي اشاري تي نچندو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو سندس سڄو ڪل نابود ٿي ويو.

مهاراڻي گانڌاري

هيءَ پتورت ناري هئي. پنهنجي پتيءَ کي انڌو ڏسي پنهنجن اکين تي پٽي ٻڌي پاڻ کي انڌو ڪري ڇڏيو هئائين. پتيءَ سان دکه توڙي سکه ۾ پاڇي وانگر ساڻ رهندي هئي. ڌر تراشٽر وانگيان سنتان جي موهه ۾ غلطان رهي.

درو پدي

هنجو پتورت ڌرم بلڪل اوچي ۽ پوتر درجي ۾ ڳڻيو ويو آهي. هوءَ جهڙي گيانڻ تهڙي ئي پتي ڀڳت هئي. منجهس بي خوف سڀاءُ موجود هئو ۽ هوءَ وير هرديه رکندڙ استري هئي.

مهاراڻي ڪنتي

دنيا ۾ جيڪي آدرش ماتائون ٿي گذريون هن انهن مان مهاراڻي ڪنتي هڪ سمجهي ويندي آهي.

ننڍي هوندي کان دکن جي لهرن کان واقف رهي. انهيءَ ڪري ئي هوءَ وڏن وڏن سنڪٽن جي سامهون اچڻ تي به توڙ تائين اڏول رهندي آئي. ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي سنتان کي بزدل، ڀرمي يا بيوقوف نه

بڻايو پر منجهن فرض ادائيءَ جي ستي وجهندي آئي.
هنن کي اهوئي اُپديش ڏيندي رهي ته ڀل توهان کي
موت جو مقابلو ڪرڻو پوي پر تڏهن به توهين پنهنجي
فرض کان هڪ قدم به پوئتي نه هٽو. پنهنجي مکاروند
مان هڪ دفعي چيو هئائين ”هڪ سچي استري پنهنجي
سنتان کي فقط فرض تي مري ميٽجڻ لاءِ پيدا ٿي ڪري“

ڀيم سين

هنجي جيون مان غيرت مند ٿيڻ جو اُپديش ملي ٿو
هو اڀمان ۽ بي عزتيءَ جي ٺوڪر ڪڏهن به سهي نه
سگهيو. هو اڌرم کان ڊڄندو هئو. جهڙو شرير ۾ ٿلهو
متارو هئو تهڙوئي عقل ۽ ٻڌيءَ ۾ به ٿلهو هئو.

ارجن

هي بنياد کان وٺي هڪ گنڀير ۽ اونهو وديارٿي
ي رهيو. ايڪانت ۾ ويچار ڪرڻ ۽ اڀياس سان پنهنجي
من کي سڌارڻ ارجن جا ننڍي هوندي جا گڻ هئا. هؤ
ڳالهائڻ جو ٿورو پر ڪم ڪر ڏيکارڻ ۾ وڏو ڪرم
يوگي هئو. نهٺائيءَ جو گڻ ارجن مان سکڻ گهرجي.
هڪ سچي جڳياسوءَ وانگيان ارجن هميشه گيان جي
ڳولها ڪندو رهيو. گيتا جي پوتر گرنٿ ارجن جي
جڳياسا جو ميوو آهي. امٽ سوروير هوندي به بلڪل
نهٺو ۽ نر اڀماني ٿي رهيو ۽ سندس جيوت سيکاري ٿي

تہ ”وڻ ۾ جيترو ميوو هوندو اوترو ئي هو وڌيڪ جهڪيل رهندو“.

ڪرڻ

هي آتم ايماني، داني ۽ سچو سورويو هئو. هو مالڪ سان سچو ۽ نمڪ حلال هئو.

ٻال مهاڀارت

باب پهريون

ڪورون ۽ پانڊون جي ننڍپڻ

پنج هزار ورهيه اڳ جو ذڪر آهي. ڀارت ۾ تڏهن چندر بنسي گهراڻي جو هڪ راجا شانتنو نالي راڄ ڪندو هو. سندس راڄڌاني هستناپور هئي. هيءُ شهر هاڻي ويران ٿي ويو آهي ۽ دهليءَ جي ويجهو اُن جا کنڊر (پراڻا نشان) ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

راجا شانتوءَ کي ٽي پٽ هوا. سڀ کان وڏي جو نالو ڀيشم پتامهه هو، وچين جو چترانگد ننڍي جو وچترو يره راجائي قانون ۽ مريادا موجب راڄ جو وارث ڀيشم پتامهه هو، پر هن پنهنجي پتا جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ اها اٽل پرتگيا ڪئي هئي ته مان ساري عمر برهمچاري ٿي گذاريندس. ڳالهه هن ريت آهي:-

هڪ ڏينهن راجا جمنا نديءَ جي ڪنٺي تي پسار پئي ڪيو ته سندس نظر وڃي هڪ سوڀياوان ڇوڪريءَ تي پيئي. هوُ ايتري قدر مٿس موهت ٿي پيو، جو مرضي ٿيس ته ساڻس شادي ڪريان. جاچ بعد معلوم ٿيس ته اها

چوڪري هڪ مهاڻي جي ڪنيا آهي. اهڙي نيچ ڪل جي چوڪري راڻي ٿيڻ جي لائق ڪين هئي، پر پرالبڌ جي ڳالهه! راجا ان مهاڻي سان شاديءَ جو ذڪر چوريو، جنهن خوشيءَ سان قبول ڪيو، پر اهو شرط وڌائين ته منهنجي ڏيءُ ستيه وتيءَ سان جيڪو پٽ ٿيندو سو ئي راڄ جو وارث سمجهيو ويندو ۽ اوهان کان پوءِ راڄ ستيه وتيءَ ۽ سندس پٽ کي ملندو. اهو شرط راجا کي ڏاڍو ڏکيو لڳو. هن جو پنهنجي سپاتر پٽ پيشم پتامهه تي ايترو ته پيار هو جو سندس راجائي حق ريٽڻ کان انڪار ڪيائين ۽ نراس ۽ مايوس ٿي گهر موٽيو. ان ڏينهن کان پوءِ راجا تمام اداس نظر ايندو هو. نيٺ پيشم پتامهه کي ان ويڪلتا جو ڪارڻ معلوم ٿيو. هو پتا جي دکه دور ڪرڻ لاءِ بگدم مهاڻي وٽ ويو، جنهن کي انجام ڏنائين ته مان تخت تان هٽ ڪڍ لاءِ تيار آهيان ۽ ستيه وتيءَ جو پٽ ئي تخت جو اڌڪاري ٿيندو. مهاڻي چيس ”سو ته ٺيڪ، پر تنهنجو اولاد شايد راج گديءَ لاءِ تڪرار ڪري.“ ان تي هن ڪليو ڪلايو بي * پرتگيا ڪئي ته مان ساري عمر ڪنوارو رهندس ۽ ستيه وتيءَ جو پٽ ئي گديءَ تي وهندو.

نيٺ ٿيو به ائين. راجا شانتنؤ جي مرڻ کان پوءِ

* ان پرتگيا کان پوءِ سندس نالو پيشم پتامهه ٻيو. سندس اصل نالو ديوورت هو ۽ اڪنڊ برهم چريه پالن ڪري ڪيس اهڙي شڪتي حاصل ٿي، جو هندس مؤت سندس مرضيءَ تي منحصر هو.

ستيہ وتيءَ جو پٽ چتر انگد تخت تي ويٺو. هيءُ چوڪرو وڏو بهادر هو ڪيس لڙائيءَ جو ڏاڍو شوق هو. تخت تي وهندي ئي لڙائي شروع ڪيائين ۽ جنگ ۾ مارجي ويو. هن کان پوءِ سنڊس ننڍو پاءُ وچترو يريہ تخت تي ويٺو. ڪيس ئي پٽ پيدا ٿيا. ڏرترشٽر، پانڊو ۽ ودر. ڏرتراشٽر اندو هو. ودر هڪ داسيءَ مان جائو هو، اڻ ڪري پانڊو ئي تخت جو لائق سمجهيو ويو. هن ڪجهہ سال چڱيءَ اوڄ سان راج هلايو، پر نيٺ سنسار مان ڪتو ٿي پنهنجيءَ راڻيءَ سميت بن ۾ هليو ويو ۽ اُتي مري ويو. هن کان پوءِ ڏرتراشٽر تخت تي ويٺو، جيتوڻيڪ هو انڌو هو، پر لاچاري اها هئي، جو ٻيو ڪو تخت تي وهڻ وارو هو ئي ڪونہ.

ڏرتراشٽر جي راڻيءَ جو نالو گندَاري هو. هو اهڙي تہ پتورتا ۽ پتي پريمڻ هئي جو پنهنجي پتيءَ جي اندي هڻڻ سبب پاڻ بہ پنهنجي خوشيءَ سان اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏيائين، جا مرڻ گهڙيءَ تائين ڪين کوليائين. ڪيس هڪ سؤ پٽ ڄاوا، جي پاڻ کي پنهنجي ونس جي نالي موجب ڪورؤ سڏائيندا هوا. دريو ڏن سڀني ۾ وڏو هو.

پانڊوءَ کي پنج پٽ هوا: يڌشٽر، ڀيم، ارجن، نڪل ۽ سهديو. پهريان چار ڪنتيءَ راڻيءَ مان هوا ۽ پويون ماڌريءَ مان. پانڊون جو هڪ ٻيو بہ پاءُ هو، جنهن جو نالو ڪرن هو. پر پانڊون کي ان جي خبر ڪانہ هئي،

چاڪاڻ تہ هن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ سندس ماءُ ڪنتيءَ ڪيس درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو. ممڪن آهي تہ سندس جنم وقت گره گوچر ڏسي اهو پتو پيو هجي تہ هو وڏي هوندي پنهنجن ئي پائرن جو دشمن ٿيندو ۽ ساڻن ڏسي يڏ ۾ لڙندو. پالڪ وڃي اڏيرت نالي هڪ رٿيان جي هٿ چڙهيو، جنهن کيس پالي نپائي وڏو ڪيو. ڪرن نهايت چالاڪ ۽ بلوان چوڪرو هو.

پانڊوءَ ۽ ڪوروءَ نڊيي هوندي پاڻ ۾ گڏجي راندين روندين ڪندا هئا. راند ۾ گهٽو ڪري پانڊوءَ ڪٽندا هئا. زور آزمائيءَ ۾ پيمسين سڀني کان سرس هو. هو اهڙو تہ سگهارو هو جو راند ۾ ڪورون سان اهڙا تہ چرچا ڪندو هو جو هو ڏاڍو هلاڪ ٿيندا هئا. مثلا پاڻيءَ ۾ راند ڪندي کين وڃي غوطا ڏيارينڊو هو. ڪوروءَ وٽن تي چڙهندا هئا تہ هو ڏارين کي اهڙو زور سان لوڏيندو هو، جو ويچارا ڪوروءَ ڏوءَ وڃي هيٺ ڪرندا هئا. اهڙيءَ طرح پيمسين پنهنجي حرڪتن سان کين ڏاڍو ڪاوڙ ڪرڻ لڳو. دريو ڏن سڀاءُ ڪري ساڙي هو. هو پيمسين جو هل ڏسي پسو پوسرندو هو ۽ ويچار ڪندو هو تہ طاقت سان تہ پانڊون سان پڄڻ محال آهي؛ ان ڪري دوکي سان کين ماري مات ڪرڻ گهرجي. جيڪي هاڻي ئي اسان کي اپرڻ نہ ٿا ڏين، سي وڏي هوندي اسان کي راج جو سک ماڻڻ ڪٽي ڏينداٿ؟ دريو ڏن جو اهو ساڙ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو ۽ اُن زهري

ٻج مان ڪهڙا نہ موتمار سنگ نڪتا، جنهن جو بيان اڳتي ڏنل آهي.

جڏهن ڪورؤ ۽ پانڊؤ وڏا ٿيا، تڏهن ڀيشم ويچار ڪيو تہ کين ڪنهن لائق گروءَ جي حوالي ڪجي. هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو، جو جڏهن هوُ پاڻ ۾، منجهند جي وقت، راند کيڏي رهيا هئا، تڏهن سندن کينهوُن وڃي کوهہ ۾ ڪريو، جنهن تي لڙائي لڳائي ڏنائون. ڀرسان وڻ جي هيٺان هڪ براهمڻ سمهيو پيو هو. هن اُٿي اڳيرو وڌي پڇين تہ ”ڪهڙي ڳالهہ آهي. گوڙ ڇاتي لاتو اٿؤ؟“

راڄڪمارن جواب ڏنس تہ ”اسان جو کينهون کوهہ ۾ ڪري پيو آهي.“ تنهن تي برهمڻ چين تہ اوهان مان ڪو ڊوڙي ڪجهہ تير کڻي اچي تہ مان توهان جو کينهون ڪڍي ڏيان.“ جڏهن تير آندا ويا، تڏهن اُن برهمڻ هڪ تير پنهنجيءَ ڪمان ۾ ڪشي، کوهہ ۾ ليئو پائي، کينهونءَ تي نشان لڳايو تہ تير کينهون ۾ کپي ويو. پوءِ ٻيو تير کڻي پهرين تير تي نشان لڳايائين تہ پهرين تير ۾ کپي ويو. ان ريت تير تيرن تي کپندا ويا، تان جو پويون تير هٿ تائين پهچي ويو. پوءِ تہ برهمڻ ڇڪي تيرن سميت کينهون ٻاهر ڪڍي راڄڪمارن کي ڏنو. اهو اچنبو ڏسي راڄڪمار ڏاڍا حيران ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ ”هيءُ آدمي ڪهڙو نہ عجيب تيرانداز آهي“ پوءِ

ڪانئس نالو پڇيائون. جنهن تي برهمڻ چين ته ”اوهين هيءَ ڳالهه وڃي ڀيشم پتامهه سان ڪريو. هو پاڻهي سڀ ڪجهه سمجهي ويندو“.

جڏهن راجڪمارن اهو احوال ڀيشم پتامهه کي ٻڌايو تڏهن هن چين ته ”اهو براهمڻ رواجي ماڻهو ناهي، پر وڏو ودوان ۽ شستر وديا ۾ ماهر آهي. ۽ سندس مٽ ڪونهي. پوءِ ڀيشم ڌتراشٽر سان صلاح مصلحت وري دروڻا چاريه کي پانڊون ۽ ڪورون جو گرو ڪري رکيو.

دروڻا چاريه پهرين پهريون سبق راڄڪمارن کي هيءُ ڏنو: ”سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو.“ ٻين راجڪمارن اهو سبق تمام جلد ياد ڪيو ۽ پوءِ وڃي راند ڪرڻ لڳا. پر يڌشٽر، جو سڀني ۾ وڏو هو، سو سارو ڏينهن اهائي تڪ ياد ڪندو رهيو. جڏهن رات ٿي تڏهن به انهيءَ خيال ۾ پريشان رهيو. دريو ڌن کيس ڏسي نفرت وچان منهن کڻي ٻئي پاسي ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته يڌشٽر موڳو آهي. پر يڌشٽر ڪا پرواهه نه ڪئي. ساري رات جاڳي پنهنجو سبق ياد ڪندو رهيو ”سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو. سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو.“

ٻئي ڏينهن جڏهن سبق ٻڌائڻ جو وقت ٿيو، تڏهن دروڻا چاريه پڇين ته جن جو ڪالهوڪو سبق ياد آهي سي پنهنجو هٿ مٿي کڻن. اهو ٻڌنديئي ٻين سڀني وديار ٿين هٿ مٿي ڪيا، مگر يڌشٽر ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيو؛ هٿ مٿي ڪين کنيائين. تنهن تي دروڻا چاريه چيو

تہ:- اڄ وڌيڪ سبق ڪونہ ڏنو ويندو. وري سڀاڻي. پوءِ يڌشٽر کي چيائين ”ڏس، سڀاڻي تائين توکي سبق ياد ڪرڻ کپي.“ ائين چئي راڄڪمارن کي موڪل ڏنائين. هو وڃي ٺينگ ٽپا ڏيڻ لڳا، باقي يڌشٽر ڪمري ۾ ڦيرا پائڻ لڳو ۽ بار بار اها تڪ ياد ڪندو رهيو ”سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو. سچ ڳالهايو ڪروڌ نہ ڪريو.“

ٽئين ڏينهن وري سبق جو وقت آيو. گروءَ يڌشٽر کان پڇيو ”ڪئن يڌشٽر، اڃا سبق ياد ڪيءِ يا نہ؟ يڌشٽر نمرتا سان وراڻي ڏني ”مهراج، اڃا تہ ياد ڪونہ ٿيو آهي.“ هيءُ ٻڌي سندس ڀائر وات کي رومال ڏيئي کلڻ لڳا. دروڻا چاريہ کي سخت ڪاوڙ آئي، ڇاڪاڻ اُن ڏينهن بہ وڌيڪ سبق ڏيئي نہ سگهيو ۽ سڀني کي موڪل ڏيڻي پيس.

چوٿين ڏينهن، پنجين ڏينهن ۽ ڇهين ڏينهن بہ اهوئي حال رهيو. دروڻا چاريہ هر روز پڇندو رهيو ”ڪئن يڌشٽر، توکي سبق ياد ٿيو يا نہ؟“ مگر يڌشٽر سيس نوائي جواب ڏيندو رهيو: ”سائين، اڃا تائين ياد ڪونہ ٿيو آهي.“ نيٺ ستين ڏينهن دورڻا چاريہ کي سخت ڪروڌ آيو ۽ يڌشٽر کي چماٽون هڻي سندس ڳل ئي ڳاڙها ڪري ڇڏيائين. يڌشٽر مار کائي بہ صبر ۾ رهيو مگر دريو ڌن ان تي حيران ٿي ويو. جي کيس اهڙي مار ملي ها تہ گروءَ جي سامهون اُٿي کڙو ٿئي ها ۽ سندس بي عزتي ڪندي بہ ڪين گسي ها.

اٺين ڏينهن يڌشٽر ساڳيو جواب ڏنو. لاچار دروڻا چاريه ٻين ڪمارن کي اڳتي سبق ڏيڻ شروع ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو مهيني کان پوءِ يڌشٽر جي ڀائرن اڌ ڪتاب پورو ڪري ڇڏيو، پر يڌشٽر پهرين سبق ”سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو“ تي ئي پيو رهيو.

هڪ ڏينهن ڀيشم پتامهه پاٺشالا ۾ آيو. سڀني راڄڪمارن کان سبق پڇيائين. ڪدرون کڙائيءَ سان ڇوٽ سبق ٻڌايا. ڀيشم پتامهه ڏاڍو پرسن ٿيو. پر جڏهن يڌشٽر جو وارو آيو، تڏهن دروڻا چاريه چوڻ لڳو ته: هيءُ تمام نڪمو ڇوڪرو آهي. سارو مهينو گذري ويو آهي پر اڃا پهرين نڪ به ياد ڪانه ڪئي اٿس. آءٌ تعجب ۾ آهيان ته اهڙو موڳو راڄ جو ڪم ڪئن سنڀاليندو. ان تي ڀيشم پتامهه پڇيو ته ”ڇو يڌشٽر، پنهنجو سبق ياد نٿو ڪرين؟ ٻچا! وديا وڏي نعمت آهي. ان کان سواءِ انسان کي عقل نه ٿو اچي ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو وقت هيءُ ئي آهي. وڏو ٿي ويندين ته پڙهڻ جو وقت ڪونه ملندءِ. پوءِ پيو هٿ هڻندين. پر پوءِ پڇتائيڻ مان ڪي ڪين ورندو.

يڌشٽر ڪنڌ نوائي بيٺو رهيو. ڀيشم پتامهه وري چيس ته ”هيڊانهن اچ. منهنجي ڀرسان بهي ٻڌاءِ ته جڏهن تنهنجي ڀائرن اڌ ڪتاب پورو ڪيو آهي، تڏهن ڪهڙي ڪارڻ آهي، جو تو اڃا پهرين سبق به ياد ڪين ڪيو آهي؟“

يڌشٽر جواب ڏنر بابا! سبق جو هڪ حصو ”ڪروڌ نہ ڪريو“ مون کي ياد ٿي ويو آهي. گروجيءَ کان پڇي ڏسو، تنهن ڏينهن جڏهن منهنجي منهن تي چماٽون هنيون هوائين، تڏهن مون ذرو بہ ڪروڌ نہ ڪيو هو. مگر سبق جو پهريون حصو ”سچ ڳالهايو“ مون کي اڃا ياد ڪونہ ٿيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي ٿو وهان. جيستائين ڪوڙ جو ويچار دور نہ ٿيو آهي، تيستائين آءٌ ڪيئن چوان تہ مون کي سبق ياد ٿيو آهي؛ خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن منهنجو سبق ئي آهي:- سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو. ڀاءُ دريو ڌن ۽ ڀاءُ ڀيم کي بہ هيءُ سبق اڃا ياد ڪونهي. انهن ڪوڙ ڳالهايو، آهي. منهنجو ڏوهہ رڳو اهو آهي جو مون ڪوڙ نہ ڳالهايو ۽ صاف صاف پي باسيو اٿم تہ مون کي پنهنجي زبان ۽ خيال تي قبضو حاصل ڪونہ ٿيو آهي. جواب ٻڌڻ سان ئي گروءَ دروڻا چاريہ ۽ ڀيشم پتا مهہ جون اکيون کلي ويئيون. هو سمجهي ويا تہ يڌشٽر ڪو رواجي ڇوڪرو ڪونهي. ان کان پوءِ دروڻا چاريہ ڪڏهن يڌشٽر کي ڇڪي ڇڙٻ بہ ڪين ڌني. اٽلندو هميشہ چوندو هو تہ يڌشٽر وڏين اميدن ڀريو نينگر آهي. جيڪي پڙهي ٿو، تنهن موجب هلت ڪري ٿو. هيءُ منهنجو نالو روشن ڪندو.

يڌشٽر سچ سچ دروڻا چاريہ جون اميدون پوريون

ڪيون. ساري عمر ۾ ڪوڙ ڪين ڳالهايائين، نہ ڪي ڪروڌ ڪمائين.

دروڻا چاريہ راڄڪمارن کي ڏاڍيءَ محنت سان پاڙهيو ۽ ڪين شستر وديا ۾ سيکاريائين. ارجن تيراندازيءَ ۾ پين کان ڪسر ڪڍي لڳو. هو گروءَ جي شبوا ۾ وڌيڪ ڪندو ڪندو هو؛ جنهن ڪري مٿس دروڻا چاريہ جو ڏاڍو پيار هو ۽ ڪيس قسمين قسمين هٿيارن هلائڻ جا اهڙا اهڙا طريقا سيکاريائين، جي آن سمي ٻئي ڪنهن کي ۾ ڪين ايندا هٿا.

ڪرن ۾ ڪورون ۽ پانڊون سان گڏ دروڻا چاريہ وٽ پڙهندو ۽ سکيا وٺندو هو. پر تعجب اهو تہ جڏهن ڪروڙن ۽ پانڊون جو پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو ٿي پوندو هو؛ تڏهن هو هميشہ ڪورون جو پاسو وٺندو هو. جڏهن ڪرن کي خبر پيئي تہ گروءَ ارجن کي هٿيارن جي استعمال جا خاص هنر سيکاريا آهن، تڏهن ڪيس ڏاڍو ساڙ لڳو. هو درڻا چاريہ وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين تہ ”اوهان جيڪي طريقا ارجن کي سيکاريا آهن سي مون کي ۾ سيکاريو.“ پر گروءَ انڪار ڪيس، چاڪاڻ تہ هن چاتو ٿي تہ ڪرن سپاءَ جو نڪو ۽ آٻهرو آهي، جنهن ڪري آن سکيا جو نامناسب فائدو وٺندو.

ڪرن کي ناڪاري جواب ملیو تہ ڪيس ڏاڍا خار لڳا. هن خيال ڪيو تہ مان آهيو هنر هڪ ٻئي رشيءَ کان سکندس. آهو رشي ۾ شستر وديا جو مشهور اُستاد

هو ۽ مهيندر پربت تي سندس آشرم هو. ڪرن وڃي وٽس حاضر ٿيو. اُهو رشي کترين جو جاني دشمن هو. ڪرن کي ان ڳالهه جي اڳيئي سڌ هئي، تنهن ڪري هن پنهنجي اصل ذات لڪائي ڇڏي ۽ رشيءَ کي پرنام ڪري وينتي ڪيائين ”مهراج، مان ڀارگو گوتر جو شاگرد آهيان، مون کي فلاڻي هٿيار جو استعمال سيکاريو.“ رشيءَ سمجهو ته هي براهمڻ جو ڇوڪرو آهي؛ ان ڪري سندس عرض قبول ڪيائين. ڪرن رشيءَ جي دل و جان سن شيوا ڪرڻ لڳو سو رشيءَ جو مٿس ڏاڍو پيار ٿي ويو. هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو، جو چيلي جي گود ۾ مٿو رکي گرو سمهيو پيو هو ته ايتري ۾ هڪ وڏو ڪيئون ڪرن جي ران تي چڙهي سندس ماس کي چڪ پائڻ لڳو. ڪرن کي تڪليف ته ڏاڍي ٿي، پر ساڳي وقت خيال ٿيس ته متان گروءَ جي آرام ۾ خلل پوي، سو اها تڪليف چپ چاپ سهندو رهيو. ڪرن جي ران مان رت وهي نڪتو ۽ رشيءَ جو بدن ان ۾ ڀرجي ويو. رت سر سراهٽ تي رشيءَ جي اک کلي ۽ ڇرڪ ڀري پڇيائين ته ”منهنجو سرير رت سان اپوتر ڪنهن ڪيو آهي؟“ ڪرن پنهنجي ران ڏانهن اشارو ڪيو. ان ۾ ڪيئن جو ڪيل گهاءَ ڏسي رشيءَ سوچيو ته هڪ برهمڻ جو ڇوڪرو ايڏو ڪشٽ صبر سان سهي ڪين سگهندو. هيءُ شاگرد ضرور ڪو کتري آهي. ان ڪري ڪاوڙ ۾ سندس اکين مان الا نڪرڻ

لڳا. ڪڙڪو ڪري چمائين تہ ”سچ ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين نہ تہ سراپ ٿو ڏيانءِ

ڪرن تي خوف ۽ هراس چائجي ويو. ڏکندي ڪيس سچ ٻڌايائين تہ ”پرابر مان ڪنري آهيان، پر گرو پتا سمان ٿيندو آهي. ڪرپا ڪري منهنجو دوش ڪمياڪريو.“

اهو ٻڌي رشيءَ کي ڏاڍو دک ۽ رنج ٿيو. هن ڪيس سراپ ڏنو تہ ”تو وديا حاصل ڪرڻ جي لالچ سبب ڪوڙ ڳالهايو آهي، تنهن ڪري جڏهن نازڪ موقعو ايندو، تڏهن تو کي اها وديا ياد ڪين پوندي. منهنجو آشرم ڪوڙن ماڻهن لاءِ ڪينهي، ان ڪري تون هڪ پل بہ وڌيڪ هت نہ ترس.“

ڪرن شرمندو ٿي دک ۾ موٽيو. جيتوڻيڪ هو شستر وديا ۾ ذري گهٽ ارجن جو مٽ پوڻ جهڙو ٿيو هو، تہ بہ رشيءَ جي سراپ ڪئن ڪيس نهوڙي نيون سو احوال مهاپارت جي بڌ ۾ پڙهجو.

دروٽا چاريہ جنگ جي فن ۾ لاثاني هو. سندس ناماچار پري پري پکڙجي ويو، ان ڪري ڪيترا راڄڪمار ڪائنس سکيا وٺڻ ايندا هٿا. هڪ ڏينهن هرنيہ ڏنش نالي پيل سردار جو پٽ ايڪ لويہ ٻڌ دروٽا چاريہ جي شيوا ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳس ”مهراج، مان اوهان جو ناماچار ٻڌي آيو آهيان. مون کي تير اندازي سکڻ جو شوق آهي. مون کي پنهنجو شاگرد بڻايو تہ وڏي مهرباني.“

دروٽا چاريہ ويچار ڪيو تہ ايڪ لويہ پيل آهي. هو

ڪئن راڄڪمارن سان رلي ملي سکيا پرائيندو. سندس عقل ۽ ذهن به اهڙو چڱو ڪين هوندو. ذات جو به نيچ آهي. جيڪڏهن تير هلائڻ ۾ ماهر ٿي ويو ته هروڀرو ٻين کي تنگ ڪندو. اهو خيال ڪري چيائينس ”پيارا ايڪ لويه! تنهنجو ارادو تمام نيڪ آهي. مگر مان لاچار آهيان. راڄڪمارن سان گڏ تو کي سکيا ڏيئي نٿو سگهان. وچ وڃي پنهنجي گهر ۾ استعمال ڪر.“

ايڪ لويه ارادي جو پختو ۽ همٿ ڀريو هو، ان ڪري هن دل ڪين هاري. ٿوري دير ترسي غور سان دروڻا چاريه جي تير هڻڻ جو نمونو ڏٺائين. پوءِ کيس پرنام ڪري واپس وريو. گهر اچي مٽيءَ جي هڪ مورت دروڻا چاريه جي ٺاهي، اُن کي گرو مڃي، خوب شوق سان تير هلائڻ جي مشق ڪرڻ لڳو.

پڪي ارادي ۽ کروءَ تي وشواس سبب هن تير هلائڻ ۾ ڪمال حاصل ڪيو، ايتري قدر جو ارجن کان به گوءِ کڻي ويو.

هڪ ڏينهن پانڊؤ شڪار ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا ۽ اچي هڪ ڀيل جي گهر وٽان لانگهائو ٿيا. ايڪ لويه پنهنجيءَ ڌن ۾ تير ڪمان تي ڪشي مشق ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. پانڊون سان گڏ هڪ ڪتو به هو، جو ڌارئي کي ڏسي ڀؤڪن لڳو. ايڪ لويه ڦڙتيءَ سان هڪ هڪ ڪري ست تير اهڙيءَ طرح هلايا، جو تيرن سان ڪتي جو وات ته بند ٿي ويو، پر تعجب اهو جو هڪ تير به سندس وات ۾ نه چڀيو!

ارجن، جو ڪنهن کي پنهنجو مٽ ڪين سمجهندو هو، ايڪ لوبه جي عجيب تيراندازي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پڇيائينس ته تنهنجو نالو ڇاهي ۽ تيراندازي ڪنهن کان سکيو آهين؟

ايڪ لوبه جواب ڏنو "مٽر، منهنجو نالو ايڪ لوبه آهي. مان هن علاقي جي پيل سردار جو پٽ آهيان. جيڪو ٿورو گهڻو تير هلائڻ، ڄاڻان، سو گرو ديو دروٽا چاريه جي مهرباني ۽ جو نتيجو آهي.

ارجن جڏهن پنهنجي گرو ۽ جو نالو ٻڌو، تڏهن ڏاڍو اداس ٿيو ۽ اندر ۾ سڙندو ويچار ڪرڻ لڳو ته گرو ۽ هڪ پيل جي چوڪري کي هڻي ڪاريگري سيکاري آهي پر مون سان هيتري پيار هوندي به سيکارڻ ۾ اڏار دلي ڪانه ڏيکاري اٿس. يڪدم موڪي گرو ۽ وٽ ويو ۽ ڪيس سمورو احوال ڏنائين. گرو ۽ چيس ته "اها واهيات ڳالهه آهي. مون کنهن پيل چوڪري کي سکيا ڏني ئي ڪانهي." جڏهن ارجن زور ڀريس تڏهن دروٽا چاريه ساڻس گڏجي ايڪ لوبه جي گهر ويو. گرو ۽ کي ايندو ڏسي ايڪ لوبه ڏاڍو گدگد ٿيو ۽ هٿ جوڙي نمڪار ڪري چيائين ته "اڄ نهايت شبه ڏينهن آهي جو اوهان هت اچڻ جي ڪرپا ڪئي آهي."

دروٽا چاريه پڇيس "پيارا پيل تو تيراندازي ۽ جي فن ۾ ڪمال حاصل ڪيو آهي، سو ڪنهن جي تعليم سان؟"

ايڪ لويه هٿ جوڙي نهايت نمرتا سان جواب ڏنو ”مهراج، اوهان جي مهرباني‌ءَ سان. اوهان ته مون کي لوڌي ڪڍيو هو، پر مان اوهان کي دل ۾ گرو مڃي، اوهان جي مٽيءَ جي مورت ٺاهي ان کي سامهون رکي تير اندازيءَ جي مشق ڪندو آهيان، ان ڪري اوهين ئي منهنجا گرو آهيو.“

دروڻا چاريه سندس ايتري شرڌا ۽ محنت ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو، پر ويچار ڪيائين ته جيڪڏهن هيءُ نوجوان هن ريت مشق ڪندو رهيو ته ارجن کي مون جيڪو وچن ڏنو آهي: ته توکي تير هلائڻ ۾ لاثاني بڻائيندس، سو ڪوڙو ٿي پوندو. ان ڪري کيس چيائين ”سلڇڻا نينگر! جيڪڏهن تون سچ پچ منهنجو شاگرد آهين ۽ مون کي گرو ٿو مڃين ته مون کي گرو- ڏکڻا منهنجيءَ مرضيءَ موافق ڏي.“

ايڪ لويه هٿ جوڙي چيس ته ”جيڪا شيوا چئو سا ڪريان. جيڪو حڪم ڪريو، سو بجا آڻيان. جيڪي به گهرو سو ڀيٽا رکان.“

دروڻا چاريه چيس ته ”جيڪڏهن تون ڏکڻا ڏيئي سگهن ته مون کي ساڄي هٿ جو آڱوٺو ڏي، جنهن سان تون تير ٿو ڪشين.“

ايڪو لويه جواب ڏنس ”گروجي، بس رڳو هڪ آڱر؟ منهنجي ته جان به حاضر آهي.“

ايڪ لويه ائين چئي آڱوٺو ڪپي ڏيڻ لاءِ اڃا ڪپ

مس ڪيو تہ دروڻا چاريہ چيس ”پيارا ايڪ لويہ، منهنجي ڪداچت اها مرضي ناهي تہ تنهنجي هٿ جي آڱر وڍائي تو کي بد زيبو بڻايان، بلڪ آڱر گهرڻ سان منهنجو اهو مطلب آهي تہ هن کان پوء تير هلائڻ ۾ اهو آڱوٺو ڪتب ڪين آڻجہ.“

ايڪ لويہ قبول ڪيو.

گروء ڪيس آسيس ڏني.

دروڻا چاريہ ۽ پانڊو سخت حيران ٿي ايڪ لويہ جي سارهہ ڪندا موٽيا. رستي ۾ گروء ارجن کي سمجهايو ”ارجن! علم حاصل ڪرڻ يا عمر سکڻ لاء اهڙيء گرو پڳيء ۽ اڀاس جي ضرورت آهي. مون کانئس اهو وچن فقط ان ڪري ورتو تہ ڪڏهن بہ هو تنهنجي برخلاف اهڙيء هوشياريء سان تير هلائي نہ سگهي.

ان ڏينهن کان پوء ايڪ لويہ آڱوٺي کان سواء تير هلائڻ شروع ڪيو ۽ مرڻ گهڙيء تائين پنهنجي گرو کي ڏنل وچن کي پاڻي ڏيندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن دروڻا چاريہ پنهنجي شاگردن جو امتحان وٺڻ چاهيو. هن هڪ هترادو پکي ڏاهي وڻ جي تاريء تي رکي چڏيو. پوء سڀني راڄڪمارن کي سڏي اهو پکي ڏيکاري چوڻ لڳو تہ اوهين سڀ هن جي نشان چٽڻ لاء تيار ٿي بهو، آڏ هڪ هڪ کي سڏيندو ويندس. ائين چئي هن پهريائين يڌشٽر کي سڏيو ۽ ساهون بهاري نشان تي نظر ڪري تير ڪمان تي کڻڻ لاء چيو.

پوءِ چيائينس تہ نشان چٽڻ کان اڳ منهنجي سوال جو جواب ڏي.

دروٹا چاريہ۔ تون هي پکي ڏسين ٿو؟

يڌشٽر۔ هائو.

"هيءُ وڻ بہ ڏسين ٿو؟"

"هائو."

"سون کي ءِ هنن راڄڪمارن کي بہ ڏسين ٿو؟"

"هائو."

تڏهن دروٹا چاريہ چيس تہ "بس، تون هاڻي پري ٿي بيهہ." تنهن کان پوءِ ڊريو ڏن ءِ پين راڄڪمارن کي بہ واري وٹيءِ تي سڏي کين ساڳيءِ ريت بهاري ساڳيا سوال ڪيائين، جن جا جواب اُنهن ۾ اهڙائي ڏنا ءِ پاسيرا ڪري بهاريا ويا. نيٺ پنهنجي پياري شاگرد ارجر کي سڏي ڪيائين. ارجن تير ڪمان تي ڪٺي نشان تي نظر جمائي بيٹو.

دروٹا چاريہ پڇيس تہ "پکي ڏسين ٿو؟"

"هائو."

"وڻ ڏسين ٿو؟"

"نہ."

"پکيءَ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڏسين ٿو؟"

"بلڪل نہ."

تنهن تي گروءِ کيس تير ڇوڙڻ لاءِ آگيا ڏنو. حڪم جي دير هئي. تعميل ڪرڻ ۾ دير ڪانہ پيئي.

پکي تير سان چٽجي اچي هيٺ ڪريو. دروڻا چاريه ارجن تي نهايت پرسن ٿيو ۽ کيس ڀاڪر پاتائين.

جڏهن راڄڪمارن جي وديا جو عرصو پورو ٿيو، تڏهن سندن پريکيا ورتي ويئي. اُن وقت راڄ گهراڻي جا سڀ ڀاتي حاضر هئا. يڌ شٽر رٿ هلائڻ ۾ ڪمال ڏيکاريو. ڀيم ۽ دريو ڌن گرزن سان لڙي پنهنجي ساکه ڪڍي. ارجن تيرن هلائڻ جا عجيب عجيب ڪرتب ڏيکاريا. اُن کانپوءِ هٿرادو لڙائي لڳي، جا ڏسي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. جيڪي يڌ جي ميدان ۾ ٿي وهيو واپريو، تنهن جو احوال ودر ڌرتراشٽر کي ٿي ٻڌايو ۽ ڪنتيءَ مهاراڻيءَ گنڌاريءَ کي.

جڏهن سڀا پوري ٿيڻ جو وقت ٿيو، تڏهن رنگ ڀوميءَ جي ٻاهرين دروازي وٽ اوچتو گوڙشور ٻڌڻ ۾ آيو. اُن سان گڏ ڪنهن سورمي جي ٻاڻ جي ٽنڪار پڻ ٻڌڻ ۾ آئي. سڀ اچرج ۾ پئجي اوڏانهن نهارڻ لڳا. ايتري ۾ ڪرن ڏاڍي بم سان اچي نڪتو. هن دروڻا چاريه ۽ ڪرشن کي پرڻام ڪيو. پوءِ ارجن کي آڪڙ مان چوڻ لڳو ”ارجن، تون سمجهندو هوندين ته شستر وديا ۾ تنهنجو ڪو مٽ ڪونهي. پر آءٌ به تو جهڙا حيرت ۾ وجهندڙ ڪم ڪري سگهان ٿو. بهتر ٿيندو ته تون ۽ مان مقابلو ڪريون ته ان ڳالهه جي صفائي ٿئي ته اسان مان زور ڪير آهي“. دريو ڌن سندس پاسو ولي کيس همٿائڻ لڳو. اُن تي ارجن کي ڏاڍو جوش آيو. هو

پنهنجي گروءَ کان آڱيا وٺي يڌ لاءِ تيار ٿيو. پانڊون کيس گلي لائي خوب همٿايو. بس جنٽ پٽ حاضرينن جون ٻه ڌريون ٿي پيون. پانڊؤ، دروڻا چاريه ۽ ڪي ارجن جي پاسي؛ ڪورؤ، اشوٿاما (دروڻا چاريه جو پٽ) ۽ ٻيا ڪرن جي پاسي. ٻئي پهلوان ڀائر اٻوجهائيءَ ۾ هڪ ٻئي جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. اهڙو خوفناڪ واقعو ڏسي ڪرپا چاريه نالي بزرگ هڪڙي اٽڪل ڪري لڙائي ٽاري ڇڏي هن اڳتي وڌي چيو ته ”ارجن راڄڪمار اهي جنهن ڪري رڳو راڄڪمار ئي هن سان لڙي سگهي ٿو. ڪرن ته هڪ سارٿيءَ (رٿبان) جو پاليل پٽ آهي. جيڪڏهن ڪرن اسان کي پنهنجو ڪل ۽ ٻي مٽي مائٽي ٻڌائي ته پوءِ ئي هو ارجن سان يڌ ڪري سگهي ٿو.“ ڀلا ڪرن کي پنهنجي ماتا، پتا ۽ ڪل جي خبر هجي ته ٻڌائي، سو لڄي ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. دريو ڌن چيو ته پهلوان سان ڪوبه پهلوان وڙهي سگهي ٿو. هن ۾ ذات پات جو ويچار رکڻ اجايو آهي. اها دليل بازي پي هلي ته ان وچ ۾ اڌيرٿ کي معلوم ٿيو ته ارجن ۽ ڪرن جي وچ ۾ مؤتمار لڙائي لڳڻ تي آهي، سو يڪدم رنگ ڀوميءَ ڏانهن آيو ۽ پنهنجي ڌرم جي پٽ ڪرن کي سمجهائڻ لڳو. اُن وقت سج به لهڻ هارڪو ٿيو، جنهن ڪري جهيڙو ٽري ويو ۽ زور آزمائيءَ جو ڪم بند ٿيو. ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا ۽ دروڻا چاريه ۽ ارجن جي خاص ساراهه ڪندا پي ويا.

ان زماني ۾ دستور هوندو هو ته جڏهن شاگرد وديا پوري ڪري رهندا هوا، تڏهن اُستاد کان پڇندا هوا ته اسان کي ڪا آگيا ڪريو ته پوري ڪريون. ڪورون ۽ پانڊون پڻ هٿ ٻڌي دروڻا چاريه کي چيو ”مهراج، اسان کي ڪا آگيا ڪريو ته بجا آڻيون.“

دروڻا چاريه جواب ڏنو ته ”اڄ ڪالهه پانچال (پنجاب) تي راجا دروپد راڄ ڪري رهيو آهي. هو ۽ مان گڏ وديا وٺندا هواسون ۽ اسانجو پاڻ ۾ ڏاڍو سنيهه هوندو هو. اسين گڏ کائيندا پيئندا ۽ گڏ راند روند ڪندا هواسون. جڏهن پڙهڻ پورو ڪيوسون، تڏهن هڪ ڏينهن مون راجا دروپد کي چيو ته ”هاڻي اسان جي پريت ڪئن نبهي سگهندي؟ تون راڄڪمار ۽ مان غريب براهمڻ.“ تنهن تي راجا دروپد جواب ڏنو ته ”اهو ڇاٿو چئين؟ مان ته تو کي پنهنجو ڀاءُ ٿو سمجهان. جڏهن مان راجا ٿيندس تڏهن تو کي پنهنجو اڌ راڄ ورهائي ڏيندس.“

ان کانپوءِ اسين ٻئي جدا ٿياسون. آءٌ لڙائيءَ جو فن ۽ هٿيارن جو استعمال سکيس، مگر ان مان منهنجي غريبي نورت ڪين ٿي. نيٺ هڪ ڏينهن مون کي خيال آيو ته دروپد منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي ۽ هاڻي هو راجا آهي. ڇو نه وٽس وڃجي. هو اوس منهنجي سهائتا ڪندو. اهو ويچار ڪري مان دروپد جي دربار ۾ ويس، مگر هوُ اهڙي ڏيکاري ڏيڻ لڳو، جو ڄڻ ته مون کي اڳ ڪڏهن ڏٺوئي ڪين هوائين! ان ڪري مون کي

ڏاڍو رنج ٿيو ۽ مان اڄ تائين ويچار ڪندو رهيو آهيان ته هن پريءَ سڀا ۾ منهنجي اهڙي بيعزتي ڇو ڪئي! اڄ جڏهن اوهان مون کي ڪا آگيا ڏيڻ لاءِ چيو آهي، تڏهن اهو واقعو وري اچي ياد پيو اٿم ۽ مان اوهان کي آگيا ٿو ڏيان ته وڃو ۽ وڃي دروپد کي قيد ڪري اچو.

اهو ٻڌي ارجن گروءَ کي پيرين پئي تير ڪمان ڪٽي پانڇال ديس روانو ٿيو، ڪورؤ ۽ پانڊؤ به سائس وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، پر ارجن چين ته اوهين ناحق ڇوٽا تڪليف وٺو. ان ڪم لاءِ آءٌ اڪيلوئي ڪافي آهيان.

راجا دروپد ڏاڍو بهادر هوندو هو ۽ ڪنهن کان هار ڪين کاڌي هوائين. هو ارجن جي سامهون پيو، پر هن جي تيرن سان پڄي ڪين سگهيو. لاچار هار مڃيائين. ارجن کيس گرفتار ڪيو ۽ هٿ پير ٻڌي پنهنجي گروءَ جي سامهون وڃي ويس. جڏهن راجا دروپد دروٽاچاريه کي ڏٺو، تڏهن کيس پنهنجي غلطي ياد پيئي ۽ شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري نيزاريءَ سان چيائين "دروٽا چاريه، سچ پچ مون کان خطا ٿي آهي، هاڻي مان تو کان معافي ٿو گهران. وري ڪڏهن اهڙو قصور ڪين ڪندس."

دروٽا چاريه نرلوپي براهمڻ هو. کيس دولت جي ڪا پرواه ڪانه هئي. هن ته دروپد کي انجام-شڪنيءَ جي سزا ڏيڻ خاطر سندس گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو هو.

ڪلي چيائينس: ”اي راجا، ڏٺيءَ تہ وڏائيءَ جو ڪنڌ هيٺ ڪري ٿو. وري ڪڏهن آکڙ نہ ڪج ۽ نہ وري ڪو اهڙو انجام ڪج، جو پاڙي نہ سگهين.“ ائين چئي هن ارجن کي حڪم ڏنو تہ ڪيس چوڙي چڏ ۽ وڃ ڏينس. راجا درو پد پوءِ پنهنجي ملڪ هليو ويو ۽ همیشه دروڻا چاريہ جو دوست ٿي رهيو.

باب ٻيو

حسد جي آگ

عمر ۾ وڌڻ سان گڏ پانڊون جي نيڪي به ڏيهون ڏينهن وڌندي رهي. ماڻهو سندن بهادري، وديا ۽ سلڇڻائي ڏسي ساراه مان ڪين ڍاپندا هوا. پانڊون پنهنجي ٻل سان ڪيترن راجائن کي شڪست ڏيئي ڇڏي هئي. ان ڪري ڪورون کي رات ڏينهن اها ئي چوراسي لڳل هوندي هئي ته کين ڪئن ناس ڪجي جو راڄ اسانجي هٿ اچي.

جڏهن يڌشٽر جوان ٿيو، تڏهن ڌرتراشٽر مريادا ۽ ۽ رواج موجب کيس پنهنجو يوراج (تخت جو وارث) مقرر ڪيو. ان ڪري پرجا ڏاڍي خوش ٿي؛ ڇاڪاڻ ته کين خبر هئي ته هڪ ته يڌشٽر تمام نيڪ، گڻوان، سياڻو ۽ نماڻو آهي، ٻيو ته پانڊؤءَ جو وڏو پٽ هئڻ سبب تخت تي سندس حق آهي. درٻارين جي به اها مرضي هئي ته يڌشٽر راجا پڻجي، مگر دريو ڌن اها خبر ٻڌي ته جلي جلي ڪوئلا ٿي ويو. هن کي اها چوراسي

اچي لڳي ته ڪهڙي به حيلي راڄ مون کي ملي. جڏهن رات ٿي ۽ ڌراترشٽر دربار مان موٽيو، تڏهن دريوڌن کيس چيو ته ”اوهان کي ڇا ٿيو، جو پٽ جي هوندي ڀائٽيي کي يوراج مقرر ڪيوءَ؟ ان ۾ منهنجو حق کسيو ويو آهي ۽ مان اها ڳالهه سهڻ وارو ڪين آهيان.“

ڌرتراشٽر کيس ڏاڍو سمجهايو ته راڄ منهنجي ڀاءُ، يڌشٽر جي پيءُ، جو آهي. مون ته يڌشٽر جي ننڍي هئڻ ڪري راجائي ڪاروبار ٿي هلايو. راڄ تي حق يڌشٽر جو آهي.“ مگر دريوڌن جواب ڏنو ته ”ڪيئن به هجي، پر جي راڄ مون کي نه مليو، ته مان آپگهات ڪندس.“

ڌرتراشٽر جو دريوڌن تي ڏاڍو پيار هو سو اها ڌمڪي ٻڌي گهبرائجي ويو ۽ سوچيائين ته دريوڌن ڪنهن به طرح مڃڻ وارو ناهي. لاچار ٿي چيائينس ته ”چڱو وڃ، وڃي شڪني ۽ دشاسن سان صلاح ڪر ۽ ويچار ڪري ٻڌايو ته ڪيئن هيءَ ڪم ڪجي، جيئن ڪارج به نڪري ۽ ماڻهو به برخلاف نه ٿي بهن. جيڪڏهن ڪو اهڙو طريقو نڪري اچي ته مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

انهن ڏينهن ۾ ورڻاوت ۾ هڪ وڏو ميلو لڳڻو هو. دريوڌن پيءُ کي چيو ته ”پنجن پانڊؤ ڀائرن کي اوڏانهن موڪلي ڏيو ته هتي ميدان خالي ٿي پوي.“

اها صلاح ڌرتراشٽر کي ڏاڍي پسند آئي. هن آن

وقت ٿي يڌشٽر کي سڏائي چيو ”پٽ يڌشٽر، تو کي معلوم آهي ته ورٹاوت ۾ هرسال هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي. هن سال به ٽورن ڈينهن پچائا اهو ميلو لڳڻو آهي. ان ميلي جي بندوبست لاءِ اوهان پنج ٿي پائڙ اوڏانهن وڃو. پاڻ سان خزاني مان گهڻ ناڻو کڻي وڃو. جيڪي غريب ۽ دکي ڈسو تن جي سهائتا ڪجو. ان ۾ اوهانجي نيکي نڪرندي. ماڻهو چوندا ته ڪهڙا نه نيڪ ۽ ادارچت راجڪمار آهن، جو غريبن کي پنهنجي هٿڙون مدد ٿا ڪن.“

يڌشٽر ۽ سندس سٹين پائڙن کي ڇڏي سڌ نه اهو سڀ فريب کين تباه ڪرڻ لاءِ آهي. هو ورٹاوت وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. هيڈانهن درپو ڏن پروچن نالي هڪ ڪاريگر کي ورٹاوت موڪلو ۽ کيس سيکاري ڇڏيو ته اتي وڃي پانڊون لاءِ لاک ۽ چربيءَ جو محلات تيار ڪري، مگر اهڙو، جو ظاهري ڪنهن کي لکا نه ٻوي. جڏهن رات جو پانڈؤ ان محل ۾ سمهيا پيا هجن تڏهن محل کي باه ڏني وڃي. مگر اهو راز ڪنهن حي ڪن نه اڇي. ان جي بدلي توکي تمام وڏو انعام ڏيو ويندو

پروچن جلدئي اهڙو محل تيار ڪيو ۽ چاکاڻ ته درپو ڏن سائس انجام ڪيو هو ته جڏهن پانڈؤ جلي ويندا، تڏهن مان توکي ڏڻي ڇڏيندس. مگر ڪنهن نموني ودر کي ان گهالهه جي ڪڙڪ پئجي ويئي. ودر پانڈؤن جو گهٽگهرو هو. سو هن يڌشٽر کي سمجهائي ڇڏيو

تہ جيڪو محل اوهان جي رهڻ لاءِ ٺهرايو ويو آهي سو سن، لاکہ ۽ چربيءَ جو آهي ۽ ان کي باه ڏيڻ لاءِ منصوبو رٿيل آهي. تنهنڪري اوهين خبرداريءَ سان رهجو ۽ رات جو وجهہ وٺي اتان نڪري وڃجو.

پانڊون ۽ سندس ماءُ ڪنتيءَ ودر جو شڪر ڪيو ۽ ورڻاوت هليا ويا. اُتي ماڻهو کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ڀلا اُنهن کي ڪهڙي سڌ تہ ڪو ظالم دريو ڌن کين مارائي ڇڏڻ جي سٽ سٽي آهي. پانڊؤن اها ڳالهہ ڪنهن سان ڪين ڪئي. نيٺ رات جو پنج ئي ڀائر ماءُ سميت محل کان ٻاهر کسڪي ويا ۽ براهمڻ جو ويس پهري جهنگل ۾ هليا ويا. پروچن ان رات محل کي باه لڳائي اتفاق سان ان رات هڪ غريب زال پنجن پٽن سان پانڊون جي محل ۾ دان وٺڻ آئي هئي. محل خالي ڏسي اتي ئي سمهي پيا ۽ رات جو جڏهن محل کي باهہ لڳي تڏهن جلي مري ويا. پروچن ۽ دريوڌن کي پڪ ٿي تہ ڪنتي ۽ پانڊؤ جلي ويا. پر راکي رام تہ ماري ڪؤن؟ دريوڌن خوش هو تہ رستي جا سڀ ڪنڊا دور ٿيا. انڌي ايترو تہ نہ ڄاتو تہ هيءُ ڪنڊا، جي هٿن سان پوکيان، تن جو ڦل بہ تہ مون کي ئي ڀوڳڻو پوندو.

پانڊؤ گهمندي ڦرندي اهڙي شهر ۾ پهتا، جتان جو راجا هڪ راڪس جو زير دست هو. راجا ڏهاڙي راڪس ڏانهن هڪ آدمي موڪليندو هو، جنهن کي هو کائي ڇڏيندو هو. راجا اهو قاعدو مقرر ڪري ڇڏيو هو تہ

شهر مان واري واري هڪ آدمي ان ظالم آدم- خور راکس لاءِ موڪليو وڃي. اتفاق سان جنهن گهر ۾ پانڊؤ وڃي رهيا، ان رات ان گهر جو آدمي موڪلڻ جو وارو هو. ان گهر ۾ فقط چار پاتي هوا. هڪ براهمڻ، بي سندس زال، ٽين سندس ڪنواري ڪنيا، چوٽون سندن پوٽو. انهن چئن جڻن جو پاڻ ۾ اچي جهيڙو لڳو ته ڪير راکس جي خوراڪ ٿيڻ لاءِ وڃي. براهمڻ ٿي چيو ته مان گهر جو سڀني کان وڏو آهيان. ۽ گهر جي سنڀال ڪرڻ منهنجو ڏرم آهي؛ ان ڪري مان مرڻ ويندس. براهمڻي ٿي چيو ته استريءَ جو ڏرم آهي ته پنهنجي پتيءَ کي اؤکي ۾ مدد ڪري؛ ان ڪري هن وقت اهو منهنجو ڏرم آهي ته اوهانجي مٿان مان پنهنجي جان قربان ڪريان. چوڪريءَ ٿي چيو ته اڳي ڪي پوءِ مونکي پيڪو گهر چڏڻو آهي؛ تنهن کان اڄ ئي چو نہ پنهنجي خوشيءَ آهو چڏي سرهي ٿيان. باقي بچيو نينگر. اهو سڀني کان ننڍو هو. ان ٿي چيو ته اوهين اجايو ٿا ڪٿي ڪريو. مان ان راکس کي ماري چڏيندس. اها ڳالهه ٻڌي سڀ ڪنڌ لڳا. ڪنتي وٽن وڃي چيو ته اوهين کو آلکو نہ ڪريو. مون کي پنج پٽ آهن. مان انهن مان هڪ کي راکس وٽ موڪلي ڏيندیس.

براهمڻ چيو ته ائين ڪيئن ٿيندو. اوهين اسانجا مهمان آهيو. اسانجو فرض آهي اوهان جي شيوا ڪرڻ ۽

نہ اوهان کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ. ائين تہ اسانجي ڪل تي ڪلنڪ لڳي ويندو!

ڪنتيءَ کين سمجهايو تہ ”منهنجا پٽ وڏو بهادر آهي ۽ هو راڪس کي ضرور ماري ڇڏيندو، جنهنڪري نہ رڳو اوهانجو ڀاتي بچي پوندو. پر ساري شهر تان اها آفت هميشہ لاءِ ٽري ويندي.“

براهمڻ ۽ سندس گهر جي ڀاتين کڻي ماٺ ڪئي. ڀيم رڌل چانورن جو ديگڙو کڻي اوڏانهن ويو، جتي ڏهاڙي راڪس ايندو هو. ڀيم اتي پهچي چؤطرف نهاريو، پر راڪس جو پتو ڪونہ پيو. ڀيم ويچار ڪيو تہ جيسين راڪس اچي، تيسين مان ئي چانورن جي صفائي ڇو نہ ڪري ڇڏيان. اهو ويچار ڪري مزي سان چانور کائڻ لڳو. اهي چانور هوند ڪيترن ماڻهن جو قوت ٿين ها، مگر ڀيم وڏو پيٽوري هوندو هو. هو ٿوريءَ دير ۾ سڄو ديگڙو چانورن جو کائي ويو ۽ اُتي هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو. ايتري ۾ اُهو راڪس اچي سهڙيو ۽ ديگڙو خالي ڏسي پڇڻ لڳو تہ چانور ڪيڏانهن ويا؟

ڀيم- اُهي تہ مون کائي ڇڏيا.

راڪس- (ويچارا ڏيئي) کائي ڇڏيا! خبر نہ اٿيئي تہ اڄ مان توکي ڪچو کائي ڇڏيندس؟ چڱو ڪيءَ، جو پڇاڙيءَ پيٽ تہ ڀريءَ.

ڀيم- تون مون کي کائيندين يا مان توکي ماريندس، ان جي صفائي بہ اڄ ٿيندي.

هونءَ جيڪو ماڻهو ايندو هو سو راڪس کي ڏسي پيو ٿڙٿڙ ڪنيندو هو، سندس ڄاڙيون ئي مڙي ويندڀون هيون. اڄ ڀيم جي واتون اهڙو بي ڌڙڪ جواب ٻڌي راڪس حيران ٿي ويو. تعجب ۾ پئجي پڇيائينس ته ”تون ڪير آهين؟“

ڀيم چيس ته ”اول تون ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين.“

”مان راڪس آهيان.“

ڀيم- ”مان مها راڪس آهيان.“

راڪس تڏهن پڇيس ته ”مها راڪس ڪير ٿيندو آهي؟“

ڀيم- پهريائين تون ٻڌاءِ ته راڪس ڇا ٿيندو آهي.

”جيڪو ماڻهن کي کائي وڃي سو راڪس سڏبو آهي.“

”۽ جيڪو راڪسن کي کائي وڃي، تنهن کي مها راڪس سڏبو آهي.“

اهو ٻڌي راڪس ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو. ان وقت ڀيم للڪار ڪري چيس ته ”متان گيدي ٿي ڀڳو آهين. اچ، اچي مون سان ڪشتي لڙ ته خبر پوئي ته ڪير ڏاڍو آهي.“ ائين چئي ڀيم راڪس کي ڳچيءَ کان جهليو. راڪس جي مرضي هئي ته ڀڄي جان بچايان. مگر ڀيم جي هٿان جند ڪيئن ڇڏائي. نيٺ ڪشتي شروع ٿي. ڪجهه دير تائين راڪس لڙندو رهيو، مگر ٿڪجي سهڪي ۾ پئجي ويو. پوءِ ته ڀيم کيس مٿي

کڻي خوب زور سان زمين تي هڻي ڌڪ ڏنس ۽ ڪنڌ ڀڃي ڇڏيائينس. راڪس ڪيڪراٽ ڪندو اتي ئي مري ويو. ڀيم خوش ٿي موٽي گهر وڃي سمهيو. صبح جو جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيو ته راڪس رات جو مارجي ويو، تڏهن ڏاڍيون خوشيون منائڻ لڳا، پر کين پتو ڪين پيو ته راڪس کي ڪنهن ماريو آهي.

باب ڏيون

دروپدي ۽ جو سويمبر

ان ريت ڪجھ ڏينھن گذريا. پانڊؤ ويس بدلائي جدا جدا شھرن ۾ گذارڻ لڳا. ھڪ ڏينھن ڪين معلوم ٿيو تہ پانچال ملڪ جي راجا دروپد جي سڏ ڪنيا دروپدي ۽ جو سويمبر ٿيڻ وارو آھي، جتي پري پري جا راجائون ۽ امير وڃڻا آھن. اھو ٻڌي پانڊون کي بہ شوق جاڳيو تہ اسين بہ ھلي اھو سويمبر ڏسون. انڪري ھو ماءُ سميت اوڏانھن روانا ٿيا، پر ھو براھمڻڪي ويس ۾ ھوا، ان ڪري ڪين ڪنھن ڪين سڃاتو. سويمبر ۾ دريو ڌن، ڪرن، شڪني ۽ سپ ڪورؤ آيا ھوا. دوارڪا مان سري ڪرشن ۽ سندس ڀاءُ بلرام ۽ ٻيا ڪيترا بھادر راجائون بہ آيا ھوا. ھرھڪ کي اميد ھئي تہ دروپدي ۽ جو وھانءُ مونسان ٿيندو. جڏھن سويمبر جو ڏينھن آيو، تڏھن ساري شھر ۾ ڏوم مچي ويئي. دربار خوب سينگاري ويئي. راجائون ۽ امير پنھنجي پنھنجي درجي آھر سينگاريل جاين تي ويٺا ھوا. وچ ۾ ھڪ ڦگھو ٽنگيو ھو، جنھن جي

چوٽيءَ تي هڪ چڪرو ڦري رهيو هو- اُن جي پاسي ۾ هڪ هٿرادو مڇي لڳل هئي- زمين تي ٿنڀي سان لڳو لڳ تيل جو هڪ برتن رکيل هو- سويمبر جو اهو شرط هو ته جيڪو سويمبر مٿي ڏسڻ کانسواءِ ان ڦرندڙ مڇيءَ جو پاڇو ڏسي مڇيءَ جي اک ۾ تير جو نشان ڪندو، تنهن سان دروپديءَ جو وهانءُ ٿيندو- اهو شرط اهڙو ڪٺن هو جو ڪيترن راجائن جي بروقت ئي همت هارجي ويئي- جڏهن سويمبر جو وقت ٿيو، تڏهن دروپدي ڀاءُ سان سڀا ۾ آئي- پوءِ راجا دروپد بلند آواز سان چيو جيڪو سورمو مڇي جو پاڇو ڏسي سندس اک ۾ تير جو نشان ڪندو سو دروپديءَ جو گهوٽ ٿيندو.

اهو ٻڌي واري واري سان ڪيترا راڄڪمار اُٿيا، مگر ڪنهن جي به تير مقرر نشان ڪين چٽيو- جڏهن آهي شرمسار ٿي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي وڃي ويٺا، تڏهن ڪرن اُٿي اڳڀرو وڌيو- پر دروپديءَ جهٽ پٽ چئي ڏنو ته ”مان سارٿيءَ جي پٽ سان ڪين پرڻبس“ اها ڳالهه ٻڌي ڪرن لڄي موٽي وڃي پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺو- نيٺ (بدليل ويس ۾) ارجن اٿيو- کيس ڏسندي ئي براهمڻن جي قطار ۾ شور مچي ويو- ڪي چوڻ لڳا ته هروڀرو براهمڻن کي ٿو بدنام ڪري- جو ڪم بهادر کتري نه ڪري سگهيا، سو هڪ براهمڻ کان ڪيئن پڄندو؟ ڪن چيو ته جڏهن پاڻ ۾ سامرٿي ساري اٿس تڏهن ته اُٿيو آهي- صبر ڪري ڏسو ته ڇاٿو ٿئي- ڪن

چيو ته پرسرام به ته برهمڻ هو- پوءِ ڪين هن ڪترين جي لاڪ لاهي چڏي؟

ارجن انهن پڪن جي ڪا پرواهه ڪين ڪئي ۽ گنپر ٽي اڳتي وڌندو رهيو- سڀ راجائون ۽ راڇڪمار حيران هوا ته ڏسجي ته ڇاٿو ٿئي- ايتري ۾ ارجن ٽنهي وٽ پهتو- هن تير ڪمان هٿ ۾ ڪنيو- پر ماتما ۽ گروءَ جو ڌيان ڪيو ۽ سر جهڪائي، تيل جي برتن ۾ ڦرندڙ مڇيءَ جو پاڇو ڏسي، تير ڇوڙيو ته نڪ تير وڃي مڇيءَ جي اک ۾ لڳو!! چؤڌاري واهه واهه پئجي ويئي- براهمڻ ته بود ۾ پرجي ڪڇيون مارڻ لڳا ۽ ارجن کي آسيسون ڏيڻ لڳا، مگر راجائن کي ساڙ وئي ويو- انهن ڇيو ته ڪتري راجائن جي هوندي هڪ براهمڻ راج ڪنيا پرڻجي وڃي اها اسانجي گهٽتائي آهي، ان ڪري براهمڻ جي پڇائي ڪرڻ گهرجي؛ پر اڳيان به ارجن هو- هو تير ڪمان سنڀرائي بيٺو- ساڻس گڏ پيم به پنهنجو گدا ڪڍي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي بيٺو سندن ڪرڙو رخ ڏسي راجائن جا ڊيڊر ڊرا ٿي ويا- رڳو ڪرن اڳتي وڌي لڙڻ لڳو، مگر جلد ٿي ساڻو ٿي سهڪڻ لڳو- عاجزيءَ سان چيائين "براهمڻ، منهنجي مقابلو ارجن کانسواءِ اڄ ٽائين ڪو ڪونه ڪري سگهيو آهي- سچ ٻڌائي ته تون اهڙو ٻلوان ڪير آهين؟"

ڪيس ڪهڙي خبر ته براهمڻ جي لباس ۾ سچ پچ ارجن ٿي ڪيس شڪست ڏيئي رهيو هو- هن جواب ڏنس

ته ”ان سان تنهنجو ڪهڙو مطلب؟ جي تو کي پنهنجي ٻل تي بانور آهي ته اچي مون سان مقابلو ڪر، نه ته پٺتي هٽي وڃ“

راجائن ڏٺو ته جي ڪرن ضد ڪندو ته مارجي ويندو؛ ان ڪري اُنهن سندن ٺاه ڪرايو ۽ چوڻ لڳا ته هن براهمڻ ئي سويمبر جو شرط پورو ڪيو آهي، ان ڪري دروپديءَ تي سندس حق آهي. ڪنهن کي به ان تي اعتراض نه هئڻ گهرجي- اهو ٻڌي ڪرن شرمسار ٿي وڃي ويٺو پوءِ سندر راڄڪماري دروپديءَ گلن جو هار براهمڻ (ارجن) جي ڳچيءَ ۾ وڌو، جنهن جو مطلب هو ته تون منهنجو پتي تي چڪين.

مگر راجا دروپد کي ڏاڍو ڏک هو- سندس مرضي هئي ته دروپديءَ جو وهانءُ ارجن سان ٿئي، ان ڪري ئي هن سويمبر جو شرط اهڙو ڪٺن رکيو هو؛ ڇاڪاڻ ته سندس خيال هو ته ارجن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي مجال ناهي جو ان شرط جي پورائي ڪري سگهيءِ وهانءُ ته سک سان پورو ٿيو، پر دروپد کي چورا کورا ٿي پيٺي ته خاطري ڪرڻ گهرجي ته هيءُ براهمڻ تيراندازيءَ ۾ اهڙو ماهر هجي، سا ڳالهه وسهڻ جهڙي نه هئي- ان ڪري هن پنهنجي پٽ کي سندن ديري تي موڪليو ته سماءُ لهي اچي ته هو درحقيقت ڪير آهن- شام جو دروپد جي پٽ اچي پيءُ کي اها خوشخبري ٻڌائي ته اِهي براهمڻ پانڊؤ آهن ۽ دروپديءَ جو گهوٽ سوبير

ارجن ئي آهي- اِهو ٻڌي دروپد گدگد ٿيو ۽ ڊوڙندو پانڊون وٽ ويو- يڌشٽر کيس پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي- جڏهن دروپد دريوڌن جي دوکي جي ڳالهه ٻڌي، تڏهين کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي- جوش ۾ ڀرجي چيائين ته ”مان اوهان کي اوهانجو تخت ۽ تاج موٽائي وٺي ڏيندس ۽ ضرورت وقت ڪي به قربان ڪرڻ کان پٺتي ڪين هٽندس.“

هوڏانهن ڪورون کي به پتو پيو ته پانڊؤ جلندڙ محل مان بچي ويا آهن ۽ ارجن سويمبر ۾ راڄڪماري دروپدي کٽي آهي- اهو ٻڌي هو ڏاڍو غمگين ۽ حيران ٿيا- دريوڌن ڪرن ۽ شڪني جي صلاح سان راجا ڌرتراشٽر کي چيو ته موڪل ڏيو ته پانڊؤن سان يڌ ڪريون- ڀيشم، ودر ۽ دروڻا چاريه وري راجا کي صلاح ڏني ته پانڊؤن ۽ ڪورون جي لڙائي اوهانجي ڪل ناس ڪري ڇڏيندي- ان ڪري اسانجي مرضي آهي ته اوهين پنهنجي رضا خوشيءَ سان پانڊؤن کي اڌ راڄ ڏيئي هميشه لاءِ جهڳڙو مٽائي ڇڏيو.“

مگر دريوڌن ۽ ڪرن چيو ”هرگز نه- اڌ راڄ ته ٺهيو پر اسين کين هڪ ڳوٺ به نه ڏينداسون ۽ کين هڪالي جهنگل ۾ ڀڄائي ڇڏينداسون-“ ڳچ دير تائين بحث ٿيندو رهيو- نيٺ اهو فيصلو ٿيو ته پانڊؤ به راجائي ڪل مان آهن، ان ڪري کين راڄ مان اڌ حصو ڏيڻ گهرجي، نه ته هو لڙڻ لاءِ تيار ٿيندا- دريوڌن چيو ته

هن وقت نہ وٽن فوج آهي، نہ خزانہ۔ اهڙيءَ حالت ۾ لڙائي ڪيئن ڪندا؟

ودر جواب ڏنو تہ اها اوهانجي غلطي آهي۔ اڳ تہ هو اڪيلا هوا۔ پر هاڻي تہ راجا دروپد بہ سندن ٻانهن ٻيلي ٿيو آهي ۽ مون اهو ٻڌو آهي تہ سري ڪرشن سان بہ سندن دوستي ٿي آهي ۽ اسانجي پرجا بہ دل ڪري کين چاهي ٿي؛ ان ڪري هاڻي هو گهٽ نہ سمجهڻ گهرجن۔ نيٺ ڌرتراشٽر اهو فيصلو ڪيو تہ پانڊون کي سڏائجي ۽ اڌ راڄ ڏنو وڃي۔ تڏهن سوال پيدا ٿيو پانڊون کي سڏڻ لاءِ پانچال ڪير وڃي۔ ڌرتراشٽر ڪيترن اميرن، وزيرن جا نالا ورتا، مگر انهن سڀني انڪار ڪيو؛ ڇاڪاڻ تہ کين خطرو هو تہ متان راجا دروپد مارائي ڇڏي۔ نيٺ ودر اهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو، جو وڃي پانڊون کي پرچائي وٺي آيو۔ ڌرتراشٽر کين اهو پرڳڻو ڏنو جو اندر پرست سڏبو هو۔ هيءُ علائقو ان وقت بلڪل ويران هو، پر پانڊون جي آئي رونقدار ٿي پيو۔ يڌشٽر ڀڳل حصي جي مرامت ڪرائي، نئين فوج ڀرتي ڪئي ۽ طرح طرح جا هٿيار ٺهرايا قلعا جوڙايا، بازار بڻائي، ٿوري ٿوري مفاصلي تي باغ رکايا، کوهہ کوٽايا، مسافرخانہ جوڙايا۔ نتيجو اهو نڪتو جو دور دور جا ماڻهو اچي اتي رهڻ لڳا ۽ اِندر پرست زبردست ۽ رونقدار علائقو بڻجي ويو۔ دريوڌن ۽ سندس ڀائرن تہ پانڊون کي چونڊي ڦٽل پرڳڻو ڏنو هو پر کين ڪهڙي

سڌ ته پانڊون پنهنجي عقل، محنت ۽ برجا جي پرگهور سان ان کي اهڙي پڌ ٿي آڻيندا جو سندن هٿ هيٺ شهرن جي خلق به وڃي اتي رهندي. ارجن تيرٿ ياترا لاءِ ويو. رستي ۾ سري ڪرشن سان سندس ملاقات ٿي هو کيس دوارڪا وٺي ويو، جتي پنهنجي ڀيڻ سڀدار جي مرضيءَ موافق سندس وهانءُ ارجن سان رچايائين.

هڪ ڀيري اهڙو اتفاق ٿيو، جو ارجن جهنگل ۾ گهمندي مايا نالي هڪ آدميءَ کي بڙندڙ باه مان بچائي ورتو. هيءُ شخص قابل انجنير هو ۽ زمين جي مٽي ڏسي پوريل مال جو پتو پئجي ويندو هوس. هن ارجن کي چيو ته تو منهنجي جان بچائي آهي. ان ڪري منهنجي مرضي آهي ته اوهانجي احسان بدلي مان اوهانجي ڪا شيوا ڪريان. ٻڌايو ته ڇا ڪريان.“

ارجن جواب ڏنس ته ”مون کي ڪنهن شيوا جي ضرورت ڪانهي. تون وڃي نيڪ ٿيءُ ۽ ٻين سان نيڪي ڪر.“ مگر مايا ڪين مڙيو. هن ارجن کي چيو ته مان اوهانجي خدمت ضرور ڪندس. جي آگيا ڪريو ته مان اوهان لاءِ محل اڏايان، جنهن جو ثاني سڄي سنسار ۾ نه هوندو ۽ اُن ۾ گهڻيون ئي اهڙيون اچرج ڀريون خوبيون هونديون، جي ٻئي ڪنهن به محل ۾ نه هونديون. مان ان محل لاءِ اوهان کان پائي پيسو به ڪين گهرندس، ڇاڪاڻ ته مون کي هڪ اهڙيءَ جڳهه جو پتو پيو آهي، جتي بي شمار هيرا ۽ جواهر پوريا پيا آهن. اها

سڀ دولت آءٌ اوهان جي حوالي ڪندس.“ ائين چئي مايا هليو ويو ۽ پوريل مال کڻي واپس آيو. هن چوڏهن مهنن ۾ محل ٺهرائي پورو ڪيو ۽ جڏهن محل جڙي راس ٿيو، تڏهن باقي دولت پانڊون کي ڏيئي هليو ويو. پانڊون اُن محل جو نالو ”مايا سڀا“ رکيو.

هيءُ محل اهڙو شاندار ۽ سندر هوندو هو، جو جيڪو ڏسندو هو، سو واهه واهه ڪندو هو. اُن زماني ۾ نارد نالي مشهور رشي هوندو هو. هو ڏينهن رات سير ڪندو وتندو هو جڳت جو ڪوبه اهڙو ٽڪر نه هو، جو هن نه ڏٺو هجي. هڪ ڏينهن نادر يڌ شٽر جي درٻار ۾ آيو ۽ نئون محل ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. هن چيو ”اي راجا، مان سڄي جهان جو رٽن ڪيو آهي پر اهڙو عمدو محل ڪٿي به ڪونه ڏٺو اٿم. ان کان پوءِ نارد يڌ شٽر جو خزانه ۽ فوج ڏسڻ جو ارادو ظاهر ڪيو يڌ شٽر وڏيءَ خوشيءَ سان اهي ٻئي شيون ڏيکاريون. نادر چيو، يڌ شٽر تون بيشڪ زبردست راجا آهين. تنهنجو لشڪر به ڏاڍو بهادر آهي. تو وٽ ڌن دولت جي به ڪمي ڪانهي. ان ڪري منهنجي صلاح آهي ته تون راجسويه يگه ڪر، جنهن ۾ ساري ڀارت ۾ تنهنجو جس ٿئي.“ اهو ٻڌي يڌ شٽر سري ڪرشن کي سڏايو ۽ کيس ٻڌايائين ته نارد هيءَ صلاح ڏيئي رهيو آهي. اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي.

سري ڪرشن جواب ڏنو ته صلاح تمام چڱي آهي،

مگر توکي معلوم هئڻ گهرجي ته اهو يگه آهو ئي ڪري سگهندو جو سڀني راجائن جو سرومڻي هجي ۽ ٻيا سڀ راجائون جنهن جي زير دستي قبول ڪري چڪا هجن. ڀارت ۾ هن وقت هڪ راجا جراسنڌ اهڙو ٻلون آهي جو تنهنجي زيردستي ڪداچت قبول ڪين ڪندو. ان ڪري پهرين کيس مارڻ گهرجي. جيتوڻيڪ کيس مارڻ آسان نه آهي تنهن هوندي به مان، ڀيم ۽ ارجن گڏجي ماريندا سون. تون آلڪو نه ڪر ۽ منهنجي موٽڻ جو انتظار ڪر.

ائين چئي سري ڪرشن، ڀيم ۽ ارجن ٽيئي جراسنڌ جي شهر ۾ هليا ويا. آتي پهچي ڀيم راجا جراسنڌ کي ڪشتي لڙڻ لاءِ للڪاريو. جراسنڌ وڏو سورمو هو ۽ هو ڀيم سان ڪشتي لڙڻ لاءِ تيار ٿيو. اهو مقابلو ڪيترا ڏينهن جاري رهيو. نيٺ جراسنڌ مارجي ويو. ۽ وٽس قيد ٿيل ٨٦ راجائون آزاد ٿي پانڊؤن جاڳڻ ڳائيندا پنهنجي ملڪن ڏانهن ويا. هاڻي ڪنهن جو خوف نه رهيو. يڌشٽر راجسويه يگه جو اعلان ڪيو. سري ڪرشن، ڀيم، ارجن ۽ ٻيا تيارين ۾ مشغول رهيا. ڌرتراشٽر، دريوڌن ڪرن ۽ ودر پڻ يگيه ۾ شريڪ ٿيا. جڏهن يگيه پورو ٿيو، تڏهن ٻيا راجائون ته پنهنجي پنهنجي ملڪ موٽي ويا، مگر دريوڌن ۽ سندس مامو شڪني اتي ترسي پيا. اندر پرست جهڙي رونق پلا هستناپور ۾ ڪٿا آئي. ٻنهي ڏٺو ٿي ۽ ڏسي ڏسي حيران ٿي ٿيا.

—

باب چوٽون

خانم خراب جوا

هڪ ڏينهن پسم، دريوڏن ۽ شڪنيءَ کي پنهنجي محل 'مايا سپا' جو سير ڪرائڻ نڪتو. هيءُ اهوئي محل هو، جو مايا تمار ڪيو هو ۽ جنهن ۾ هن پنهنجي ڪاريگريءَ سان عجيب عجيب رنگ رچايا هئا. ٽيئي ڄڻا گهمندا ڦرندا هڪ تلاءَ وٽ پهتا، جو ڪنن ڪرتار هو. دريوڏن ۽ شڪني ڏهي ڪپڙا لاٿا ۽ اشنان ڪرڻ جي ارادي سان تلاءَ ۾ گهريا. مگر اهو ڏسي سندن حيرت ۽ شرمساريءَ جي حد نه رهي ته اهو ظاهر تلاءُ در حقيقت سڪل زمين هو. قابل انجنير زمين تي شيشو هڻي اهڙي هنري رمز رکي هئي جو ڏسندڙ کي ائين نظر اچي ته هيءُ پاڻيءَ سان ڀريل تلاءُ آهي، جيتوڻيڪ آتي پاڻيءَ جو ڦڙو ڪونه هو. دريوڏن ۽ شڪني شرمندا ٿي ڪپڙا پاڻي اڪٻتي هليا. ٿورو اڳهرو وڌيا ته هڪ زمين جو اهڙو ڏکر نظر آيو، جنهن تي سبز گاه جي ساوڪ هئي. دريوڏن ۽ شڪني ڏکجي پيا هئا. آرام ڪرڻ

لاءِ اُتي وهڻ لڳا، مگر پير پائڻ شرط غوطا کائڻ لڳا. سچ بچ اهو هڪ تلاءُ هو، جنهن جو مٿاڇرو ڪاريگر اهڙو ٺاهيو هو، جو پريان ته ٺهيو، پر ڀرسان به سبز گاه سان ڇانيل زمين جو ٽڪر ٿي ڏٺو. ڀيم کلي چين ”ڇو ڀائي، پاڻيءَ ۾ ڇو ٽپي پيا؟ اچو ته مان اوهان کي باهر ڪڍان.“ اها ٺٺولي بڌي دروڌن سڙي ويو. هڪ ته اڳئي پانڊون جو دشمن هو، ويتر سندن اؤج ۽ هيءُ محل ڏسي جلي ڪباب ٿي ويو. وري ٿورو اڳڀرو وڌيا ته هڪ دروازو نظر آيو جو بلڪل کليل هو. دريوڌن اندر وڃڻ لڳو ته سندس مٿو وڃي ڀت سان لڳو. اصل ۾ اهو دروازو نه هو، پر دروازي جي تصوير هئي؛ ۽ اهڙي ڪمال جو جيڪو به ڏسي سو دوکو کائي وڃي. مٿان بالا خانه ۾ دروپدي ويٺي هئي. جڏهن هن اهو تماشو ڏٺو تڏهن وڏو ٽهڪ ڏيئي کلي چوڻ لڳي ته ”ڀلا نظر وري ڪئن پونديس. نيٺ به ته سورداس ٻيءُ جو پٽ آهي.“ اهو طعنو دريوڌن کي تيز تير جيان چڀي ويو. هن ظاهري ته ڪين ڪڇيو، مگر دل ۾ فيصلو ڪيائين ته هن جو بدلو دروپديءَ کان نه ورتم ته منهنجو نالو دريوڌن ناهي. ويچاريءَ دروپديءَ کي ڪهڙي سڌ ته ڪو دريوڌن ايترو ساڙ سانڍيندو ۽ کل مسخريءَ جي هڪ طعني جو نتيجو مون کي اهڙو ڀيانڪ ڀوڳڻو پوندو!

ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ دريوڌن ۽ شڪني هستناپور موٽي ويا. اتي پهچڻ شرط دريوڌن شڪنيءَ سان صلاح

ڪئي تہ پانڊون کي ڪھڙيءَ طرح تباھہ ڪجي. دغاباز شڪنيءَ جواب ڏنو تہ لڙائيءَ ۾ تہ مٿن سوڀ پائي ڪين سگھنداسون. باقي ھڪڙي طريقي سان کين برباد ڪري سگھيو ۽ اھو ڍنگہ ھيءُ آھي تہ اسين يڌشٽر سان جوا کيڏون. يڌشٽر کي جوا جو شوق آھي، پر ھو جوا جون اٽڪلون ڪين ڄاڻي. جيڪڏھن مھا راجا ڌرتراشٽر موڪل ڏئي تہ مان ھڪ ڏينھن ۾ پانڊون جي ساري ملڪيت کٽي سگھان ٿو."

اھو ٻڌي دريوڌن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڌرتراشٽر وٽ وڃي چيائين تہ "مرضي آھي تہ پانڊون کي ھستناپور گھرائجي ۽ يڌشٽر سان جوا کيڏجي. ان نموني اسين سندن بي شمار دولت آسانيءَ سان ھٿ ڪري سگھنداسون."

ڌرتراشٽر کيس ڏاڍو سمجھايو تہ "تو پانڊن سان ھروڀ و ڇو پائي کئي آھي؟ ھو تنھنجا ڀائر آھن ۽ تو کي سندن آسودگيءَ تي خوش ٿيڻ کپي. مگر دريوڌن اھا نصيحت ھڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏي ۽ پنھنجي ھٺ تان ڪين لٿو. لاچار ڌرتراشٽر کي دريوڌن جي رٿ قبول ڪرڻي پيئي ۽ چانڊو نوتوملڻ تي ڏاڍا پرسن ٿيا. ھن سمجھيو تہ ھائي دريوڌن جو حسد ڍرو ٿيو ٿو ڏسجي، جو ھن پيءُ کي چئي اسان کي ھستناپور گھرايو آھي. انھن ويچارن کي ڪھڙي سڌ تہ ان نينڊ جي اندر سندن تباھيءَ جي تدبير لڪل ھئي. ھو خوش ٿيندا ھستناپور روانہ ٿيا ۽ دروپديءَ کي بہ پاڻ سان وٺي ويا.

هستناپور ۾ ڪجهه ڏينهن ته سندن آجيان ۾ خوب جشن جلسا ٿيا. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن دريوڌن وجهه وٺي يڌشٽر کي جوا کيڏڻ لاءِ چيو. يڌشٽر کي هونءَ ته جوا کيڏڻ جو شوق هو، پر اُن وقت مرضي ڪان هئس. کيس ڄاڻ هئي ته جوا مان قوم ۽ ملڪ چٽ ٿي ويندا آهن. ان ڪري هن جواب ڏنو ته منهنجي جوا کيڏڻ جي مرضي ناهي. مگر دريوڌن چيس ته ان ۾ ڪهڙو اهم آهي. راجائن ۾ جوا کيڏڻ جو عام رواج آهي اسين به چار داؤ کيڏنداسون ته ڪهڙي ڳالهه آهي. اوهان وٽ دولت جي ڪمي ته ڪانهي." يڌشٽر هر کجي ويو جوا کيڏڻ لڳو. ڌرتراشٽر، ڀيشم، ودر، دروڻا چاريه ۽ ٻيا ويٺا هئا. مگر شڪني وڏو مڪار هو. کيس ڍاري اڇين جي اهڙي رمز هئي جو کيس ڪوبه بازي جيتي ڪين سگهندو هو. پهريائين ڪجهه داؤ يڌشٽر کٽيا. اها به شڪنيءَ جي رمز بازي هئي، ان لاءِ ته جيئن يڌشٽر کي شڪ نه پوي. ان کان پوءِ يڌشٽر جي هار شروع ٿي. مگر جئن جئن هارائيندو ويو، تئن تئن سندس خار وڌندا ويا، تان جو هيرا جواهر، خزانه، هاٿي، گهوڙا، رٿ ۽ زيور سڀ هارائي چڪو. هونءَ ته يڌشٽر تمام سياڻو، نيڪ ۽ ڌرماتما هو، مگر ان وقت جوا جي هار ۾ جواري سمجهندو آهي ته من هي داؤ کٽان، من هيءُ کٽان. ائين ڪندي ڪندي هو پنهنجو ڀونگو ڀينگه ڪندو آهي. ساڳيو حال يڌشٽر جو ٿيو. هو غصي ۾

مست ٿي جوا کيڏندو رهيو. اهو حال ڏسي ودر چيو ”راجا ڌرتراشٽر! دريوڌن اوهان جي ڪل جو ڪلنڪ آهي. هو اوهان جي گهراڻي جو نالو نشان مٽائي ڇڏيندو ۽ پاڻ کي به مصيبت ۾ وجهندو؛ ان ڪري بهتر آهي ته جوا بند ڪئي وڃي. مگر جوا بند ڪين ٿي سگهي. ان لاءِ ته اڳيئي سٽ سٽيل هئي. دريوڌن چيو ته اسين پاپ ڪونه ٿا ڪريون. جوا قسمت جي بازي آهي. جنهن جي قسمت زور آهي سوئي کٽي.

ودر وري به سمجهايو، مگر ڌرتراشٽر پنهنجا ڪن ٻوڙا ڪري ڇڏيا. جوا وري چالو ٿي. هن ڀيري يڌشٽر زمين، قلعا شهر سڀ هارايا. ان کان پوءِ سندس ڀائرن ۽ سندن شخصي ملڪيت جو وار آيو. اهي به هارائين پوءِ يڌشٽر پاڻ تي داؤ لڳايو. شڪنيءَ اهو به کٽيو. تڏهن يڌشٽر ڪنڌ هيٺ ڪري چيو ته ”هاڻي مون وٽ ڪي ڪين بچيو آهي“ شڪنيءَ ڏند ڪڍي چيس ته باقي دروپدي بچي آهي ان تي ڇو نه ٿا داؤ لڳايو؟ ممڪن آهي ته اوهين کٽو.“ ودر، ڀيشم ۽ دروڻا چاريه اشارن ۾ سمجهايس مگر يڌشٽر هارجي خار ۾ انڌو ٿي رهيو هو. هن ٿورو به ويچار نه ڪيو ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان؛ ۽ آخر دروپديءَ تي داؤ لڳايو. ڍارو اڇلايو ويو. حاضرينن جي دل ڌڙڪڻ لڳي. ايتري ۾ ڍارو اڇلي شڪني اٿي کڙو ٿيو. بس دروپدي به اسان کٽي.“ يڌشٽر ۽ سندس ڀائرن کان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. ودر

۽ ٻين جي منهن جو پنو لهي ويو، مگر دريودن کڳيون ٿي ماريون. هن هڪ نوڪر کي حڪم ڏنو ته وڃي دروپديءَ کي وٺي اچ. نوڪر محل ۾ وڃي دروپديءَ کي چيو ته توکي يڌشٽر جوا ۾ هارايو آهي، ان ڪري تون هاڻي دريوڌن جي ملڪيت آهين.“

دروپديءَ چيس ته ”ڏيرم مون تي ڇو داؤ لڳايو؟ وٽس ڌن دولت ڪونه هو ڇا؟“

نوڪر جواب ڏنو ته ”يڌشٽر پهريائين سڀ هيرا جواهر، خزانه، هاٿي گهوڙا هارايا. پوءِ پنهنجي ڀائرن تي داؤ لڳايائين. اهي به هارايائين. جڏهن وٽس ڪي ڪين بچيو، تڏهن پڇاڙيءَ ۾ توتي داؤ لڳايائين.“

دروپدي ڏاڍي ڏاهي هئي. هن جواب ڏنو ته ”وڃ، وڃي دريوڌن کي چؤ ته جڏهن يڌشٽر پنهنجو پاڻ ئي هارائي چڪو هو، تڏهن کيس مون تي داؤ لڳائڻ جو ڪو حق ڪونه رهيو هو.“

اها ڳالهه ٻڌي نوڪر حيران ٿي ويو. هن ويچار ڪري ڏٺو ته دروپديءَ جي ڳالهه برابر آهي. ان ڪري هن موٽي درٻار ۾ وڃي دريوڌن کي چيو ته دروپديءَ هيءُ جواب ڏنو آهي. ان لاءِ اوهان کي ڇا چوڻو آهي- دريوڌن چيس ته وڃ، وڃي دروپديءَ کي چؤ ته اها ٽڻ مڻ هاڻي ڪان هلندءِ. تون هاڻي منهنجي داسي آهين. جيڪڏهن ڪجهه پڇڻو هجيئي ته هت اچي پڇ. اتان ويهي حڪم هلائڻ جو زمانو گذري ويي ۽

نوڪر وڃي دروپديءَ سان ڳالهه ڪئي. مگر دروپديءَ وري به ڪيس موٽائي ڇڏيو ۽ پاڻ درٻار ۾ ڪين ويئي. ان تي دريوڌن کي ڏاڍو ڪروڌ آيو. هن پنهنجي هڪ ڀاءُ دشاسن کي چيو ته هيءُ نوڪر ڪو ڊڄڻو آهي. ڪيس ڀيم جو ڀؤ ٿو ٿئي. تنهنڪري تون وڃ. دروپديءَ کي وارن کان گهلندو هيڏانهن وٺي اچ. هوءُ منهنجي داسي آهي ۽ ڪيس منهنجو هرڪو حڪم مڃڻو پوندو.

اهو ٻڌي بي حيا، بدڪار دشاسن محل ۾ ويو. ان وقت دروپديءَ جي سرير تي رڳي ساڙهي هئي ۽ سندس وار کليل هئا. دشاسن کيس وارن کان گهليندو درٻار ۾ وٺي آيو. دروپدي زار زار ٿي رني، ورلاپ ٿي ڪيائين مدد لاءِ ٿي پڪاريائين، مگر دريوڌن جي ڊپ کان ڪنهن زبان ٻڙڪ نه ٿي ڪڍي. يڌ شٽر ۽ سندس چار ڀائر ڪنڌ جهڪائي ويٺا هئا. جيڪڏهن هو آزاد هجن ها ته دريوڌن، شڪني ۽ دشاسن جا هڏگڏ ڀڃي ڇڏين ها. مگر ڇا ڪن، لاچار هئا. ان وقت ته هو هارايل هئا ۽ دريوڌن جا داس هئا، هٿ ڪئن هلائين. پر ڀيمسين پان جهلي نه سگهيو. سندس اکين ۾ رت ڀرجي آيو. ڪڙڪو ڪري چيائين ته ”جيڪڏهن مان پنهنجي پيءُ جو پٽ آهيان ته دشاسن جي رت سان دروپديءَ جا وار ڌوئندس. جيسين ائين نه ٿيندو تيسين دروپدي پنهنجا وار ڇڙيل رکندي.“ اهو پرن ٻڌي درٻار جا ماڻهو ڏڪي ويا، ڇاڪاڻ ته کين خبر هئي ته ڀيم ڏاڍو بهادر آهي ۽

جيڪو پرن ڪندو آهي سو ضرور پاڙيندو آهي. مگر دريوڌن انڌ جي گهوڙي تي سوار هو. هن آڪڙجي چيس ته ”هن وقت منهنجو زور آهي، جڏهن تنهنجو وارو اچي، تڏهن جيڪي وٺيئي سو ڪجه. خالي لافن هڻڻ مان ڇا وري ڇا سري“. هن پوءِ دروپديءَ ڏانهن نهاري لچن لوٺين جيان اکه هڻي، کيس پنهنجيءَ سٿر تي اچي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو.

ڀيم تڏهن جوش ۾ ڀرجي چيو ته ”مان پرن ٿو ڪريان ته دريوڌن جون رانون ٽوڙي ٽڪر ڪندس.“

ان وقت ودر جوش ۽ ڪاوڙ ۾ آٿي کڙو ٿيو. بلند آواز سان چيائين ته ”دروپديءَ جهڙي سلڇڻي ۽ ستياوان ديويءَ سان اهڙو ڏاڍ ڪرڻ وڏو انرٿ آهي.“ تنهن تي دريوڌن وراڻي ڏنس ته انرٿ ڇا جو؟ ڇا، يڌشٽر مٿس داؤ نه لڳايو ۽ مون کيس نه کٽيو؟

ودر جواب ڏنس ته ”جوا کيڏڻ پاپ آهي ۽ جواري پاپي آهي. تون پانڊؤن جو اؤج ڏسي ٿي جلين. ڇا، اهو به ڪو جيتڻ جو نمونو آهي؟ جيڪڏن همٿ هجيئي ها ته کين لڙائيءَ ۾ جيتين ها. باقي هئن دغا دولاب سان کٽڻ کي سوڀ يا انصاف ڪين چئبو.

دريوڌن چڙ مان چيس ته تون ته هميشه پانڊون جو پاسو وٺندو آهين، مگر هن وقت ڪي به چوڻ پاڻي ولوڙڻ ٿيندو. ”پوءِ ڀاءُ کي چيائين دشاسن! اڳتي وڌي دووپديءَ کي ننگو ڪر، مان حڪم ٿو ڏيان.“

اهو ٻڌي درٻار جا سڀ ماڻهو ڏڪي ويا. ڪنهن کي سپني ۾ به اهو خيال نه هو ته ڪو دشٽ دريوڌن ديويءَ دورپديءَ کي ڀريءَ سڀا ۾ ننگو ڪرڻ جو حڪم ڏيندو. ودر گهڻوئي بحث ڪيو، مگر ڪو کڙ تيل ڪونه نڪتو ڀلا ڪڏهن نانگ به ڏنگ هڻڻ جو سڀاءُ ڇڏيو آهي. دريوڌن مان نيڪيءَ جي اميد رکڻ اهڙي هئي، جهڙي اڪ مان آمن جي. ودر وري پڪاري چيو ”مهاراج! هيءُ انڌير ٿو ٿئي- هن مان ڏاڍا خراب نتيجا نڪرندا- اوهين کين روڪيو-“

دشاسن اڳتي وڌيو ۽ دروپديءَ جي ساڙهي ڇڪي لاهڻ لڳو- دروپديءَ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي ڀڳوان کي پڪاريو ”اي دين ٻنڌو، دکه ڀنجن پرڀو! تو هن سنڪٽ جي سمي اچي سهائي ٿيءُ-“ ڀڳوان سندس آراڌنا اونائي- هيڏانهن دشاسن ساڙهيءَ جو پلوُ ڇڪيندو رهيو، هوڏانهن ساڙهي وڌندي رهي، تان جو ساڙهيءَ جي ڪپڙي جو ڍير ٿي ويو، ته به دروپدي جئن جو تئن ڍڪي رهي-

ڌرتراشٽر ڀيم جا پرن ۽ ودر جا چتاءَ ٻڌا ته انرٿ جو انڀوُ ٿيس- تڏهن هن اٿي وڃي دروپديءَ کي ڇڏايو ۽ چيائينس ته ”تون منهنجي وڏي ننهن آهين- پرماتما تنهنجو ست ڌرم اٽل رکي- تنهنجي بي عزتي ڪري دريوڌن ڏاڍي خراب ڳالهه ڪئي آهي- مان اُن جو عيوضو ڏيڻ ٿو چاهيان- گهر جيڪي گهرڻو هجيئي-

دروپدي ـ يڌ شٽر آزاد ٿئي
”هو آزاد آهي ٻيو به ڪي گهر.“
”سندس چار ڀائر به آزاد ٿين.“
”اهي به آزاد ڪيا ٿا وڃن. اڃان به ڪي گهر.“
دروپديءَ تنهن تي ورائي ڏنيس ته ”لالچ بري بلا آهي، مون کي ٻيو ڪي ڪين گهرجي.
اهو ٻڌي سڀ درٻاري واهه واهه ڪرڻ لڳا. يڌ شٽر ڌرتراشٽر کي چيو ته ”اوهين منهنجي پتا بجاءِ آهيو. اسان کي ڪهڙي آگيا ٿا ڪريو؟“
درتراشٽر جواب ڏنس ته ”اندر پرست ۾ وڃي راڄ ڪريو ۽ خوش گذاريو. ياد رکجه ته جيڪو ڌرم جي رکيا ڪري ٿو، ڌرم تنهن جي رکيا ڪري ٿو. جيڪو دشمن جي برائي وساري ٿو، سو ڀلو مانس آهي؛ جيڪو دشمن سان ڀلائي ڪري ٿو، سو ديوتا آهي. ڀلو مانس ٿيءُ، ديوتا بڻجه. سنسار تنهنجي پوڄا ڪندو. جيڪي برا آهن، سي پنهنجو پاڻ ناس ٿي ويندا. پاپين کي سزا ڏيڻ لاءِ پاپ ئي ڪافي آهي.“
پنجن ئي ڀائرن کيس نمسڪار ڪيو ۽ دروپديءَ کي وٺي اندر پرست ڏانهن روانا ٿيا.

—

باب پنجون

بنواسي

جڏهن دريوڌن ۽ دشاسن جو جوش ۽ انڌ ڍرو ٿيو تڏهن هنن ويچار ڪيو ته ڳالهه ڏاڍي ڳري ٿي- ڀيم جيڪي پرن ڪيا آهن سي ٻئي پورا ڪندو ۽ اسان کي ماري ڇڏيندو، ان ڪري ڪنهن ريت کيس وري قابو ۾ آڻڻ گهرجي سندس مامي شڪنيءَ چيو ته هڪ تدبير منهنجي خيال ۾ آئي آهي- تون وڃي مهاراجا کي چؤ ته هڪ ڀيرو وري اسان کي جوا کيڏڻ جي اجارت ڏيو. جيڪڏهن يڌ شٽر کٽي ته پنهنجي علائقي جو راڄ واپس وٺي ۽ جيڪڏهن هارائي ته پنجه پانڊون ۽ دروپدي ٻارهن سال بن ڀوڳين ۽ تيرهون سال لڪي ڇپي گذارين، سو به اهڙيءَ طرح جو جيڪڏهن کين ڪو سڃاڻي وٺي ته وري ٻارهن سال ٻيهر بن ۾ گذارين.

دريوڌن اها ڳالهه اهڙي ڍنگه سان پيءُ سان ڪئي جو هن قبول ڪئي. قاصد موڪليو ويو جو پانڊن کي واٽ تان موٽائي وٺي آيو. جڏهن پانڊو موٽي آيا، تڏهن

دريوڌن کين اها رٿ ٻڌائي ۽ چيائين ته اسان اوهان کي غلاميءَ مان آزاد ڪيو آهي، تنهنڪري اوهان کي هيءَ بازي کيڏڻي پوندي. يڌ شٽر قبول ڪيو. وري جوا شروع ٿي، مگر شڪنيءَ جي اڳيان يڌ شٽر جو کٽڻ ناممڪن هو. هن ڀيري به هارائين. نتيجو اهو نڪتو، جو پانڊون کي ٻارهن ورهين لاءِ بنواس ڀوڳڻو پيو. سندن ماءُ ڪنتيءَ جا آنڊا ٿي وڍيا. هر هر ڏندڻ پئجي ٿي ويس. سندس مرضي هئي ته مان به پٽن سان گڏ بن ۾ وڃان، پر وزيرن روڪيس لاچار کيس اُتي ئي رهڻو پيو. پانڊو دروپديءَ کي وٿي جهنگل ڏانهن روانا ٿيا.

اُن وقت ڌرتراشٽر کي خيال آيو ته مون کان ڏاڍي ڀل ٿي. پانڊو موٽي اچي منهنجي پٽن کان بدلو وٺندا ۽ کين جيئرو ڪين ڇڏيندا. پر ڏڌو کير به ڪڏهن ٿڻڻ ۾ پوندو آهي؟

پانڊو جهنگل ۾ وڃي بنواسين جيان رهڻ لڳا. اُتي پهريائين ودر ساڻن گڏجڻ آيو. ان کان پوءِ سري ڪرشن ۽ سندس ڀاءُ ٻلرام آيا، سري ڪرشن يڌ شٽر کي چيو ته ”جيڪڏهن اوهان جي مرضي هجي ته اسين اوهان خاطر ڪورون سان لڙائي ڪري اوهان جو راڄ اوهان کي موٽائي وٺي ڏيون.“ يڌ شٽر جواب ڏنو ته ”اوهين بيشڪ مها ٻلي آهيو ۽ اسان کي اوهان جي ڪرپا ۽ سهائتا جي پوري پوري پڪ آهي، پر جاڳالهه ڌرم جي برخلاف آهي سا ته اسين ڪداچت ڪين ڪنداسون. اسين تيرهن

ورهيه بنواس پوڳ جو وچن ڏيڻي چڪا آهيون، سو جيسين تيرهن ورهيه نه گذرندا، تيسين اسين راج پاڳ ونڻ جي کوشش کين ڪنداسون". سري ڪرشن يڌشٽر جي ڏرم ۾ ايتري شرڌا ۽ استرنا ڏسي چيو ته "نيٺ ڏرم جي جيءَ ٽيندي ۽ ڏرم اوهان جي پاسي آهي." آن کان پوءِ کيس دلداري ڏيڻي موڻي ويو.

ارجن ۽ ڀيم هردم غصي ۾ هوندا هٿا ۽ هر وقت چاهيندا هٿا ته جيڪڏهن يڌشٽر موکل ڏئي ته وڃي دريوڌن کي قتل ڪجي؛ مگر يڌشٽر جهڙو ڏرماتما اهڙي موکل ڏيڻ وارو کين هو. نيٺ ارجن عاجز ٿي هڪ براهمڻ وٽ لڙائيءَ جا نوان نوان طريقا سکڻ لاءِ هليو ويو ۽ جڏهن ڪيترن سالن کان پوءِ واپس آيو، تڏهن هو جنگي هنر ۾ اهڙو ته ماهر ٿي آيو، جو سندس پائرن جو عقل چرخ ٿي ويو.

ان بنواس جي سمي ۾ هڪ اهڙو واقع ٿيو جنهن پانڊون کي هردلعزيز بڻايو.

هڪ ڏينهن دريوڌن کي پتو پيو ته پانڊو فلاڻي جهنگ ۾ رهن ٿا. هن دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن مان هن وقت شان شوڪت سان ان جهنگ مان لاڪهائو ٿيان ته پانڊو منهنجو اقبال ڏسي جلي پچي ويندا. ان ڪري هو دوستن سان گڏ وڏي ٺاٽ باٽ سان روانو ٿيو. اتفاق سان دريوڌن جي، هڪ پاڙيسري راجا سان، الٻٽ ٿي پيئي، جنهن ۾ دريوڌن قيد ڪيو ويو. جڏهن اها خبر

يڌشٽر کي پٺي تڏهن هن ڀيم- ۽ ارجن کي چيو ته وڃو، وڃي پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏايو- ڀيم نڪ چڀو ڪري چيو ”واهه جو سهڻي صلاح ٿا ڏيو- هن اسان کي ٿورو ستايو آهي، جو کيس ڇڏايون؟ اوهان جي مرضي آهي ته آزاد ٿي وري اسان کي آزاري-“

يڌشٽر جواب ڏنو ته ”ڪهڙو به آهي نيٺ به ته اسان جو ڀاءُ آهي- ان ڪري کيس اؤکي ۾ کيس مدد ڪرڻ اسان جو فرض آهي- اسان جي پاڻ ۾ لڙائي آهي- ان جو اهو مطلب نه آهي- ته ڪو ڌاريو دشمن اسان تي ڌار ڌار حملو ڪري- جڏهن اسين پاڻ ۾ لڙون تڏهن ڪورؤ سؤ ۽ اسين پانڊؤ پنجه آهيون- پر ڌارئي دشمن جي مقابلي ۾ گڏجي هڪ سؤ پنجه آهيون. اسين هڪ ٻئي جي بربادي ۽ بي عزتي ڏسي ماٺ ڪري ڪين وهنداسون.“

اها سمجهاڻي وٺي ڀيم ۽ ارجن پنهنجا پنهنجا هٿيار کنيا ۽ انهن وڃي دريوڌن جي قيد ڪندڙ راجا کي للڪاريو. اُن راجا چين ته دريوڌن ته اوهان کي ساڙ ڏيارڻ لاءِ سنڀري آيو هو- پوءِ اوهان ڇو سندس طرفداري ڪرڻ آيا آهيو؟ ڀيم جواب ڏنو ته اهو اسان جو گهرو معاملو آهي- ان ۾ ٻئي ڪنهن جي دست اندازي ڪرڻ جو واسطو ڪونهي- اسين ڌارئي دشمن جي مقابلي وقت هڪ آهيون ۽ گڏجي ساڻس لڙنداسون- اهو ٻڌي ان راجا دريوڌن کي ڇڏي ڏنو- دريوڌن لڄي ٿي گهر موٽيو- جو

ٻن کي شرمسار ڪرڻ آيو هو، سو پاڻ بي عزتو ۽ شرمسار ٿي واپس وريو. جهڙا کنيائين پير، تهڙا موٽي آيس منهن ۾!

هڪ ڏينهن پنج پانڊو ۽ دروپدي هڪ اهڙي جهنگ ۾ وڃي نڪتا، جتي پاڻيءَ جو نالو نشان به ڪونه هو. يڌشٽر نڪل کي چيو ”ڀاءُ“ وڃي پاڻيءَ ڳولا ڪر ۽ ملي وڃيئي ته پاڻي ڀري اچ. نڪل اڳيرو وڃي ڏٺو ته هڪ سندر تلاءُ اوجل ۽ سيتل جل سان ڀريو بيٺو آهي. نڪل پاڻ به ڏاڍو اڃايل هو؛ ان ڪري هن اول پاڻ پاڻي پئڻ جو ارادو ڪيو پر اڃا اڳتي وڌيو مس ته هڪ طرف کان آواز آيو ته پاڻي پئڻ کان اڳ منهنجي سوالن جا جواب ڏي، نه ته پنهنجو خبر نه ڄاڻجه. نڪل اڃ ۾ وياڪل ٿي رهيو هو. ان آواز جي ڪا پرواهه نه ڪري پاڻي پئڻ لڳو، مگر هڪ ڍڪ مس ڀريائين ته بيهوش ٿي ڪريو.

يڌشٽر ڪجهه دير تائين نڪل جو انتظار ڪيو. جڏهن هو ڪين موٽيو، تڏهن سهديو کي چيائين ته تون وڃي ڏس ته نڪل جو ڪهڙو حال آهي ۽ کيس پاڻي مليو يا نه. سهديو پڻ ساڳي تلاءَ تي آيو ۽ پهريائين پاڻ پاڻي پيئڻ چاهيائين. کيس به اڳي جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو پر هن پڻ پرواهه ڪانه ڪئي ۽ پاڻي پيئڻ شرط بي سرت ٿي ويو. ان کان پوءِ ڀيم ۽ ارجن واري واري سان آيا ۽ سندن حال به ساڳيو ٿيو تڏهن يڌشٽر پاڻ

تلاءَ وٽ آيو ۽ پنهنجي چئني ڀائرن کي ظاهري مئل ڏسي حيران ٿي ويو. ايتري ۾ وري ساڳيو آواز آيو. اهو آواز هڪ يڪش (پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم) جو هو. يڌشٽر وراڻي ڏنس ته تنهنجا ڪهڙا سوال آهن. پڇ مان پنهنجي عقل انوسار انهن جا جواب ڏيندس. يڪش سوال پڇندو رهيو. يڌشٽر جواب ڏيندو ويو.

سوال- پرٿويءَ کان باري ڪهڙي شيءِ آهي؟

جواب- مانا.

سوال- لاعلاج بيماري ڪهڙي آهي؟

جواب- لالچ.

سوال- ڪهڙو دکه آهي، جنهن جي اندر سچو سکه لڪل آهي.

جواب- ٻين جي نشڪام شيوا.

سوال- عقل ڪئن ٿو حاصل ٿئي؟

جواب- وديا ۽ چڱن ماڻهن جي سنگه مان.

سوال- جيئري ئي مئل ڪير آهي؟

جواب- خود مطلبي ماڻهو، جو رڳو پاڻ لاءِ ٿو جيئي.

سوال- دولت ڪئن ٿي ڪمائجي؟

جواب- عقل ۽ محنت سان.

سوال- وڏي نعمت ڪهڙي آهي؟

جواب- تندرستي.

سوال- آدمي سڀني جو پيارو ڪئن بڻجي؟

جواب- سڀني سان ڀلائي ڪري.

سوال- ڇا کان شرم ڪرڻ گهرجي؟
جواب- پاپ کان.
سوال- خوش ڪير آهي؟
جواب- جو بکيو ڏکيو رهي قرض نه ٿو کڻي.
سوال- سڀ کان عجيب ڳالهه ڪهڙي آهي؟
جواب- دنيا ۾ ماڻهو ٻين کي مرندو ڏسي سمجهن ٿا ته اسين جيئرا رهنداسون.
سوال- ڪنهن جو ڦل اوس ٿو ملي؟
جواب- ڪرمن جو.
سوال- ڇا قابو ۾ رکڻ سان سچي خوشي حاصل ٿئي ٿي؟
جواب- من.
سوال- دوستي ڇو ٿي ٽٽي؟
جواب- بي وفائيءَ سبب.

اهي جواب ٻڌي يڪش ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس ”اي يڌ شٽر! مان توتي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. تو بلڪل پورا جواب دنا آهن. ان ڪري مان تنهنجي ڀائرن مان هڪ کي جيئرو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان چؤ ته ڪنهن کي جيئرو ڪريان.

يڌ شٽر چيو ته ”منهنجي مرضي آهي ته چارئي جيئرا ٿين، پر جنهن صورت ۾ تون چوين ٿو ته فقط هڪ ئي جيئرو ٿي سگهي ٿو، تنهن صورت ۾ تون نڪل کي جيئرو ڪر“.

”اهو ڇا ٿو ڪرين؟ پيءُ اهڙو ٻلوان آهي، جو سارو ڀارت ڪانپس ڏڪي ٿو- ارجن جهڙو تيراندباز ساري هندستان ۾ ڪونهي- هن جي هوندي تو ڪي ڪوبه دشمن جيتي نه ٿو سگهي- پوءِ انهن کي ڇڏي تون نڪل جي حياتي ڇو گهري رهيو آهين؟“

يدشٽر جواب ڏنو تہ ”منهنجي پتاکي ۾ راڄون هيون هڪ جا پٽ اسين چار ڀائر، مان پيءُ، ارجن ۽ سهديو آهيون ۽ ٻيءِ جو پٽ رڳو نڪل آهي- ان ڪري منهنجي مرضي نہ آهي تہ منهنجي سڳيءِ مائ جو اولاد جنرو رهي ۽ مائٽلي مائ جو هڪ ئي پٽ مري وڃي“- ا ني يڌش ڏاڍو خوش ٿيو- چيائين ”اي يدشٽر تون سچ پچ ديوتا آهين- مان ڏرم آهيان- تنهنجي پرکيا ونءِ آيو هوس- تون ان مان پار پيو آهين- هيءُ نڪهنجا پائر مئا نہ آهن- فقط بيهوش ٿيا آهن- مان کين سرجيت ڪريان ٿو- ائين چئي هن چٽني کي سرجيت ڪيو ۽ پاڻ گم ٿي ويو-

—

باب ٽيون

ديس نيڪاليءَ جو پويون سال

هينئر ديس نيڪاليءَ جا ٻارهن ورهيه پورا ٿي چڪا هئا؛ سو ڀڌ شٽر ڀائرن کي چيو ته هيءُ پويون سال اسان کي بلڪل خبرداريءَ سان گذارڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سڃاڻي ورتو ته وري ٻارهن ورهيه بنواس ڀوڳڻو پوندو. ان ڪري بهتر آهي ته اسين ڀائر پنهنجو پنهنجو ويس ۽ نالو بدلايون ۽ اهڙيءَ طرح رهون جو ڪنهن کي کڙڪ به پئجي نه سگهي.

سڀني اها رٿ پسند ڪئي ۽ فيصلو ٿيو ته اهو سال ستيه رياست جي راجا وراٽ جي گهر گذارجي. ڀڌ شٽر چيو ته مان براهمڻ جي ويس ۾ رهندس ۽ منهنجو نالو ڪنڪ ٿيندو.

ڀيم چيو ته مان پهلوان بڻبس ۽ پنهنجو نالو بلڀ بتائيندس. ارجن هيجڙي (کدڙي) جو ويس پسند ڪيو ۽ پنهنجو نالو ورهنلا رکيو. هن چيو ته مان ڳائڻ وڄائڻ ۾ ڀڙ آهيان؛ ان ڪري اهو ڌنڌو مون کي سهائيندو

نڪل چيو ته مان طبيلي جو داروغو بڻجي اهو سال ڪاٽيندس ۽ پنهنجو نالو گرنٿڪ ٻڌائيندس.

ان کان پوءِ ارجن دروپديءَ کان پڇيو ته تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟ تون هيءُ سال ڪئن ڪاٽيندينءَ؟

دروپديءَ جواب ڏنو ته اوهين نرچنت رهو. مان راڻيءَ جي داسي بڻجي گهر جو ڪم هاج ڪندي رهنديس ۽ پاڻ کي سيرنڌريءَ جي نالي سان سڏائيندس.

يڌ شٽر چيو ته رهنداسون گڏ، پر اهڙيءَ اٽڪل سان جو ڪو ائين نه پر کي وٺي ته اسين هڪ ٻئي جا واقف آهيون. جي ڪنهن کي ٿوري ئي کڙڪ پئجي ويئي ته اسان جو راز کلي پوندو ۽ وي مصيبت ۾ ڦاسي پونداسون.

اها صلاح ڪري پنجه ئي ڀائر ڌار ڌار ويسن ۾ ڌار ڌار ڏينهن تي راجا وارٽ وٽ ويا ۽ هن سڀني کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو.

ڪجهه مهينا سکه سان گذاريا. پانڊون کي ڪا تڪليف ڪانه ٿي، مگر راجا وراٽ جو سالو ڪيچڪ تمام خراب ماڻهو هو. هن سيرنڌريءَ جي سونهن ڏٺي ته سندس نيت بگڙي ۽ مرضي ٿيس ته ڪئن به ساڻس شادي ڪريان. هو هروقت اهي ئي پهه پيو پچائيندو هو ته ڪئن منهنجي منشا پوري ٿئي نيٺ هڪ ڏينهن کيس موقعو ملي ويو. هن سيرنڌريءَ کي اڪيلو ڏسي پنهنجي دلي مراد کيس ٻڌائي. سيرنڌري جواب ڏنس ته ائين ٿي ڪين سگهندو. مان اڳيئي پرڻيل آهي. مگر ڪيچڪ وري به چيس ته

ڏس مهان راجا وراڻ جو سالو ۽ لشڪر جو سيناپتي آهيان- مون سان شادي ڪري ٿون تمام سکي گذاريندينءَ- مگر سيرنڊريءَ جهڙي پتورتا ناري اهڙو ويچار ته سڀني ۾ به آڻي واري ڪين هئي- هن وري به انڪار ڪيو ۽ ڪيچڪ کي منٿ ڪمائين ته مون غريب داسيءَ جي پڇر ڇڏيو ۽ کاوڏ گهرائي ڪنواري ڪنيا گهوليو- اوهان لاءِ سهسين روپونت چوڪريون خواهن ٿي سگهن ٿيون، اوهين انهن ڏانهن نظر وراييو-

جڏهن ڪيچڪ ڏٺو ته سيرنڊري باز نه ٿي اچي، تڏهن ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ پنهنجيءَ پاڻ وٽ ويو، جنهن ڪيس پرپوڙ ڏنو- پر جڏهن ڪيچڪ ڪيس هڏايو ته جي مون کي سيرنڊري نه ملندي ته مان مري ويندس، تڏهن راڻيءَ پنهنجي پاءُ ڪيچڪ جي مدد ڪرڻ قبول ڪئي- ويچاريءَ سيرنڊري کي کهڙي سڌ جنهن جي اجهي ۽ آڌار هيٺ هوءَ آهي، سائي سندس سيتا جي پٽيان پيئي آهي!

هڪ رات راڻيءَ، سيرنڊريءَ کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيئي- چمو ته وچ، هيءَ گلاس سهنجي پاءُ ڪيچڪ کي ڏيئي اچ- سيرنڊري وڃي ويئي- ڪيس ڪيچڪ جي ملينتا جي چاڻ هئي- هوءَ سندس ڪمري ۾ وڃڻ کان ڪيائين لڳي- مگر ويچاريءَ داسيءَ جو وس کهڙو! لاچار چپ چاپ ۾ پاڻيءَ جو گلاس کڻي روانو ٿي- راڻيءَ ڪيچڪ کي اڳيئي سمجهائي ڇڏيو هو ته مان اڄ رات سيرنڊريءَ

کي تو وٽ موڪليندس تو آڙي نيزاريءَ، لالچ ۽ خوشامد سان کانئس شاديءَ جي قبوليت وٺجه. ان ڪري ڪيچڪ منتظر ٿي سندس واٽ نهاري رهيو هو. اڃا سيرنڌريءَ ڪمري ۾ پير مس پاتو ته ڪيچڪ اُٿي کيس ڪرائيءَ کان جهليو ۽ منٿ ميڙ ڪرڻ لڳس. سيرنڌريءَ جهٽڪي ڪيچڪ جي هٿ کي ڌڪي ڇڏيو ۽ پاڻ ڊوڙي راڻيءَ وٽ ويئي. کيس آشا هئي ته راڻي ضرور منهنجو پاسو وٺندي ۽ ڀاءُ کي شرمائيندي پر هوءَ اٽلندو کيس هر کائڻ ۽ ڀڀلائڻ لڳي. تڏهن سيرنڌري ڊوڙي وراٽ وٽ دانهن ويئي، جنهن ويچار ڪيو ته هڪ ته ڪيچڪ منهنجو سالو آهي، تنهن سواءِ زبردست سپهه سالار. کيس ناراض ڪرڻ ساڻ وڏو ڇيهو رسندو. سيرنڌري معمولي داسي آهي ڇا ڪندي. شرم جي ماري ڪڇندي ڪين. گهڻو تڻو ته روئي روئي ماٺ ڪري وهندي. اهو سوچ ڪر راجا وراٽ پڻ سيرنڌريءَ کي ٽاري ڇڏيو ۽ ڪيچڪ کي ڪجهه ڪين چيائين.

هاڻي ته ڪيچڪ جو من وڌيو. پهه يائين کيس وراٽ جو ڊپ هو. هاڻي اهو به لٿس. اهو ڏسي سيرنڌري ڏيو هيسجي ويئي. ان ڪري هڪ ڏينهن هن لڪ چوريءَ پنهنجي ڏير ڀيم (جو اُتي پهلوانيءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ بلڀ جي نالي سان سڏبو هو) کي وڃي سموري حقيقت ٻڌائي ۽ چيائينس ته جي منهنجي بچاءَ جو بندوبست نه ڪندين ته مان زهر کائي مرنديس.

ڀيم سڀ ڳالهيون ٻڌي جواب ڏنو ته ”تون بي اُلڪي رهه- سمجهه ته ڪيچڪ کي کٽيءَ کنيو آهي، جو تو ۾ بري نظر ڌري اٿس- اڄ جڏهن تو کي گڏجي، تڏهن کيس چئجه ته رات جي وقت فلاڻي اڪيلي هنڌ اچجو، مان اوهان جي انتظار ۾ اُتي هونديس-

سيرنڌريءَ ائين ئي ڪيو، ڪيچڪ ڏسو ته پيو ٺري. هن سمجهيو ته بازي جيتيم. سچ چيو اٿن ته ناس ٿيڻ وقت ٻڌي چٽ ٿي ويندي آهي.

جڏهن اڌ رات ٿي، تڏهن هو خوشيءَ مان ٽڙندو اُتي پهتو، جتي سيرنڌريءَ ساڻس ملڻ جو اقرار ڪيو هو. کيس ڪهڙي ڪل ته اُتي سيرنڌري نه، پر سندس مؤت منتظر بيٺو آهي ۽ مان موت سان ئي وهانءُ ڪرڻ ٿو وڃان. جڏهن هو مقرر جڳهه تي پهتو، تڏهن هن ڏٺو ته ڪو آدمي لڪو بيٺو آهي. هن سمجهيو ته سيرنڌري هوندي. ڀرسان وڃي ليلائيندڙ نموني ۾ چيائين ”پياري سيرنڌري مان شاهوڪار آهيان، طاقتور آهيان، توتي موهت آهيان، پوءِ تون مون سان ڇو نه ٿي شادي ڪرين؟ تنهنجو مڙس غريب آدمي هوندو. سندس خيال لاهي ڇڏ-“ ڀيم آواز بدلائي جواب ڏنو ”چڱو، جئن اوهان جي مرضي“ ائين چوندي جهٽ هڻي سندس گلو پڪڙيائين ۽ کيس زمين تي دسي وڌائين- هاڻي ته ڪيچڪ جون وايون ولڙيون ٿي ويون- سمجهائين ته دوکو مليو- پر هو به ڪانئر ڪين هو وڏو بهادر هو- لڙڻ مرڻ لاءِ تيار ٿيو- ڪجهه

دير تائين ٻنهي جي ڪشتي جاري رهي، پر ڀيم سان ڪير پڄي سگهي.

هن اهڙي زور سان ڪيچڪ کي زمين تي سٽيو، جو سندس هڏ گڏ ڀڄي پيا ۽ ساه نڪري ويس. پاپ جو ڪيتو اوس لوڙڻو پوندو آهي.

ٻئي ڏينهن جڏهن محل ۾ ڪيچڪ جي موت جي خبر پيئي تڏهن واڍ ويلا مچي ويئي. راڻيءَ کي وڏو صدمو پهتو. هن غصي ۾ اچي حڪم ڏنو ته منهنجي ڀاءُ جي موت لاءِ هيءَ ڏائڻ سيرنڌري جوابدار آهي کيس جيئرو باهه ۾ جلايو وڃي.

حڪم جي دير هئي. نوڪرن سيرنڌريءَ جون مشڪون ڪشيون ۽ کيس جلائڻ لاءِ روانه ٿيا. مگر ڀيم ته خبردار رهيو ۽ اها خبر کيس بروقت ملي. ان ڪري هو ويس بدلائي، خوفناڪ شڪل بڻائي، اڳيئي مساڻ ۾ وڃي لڪي ويٺو. جڏهن نوڪر سيرنڌريءَ کي کڻي اُتي پهتا، تڏهن ڀيم يڪدم گرجنا شروع ڪري ۽ اکيون ڦوٽاري مٿن ڪاهي آيو. نوڪرن سمجهيو ته ڪو ڀوت آهي، سو ائين ڀڳا، جئن کاري هيٺان ڪانءُ. سيرنڌريءَ کي اُتي ڦٽو ڪري ويا. راڻيءَ اهو سماچار ٻڌو ته چيائن ته اها داسي نڀاڳي آهي کيس تڙي ڪڍو. پر سيرنڌريءَ ويچار ڪيو ته سال ۾ باقي پندرهن ڏينهن آهن. سو هن وقت ڪيڏانهن ويندس ۽ جي پڌري ٿي پوان ته وري رڻ ۾ راڻو پوي. ان ڪري روئندي راڻيءَ کي منٿ

ڪري چيائين تہ ”ان اوهان جي شرط آئي آهيان. باقي ٻہ هفتا رهڻ جي مهلت ڏيو، ٻوءِ جيڏانهن پرالهڌ ڪنيو، تيڏانهن هلي ويندس.“ راڻيءَ کي ديا اچي ويئي ۽ هن ڪيس پنهنجي محل ۾ رهڻ جي موڪل ڏني.

هوڏانهن جڏهن ڪيچڪ جي مرڻ جي خبر دريوڌن کي ملي، تڏهن هن وراٽ تي حملو ڪيو، چاڪاڻ تہ ڪيچڪ وڏو بهادر هو ۽ سندس جيڏي ڪنهن کي مجال نہ هئي جو ڪو وراٽ تي چڙهائي ڪري. هاڻي موقعو ڏسي دريوڌن حملو ڪيو. وراٽ پهنجي پاڻيجي آڏر کي سندس مقابلي ۾ روانو ڪيو. ارجن هيڏي جي ويس ۾ آئي هو ۽ سندس بدليل نالو ورهنلا هو. ڪيس آڏر پاڻ سان گڏ وئي ويو. سندس خيال هو تہ ورهنلا جي راڳ ۽ چرچي مسخريءَ ۾ دل وندردي رهندي. جڏهن هن لڙائيءَ جي ميدان وٽ پهچي ڏٺو تہ دريوڌن سان گڏ پيشم پتا مهہ، دروڻا چاريہ ۽ سندس پٽ اشوٿاما پڻ لڙڻ آيا آهن، تڏهن هو گهبرائجي ويو ۽ ارجن کي چيائين تہ منهنجو رٿ پٺتي موٽاءِ. مون لڙڻ کان بس ڪئي.

ارجن ڪيس گهٽي ئي همت ڏني، مگر آڏر چيو تہ منهنجي پڇڻ جي مت جاءِ ناهي. ڏسين نہ نٿو تہ پٺي پاسي گهڙا گهڙا نہ سوروير جوڌا آيا آهن. مان ڪئن متن سوپ پائي سگهندس؟

پي ڪا واهہ نہ ڏسي ارجن پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو ۽ ڪيس اهو پڻ ٻڌايو تہ اسين پنج ئي پائر ۽ دروپدي ويس

بدلائي اوهان وٽ رهيا پيا آهيون. تون کو خوف نہ کر ۽ رٽ تي رکو ويڙهو رهہ. پوء ڏس تہ مان دشمن جي ڪٽن ٽو ماني پچايان.

ارجن جي هوندي آترکي ڪهڙو لهر لوڏو. هو بالہ بڌجي ويڙهو. ارجن هڪ تير ڪمان سان ڪشي اهڙي طريقي سان ڇوڙيو جو اهو پيشم ۽ دروٽا چاريہ جي چرٽن ۾ وڃي ڪريو. پنهي هڪدم سهي ڪيو تہ هيءَ ارجن آهي، جو تير دواران اسان کي پرنام ڪري رهيو آهي. اُنهن اهاڳالهہ دريوڌن کي ٻڌائي. دريوڌن چين تہ جي سڄہ ٻڌہ ائين آهي تہ پانڊون کي وري ٻارهن سال بن ٻوگهڙو ٻوندو. پر پيشم ٻڌايس تہ ليکو ڪري ڏس تہ تيرهون سال پورو ٿي چڪو آهي.

ان کان پوء لڙائي شروع ٿي. ارجن پنهنجي تيرن سان دشمن جي قطارن ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڏنو. دريوڌن جا سپاهي جان بچائڻ لاء هيڏانهن هوڏانهن جاء مٽائڻ لڳا. پر ارجن جا تيرکين تباهہ ڪندا رهيا. نيٺ ارجن جي تيرن سان دريوڌن، پيشم، دروٽا چاريہ ۽ سندن مکيہ حمايتي ٻہ زخمجي بيهوش ٿي ڪريا. ارجن نشانيءَ لاء سندن بٽ جو هڪ هڪ ڪپڙو لاهي هليو ويو. جڏهن دروٽا چاريہ سر جهٽ ٿيو، تڏهن خوش ٿي چيائين تہ ارجن منهنجي شاگردن ۾ سڀني کان بهادر آهي. هن منهنجي شاگردن ۾ سڀني کان بهادر آهي. هن منهنجي لاج رکي آهي. مون کي مٿس ڏاڍو فخر آهي. ايتري ۾ وري تيرن

جي ورکا ٿيڻ لڳي. دريوڌن جي سپاهين کي ڀڄي جان بچائڻي پيئي، نه ته هڪ به ڪين بچي ها.

هوڏانهن جڏهن راجا وراٽ ٻڌو ته منهنجي ڀاڻيجي اُتر دريوڌن ۽ سندس ساٿين کي شڪست ڏني آهي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ ڪنڪ (اصل يڌ شٽر) کي چيو ته ”ڏس منهنجو ڀاڻيجو ڪهڙو نه بهادر آهي. اڪيلي سر دريوڌن کي ڀڄائي ڇڏيائين.“

يڌ شٽر جواب ڏنو ته جنهن سان گڏ ورهنلا آهي تنهن کي ڪير ٿو جيتي سگهي؟

وارٽ ڦوڪجي چيس ته ”تون ڏاڍو بي ادب آهين. توکي ايتري به سمڪ نه ٿي پوي ته ڪنهن جي ڳالهه هيٺ ڪري رهيو آهين.“

ان کان پوءِ وراٽ ۽ يڌ شٽر راند کيڏڻ لڳا. وراٽ وري چيو ته منهنجو اُتر ڏاڍو بهادر آهي. هيءَ سندس پهرين سوڀ آهي.“

يڌ شٽر وري به ساڳيو جواب ڏنو ته جنهن سان گڏ ورهنلا هجي، تنهن کي ڪير ٿو جيتي سگهي؟

وارٽ شوڪجي چيس ته تون ڏاڍو گستاخ آهين، جو هڪ هيجڙي جي ساراهه ڪري رهيو آهين. هن ڪهڙي بهادري ڏيکاري آهي؟ اها سڀ ويرتا منهنجي ڀاڻيجي اُتر جي آهي. خبردار! جي ٽيهر اها ڳالهه زبان تي آندي اٿيئي ته مان منهن ڀڃي ڇڏيند سانءِ

مگر يڌ شٽر ڪين مڙيو. هن ٽيهر چيو ته جنهن سان

گڏ ورهنلا هجي ٽنهن کي ڪير ٿو جيتي سگهي؟ هاڻي وارٽ پاڻ جهلي نه سگهيو. سندس هٿ ۾ چوُ پڙ کيڏڻ جو ڍارو هو، سو زور سان يڌشٽر کي هنيائين جنهن جو منهن رتو رت ٿي پيو. ايتري ۾ نوڪر اچي ٻڌايو ته اُتر ۽ ورهنلا آيا آهن. وارٽ خوش ٿي چيو ته ٻنهي کي وٺي اچ. مگر يڌشٽر دل ۾ سوچيو ته ڳالهه ڏاڍي گري ٿي، ڇاڪاڻ ته ارجن پرن ڪيو هو ته جيڪو يڌشٽر جي بي عزتي ڪندو، تنهن کي مان جيئرو ڪين ڇڏيندس. اُن ڪري هن اُٿي نوڪر کي ڪن ۾ چيو ته ارجن کي اندر ڪين اڻجه، نه ته وارٽ جو خير ڪونهي.

جڏهن اڪيلو اُتر اندر آيو، تڏهن وارٽ کيس گلي لڳائي چيو ته تون ڏاڍو بهادر آهين جو سوڀ سان موٽيو آهين.

اُتر جي نگاهه يڌشٽر تي پيئي. هن پڇيس ته ڪنڪ کي ڇا ٿيو آهي؟

وارٽ جواب ڏنو ته ”هيءُ ڏاڍو گستاخ آهي. هر هر ورهنلا جي ساراهه ٿي ڪيائين. چي: هو ڏاڍو بهادر آهي، جنهن دريوڌن کي پڇائي ڇڏيو. ان ڪري مون کيس سيکت ڏني آهي.“

اُتر چيو ته سچ ٿي چيائين. حقيقت ۾ فتح ورهنلا ئي ڪئي. نالو منهنجو ٿيو. جنهن کي اوهين ورهنلا هيجڙو ٿا سمجهو سو سچ پچ سورمن جو سرتاج ارجن آهي. جنهن پنهنجو ديس نيڪاليءَ جو تيرهون سال هتي

لڪي گذاريو آهي ۽ هيءُ ڪنڪ دراصل راجا يڌشٽر آهي.

اهو ٻڌندي ئي راجا وراٽ يڌشٽر جي پيرن تي ڪري پيو ۽ هر هر کميا گهرڻ لڳو. يڌشٽر چيس ته اوهين ڪو الڪو نه ڪريو. مون کي دل ۾ ڪي ڪينهي. اوهان جيڪي ڪي ڪيو، سو اڻ ڄاڻائيءَ ۾؛ سو ان جو ڪهڙو ارمان؟

راجا وارٽ پڇيس ته اوهان جا باقي ڀائر ۽ دروپدي ڪٿي آهن؟

يڌشٽر ٻڌايس ته بلب ڀيم آهي، سيرنڌري دروپدي آهي ۽ طبيله جو داروغو ۽ گوالو نڪل ۽ سهديو آهن. اسين سڀ اوهان جا ٿورائتا آهيون، جو هيءُ تيرهون سال اوهان وٽ سک سلامتيءَ سان گذاريو اٿئون.

پر وراٽ ته شرم ۾ پاڻي پاڻي ٿي پي ويو. کيس اهائي اڻ تڻ هئي ته هن بدسلوڪيءَ جي تلافي ڪئن ڪريان؟ نيٺ هن سوچي هڪ رٿ ڪڍي ارجن جو پٽ اڀيمنيوُ وڏو بهادر هو. راجا وراٽ پنهنجي ڪنيا اترا جو وهانءَ اڀيمنيوُ سان ڪرايو. جڏهن اها شادي ٿي تڏهن وراٽ ننگر ۾ ڏاڍيون خوشيون منايون ويون. ان وهانءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ راجا دروپد، سري ڪرشن، ٻلرام ۽ ڪاشيءَ جا راجا آيا. ڪارج ٿي گذريو ته سڀ گڏ ٿي ويچار ڪرڻ ويٺا ته ڇا ڪجي جو پانڊون

کي پنهنجو حق ملي. کيترن ڏينهن تائين بحث مباحثو ٿيندوو رهيو. نيٺ فيصلو ٿيو تہ تہ هڪ ماڻهو ڏراتراشٽر ڏانهن موڪليو وڃي، جو انهي وڃي پانڊون جي وڪالت ڪري.

باب ستون

يڌ جون تياريون

ڪنهن نه ڪنهن ريت اها ڳالهه وڃي ڪوؤن جي ڪن تي پيئي. اُنهن لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. لڙائيءَ لاءِ سندن سانباها ٻڌي راجا دروپد به پنهنجي مائٽن ۽ دوستن کي لڙائيءَ جي مدد لکيو. هاڻي ته سڀني کي پڪ ٿي ته يڌ شٽر کان سواءِ نبيرو ڪين ٿيندو.

وري به پانڊون لڙائي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن مرضي هئي اسان کي ٿورا ڳوٺ ئي ملندا ته به قناعت ڪنداسون ۽ ڪورون سان مٺ محبت سان ورتنداسون ۽ جيڪي تڪليفون دريوڌن اسان کي ڏنيون آهن، سي به وساري آئينده لاءِ پاڻ ۾ ڀائر تي رهنداسون اُنهن پنهنجو هڪ ماڻهو ڌرتراشٽر جي درٻار ۾ موڪليو جنهن وڃي راجا کي ٻڌايو ته پانڊون پنهنجي شرط موجب تيرهن سال بنواس جاگذاري پورا ڪيا آهن. هاڻي کين راڄ ماڻ گهرجي. اها ڳالهه ٻڌي ڌرتراشٽر ڏاڍو پرسن ٿيو. سندس مرضي هئي ته جنگ جهيڙو نه ٿئي ۽ صلحه سانت

۾ وراست ٿئي. مگر دريوڌن ڏاڍو لڳي هو. هن صاف صاف چئي ڏنو ته مان کين هڪ ڳوٺ به ڪين ڏيندس. جيڪڏهن منجهن همت آهي ته اچي فتح ڪن. ان تي آهو قاصد موٽي ويو.

يڌشٽر جڏهن سمورو حال ٻڌو تڏهن هن ارجن کي موڪليو ته تون دوارڪا پوريءَ وڃي سري ڪرشن کي چؤ ته هن يڌ ۾ اسان جو مددگار ٿئي. جڏهن ارجن اتي پهتو تڏهن ڇا ڏسي ته دريوڌن اڳيئي اتي ويٺو آهي. پر سري ڪرشن ننڊ ۾ پيو هو، تنهنڪري دريوڌن سيرانڌيءَ کان پيل ڪرسيءَ تي ويهي سندس جاڳڻ جو انتظار ڪري رهيو هو ارجن سيرانڌيءَ کان ٿي ويٺو. جڏهن سري ڪرشن اکه کولي تڏهن ارجن تي نظر پيس جنهن کي چيائين ”ڀائي ڪئن اچڻ ٿيو آهي؟“ تنهن تي يڪدم دريوڌن چئي ڏنو ته پهريائين آءٌ آيو آهيان، تنهنڪري اوهان کي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. مگر سري ڪرشن جواب ڏنس ته مون اول ارجن کي ڏٺو، تنهنڪري پهرين حق سندس آهي. اوهين ٻيئي منهنجا سڀنڌي آهيو. مان ٻنهي کي مدد ڪرڻ ٿو گهران، پر ارجن ننڍو آهي ۽ منهنجي نظر اول مٿس پيئي آهي، تنهنڪري پهريون حق کيس ڏيڻ گهرجي. هڪ پاسي مان اڪيلي سر هوندس، نه هٿيار هلائيندس، نه لڙندس. ٻئي پاسي منهنجي ساري فوج هوندي؛ ٻڌاءِ، ارجن تون ڇا ٿو کڻڻ گهرين؟

ارجن جهٽ پٽ جواب ڏنو ته مون کي فوج ڪانه کپي، مون کي رڳو اوهين اڪيلا گهرجو. اهو ٻڌي دريوڌن جا پٽ سنوان ٿيا. هن جلدئي چيو ته بس ٺيڪ آهي. مون کي اوهان جي فوج کپي. اهو فيصلو ڪري جڏهن ارجن واپس وريو، تڏهن يڌ شٽر ڏاڍو خوش ٿيو، ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته سري ڪرشن آمٽ سورمو، ڏاڍو داناءُ ۽ وڏو مدبر آهي ۽ سندس ڪابه ڳالهه ڪوڙي نه نڪرندي آهي. جنهن پاسي هو پاڻ ٿيندو تنهن جي اوس سوڀ ٿيندي.

هاڻي پانڊون ويچار ڪيو ته هڪ ڀيرو وري به ڪوشش ڪجي، من دريوڌن مڙي وڃي ۽ لڙائي ٽري وڃي. فيصلو ٿيو ته ڪو خاص ايلچي موڪلجي ۽ جئن ته سري ڪرشن جهڙو ڌير جوان، سياڻو گنڀير بي ڊو، نرلوڀي ۽ صاف گفتگو ڪندڙ ٻيو ڪونه هو، تنهنڪري سر ڪرشن کي ايلچي ڪري موڪلجي. سري ڪرشن جواب ڏنو ته ”مون کي ايلچي ٿي وڃڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونهي. مان وڃان ته ٿو، پر مون کي پڪ آهي ته دريوڌن ڪڏهن به ڪين ڄڃيندو ۽ لڙائي ڪداچت ڪين ٽرندي، تنهنڪري اوهين تياريون ڪندا رهو ۽ فوج ۾ سپاهي ڀرتي ڪندا رهو.

جڏهن وري ڪرشن هستناپور پهتو، تڏهن سندس آجيان جون خاصيون تياريون ٿيون. سندس رهڻ لاءِ خاص عاليشان محل سينگاريو ويو، پر شري ڪرشن ان محل

۾ رهڻ بدران ودر جي ڪٽيا ۾ هليو ويو. ودر غريب آدمي هو. سندس جهوپڙي سادي سودي هئي، پر هو تمام نيڪ آدمي هو. سري ڪرشن وٽس رهيو پيو هو دريوڌن کيس چيو ته اوهين اسان جي گهر هلي ٽڪو، پر ڪرشن جواب ڏنس ته مان هن وقت ايلچي ٿي آيو آهيان ۽ ايلچي جو فرض آهي ته جيسين پنهنجي منورٿ ۾ ڪامياب نه ٿئي تيسين واسطيدار ڌر جو مهمان نه ٿئي.

سڀني اٿي کيس پرنام ڪيو، پر دريوڌن ويٺو رهيو. هيءَ سخت بي ادبي هئي، پر سري ڪرشن اصل پرواهه ڪين ڪئي ۽ چيائين ”راجا ڌرتراشٽر، مان ان لاءِ آيو آهيان ته ڀائرن جو ڀائرن سان ٺاهه ٿئي، نه ته نتيجو تمام ڀيانڪ نڪرندو. اوهان کي ويچار ڪرڻ گهرجي ته جيڪو ٻين کي دکه ڏئي ٿو، تنهن جو پنهنجو ڀلو به ڪين ٿو ٿئي. پانڊو ڏاڍي گهڻي تڪليف سهي چڪا آهن، ان ڪري سندن راڄ کين موٽي ملڻ جڳائي.

ان تي دريوڌن وراڻي ڏني ته جيڪڏهن پانڊن تڪليف سٺي آهي ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟ يڌشٽر جوا ڇو کيڏي؟ هو ڪو بي سمجهه ٻار ڪونه هو. سڀ ڪجهه سوچي ويچاري سگهيو ٿي. هاڻي ته مان کين سئيءَ جي نوڪ جيتري زمين ڏيڻ لاءِ به تيار نه آهيان ۽ جنهن زمين تي هو پير ڌري بيٺا آهن، سان پڻ کسڻ وارو آهيان.

سري ڪرشن گنڀير ٿي جواب ڏنو ته ”قصور سڀ

تنهنجو آهي. لاکه جو محل ڪنهن جوڙايو هو؟ ڀيم کي زهر ڪنهن ڏنو هو؟ شڪنيءَ کي جوا کيڏڻ جي چرچ ڪنهن ڪئي هئي؟ دروپديءَ جي ڀريءَ سڀا ۾ بي عزتي ڪنهن ڪئي هئي؟ اهي سڀ ڪرتوت تنهنجا آهن. پوءِ به تون اڃا بڪ لڳائي ويٺو آهين ته منهنجو قصور ڪونهي. ڀيشم، ودر، دروڻا چاريه سڀ توکي سمجهائي ٿڪا، پر تو ڪين مڃيو. ٿورو سوچ ته ڪر ته تنهنجي هٺ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟"

دريوڌن خار مان درٻار مان اُٿي ويو ۽ ارادو ڪيائين ته سرڪرشن کي قيد ڪجي. جڏهن اها ڳالهه ڌرتراشٽر جي ڪن تي آئي تڏهن کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ڌريوڌن کي گهرائي چيائين ته تون ڪو وڏو ڳهليو آهين جو سري ڪرشن کي قيد ڪرڻ جو خيال ڪري رهيو آهين. شايد توکي مڌ ڪانهي ته سري ڪرشن جو نالو ٻڌي مڃي سنسار جي سورمن جو پتو پاڻي ٿي پوندو آهي توکي ڪهڙي سامر ٿي آهي؟

گهڻي بحث مباحثه کان پوءِ سري ڪرشن واپس ويو. دريوڌن ڪابه ڳالهه قبول ڪين ڪئي. هاڻي صاف ظاهر هو ته لڙائيءَ کان سواءِ فيصلو ڪين ٿيندو. ڪورؤ ۽ پانڊو ٻئي لشڪر گڏ ڪرڻ لڳا.

نيٺ لڙائي شروع ٿي، ۽ اهڙي، جنهن جري اڳ ڪڏهن ڪانه لڳي هئي. دريوڌن پنهنجي لشڪر جو سپهه سالار ڀيشم پتا مهه کي بڻايو. هو وڏو سورمو هو ۽

ارجن کان سواءِ سندس مقابلو ڪرڻ وارو ڪو ڪونه هو ڀيشم پتامهه دريوڌن کي صاف صاف چئي ڏنو ته مون تنهنجو نمڪ کاڌو آهي، تنهنڪري مان تنهنجي پاسي ضرور لڙندس، مگر پانڊون مان ڪنهن کي ڪين ماريندس ۽ هڪ ٻيو به شرط آهي. مون قسم کنيو آهي ته ڪنهن زال تي هٿ ڪين هلائيندس. پانڊون جي فوج ۾ هڪ آدمي شکنڊي ٻالي آهي، جنهن جي شڪل هوبهو زالن جهڙي آهي. جيڪڏهن هو منهنجي مقابلي ۾ آيو مان مٿس هٿيار ڪين هلائيندس، ٻيو، توئي هو مون کي قتل ڪري ڇڏي. جيڪڏهن اوهان کي اهي ٻه شرط منظور هجن ته مون کي سيناپتي بڻايو، نه ته اهو ڪم ٻئي ڪنهن کي سونپيو. دريوڌن جو منهن لهي ويو. کيس ڄاڻ هئي ته ڀيشم سان پڄڻ وارو پانڊون ۾ ڪو ڪونهي کيس اها به اميد هئي ته ارجن کي ڀيشم کان سواءِ ڪو ماري ڪونه سگهندو، ان ڪري ڀيشم جا شرط ٻڌي سندس ڍڍر ڍرا تي ويا، پر لاچار ٻي واهه نه ڏسي قبول ڪيائين. ڀيشم سيناپتيءَ جي پدوي وٺي فوج کي ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سويل ٻهي طرفن جا لشڪر ڪرو کيتر ۾ آمهون سامهون ٿي بيٺا. ڪورون جي فوج ١١ آڪشنوهي* ۽ پانڊون جي ٧ آڪشوهني هئي.

* نوٽ- هڪ اڪشوهني ۾: ١٠٩٣٥٠ پيادل- ٦٥١١٠ سوار ٢١٨٧٠ هاٿي ۽ ٢١٨٧٠ رٿ ٿيندا آهن

يڌ جو سنکه وڄايو ويو ۽ بهادرن پنهنجا پنهنجا هٿيار سنڀاليا.

سري ڪرشن پرن ڪيو هو ته مان هٿيار نه هلائيندس ان ڪري هن ارجن جي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڪيس پڪ ٿي ته سوڀ اسان جي ٿيندي. پهرين ڏينهن لڙائي شروع ٿيڻ کان اڳ ارجن سري ڪرشن کي چيو ”مهاراج! مون کي رڻ ڀوميءَ ۾ اهڙيءَ جڳهه تي وٺي هلو، جتان مان ٻيئي فوجون چڱيءَ طرح ڏسي سگهان.“

سري ڪرشن رٿ هڪلي ٻنهي فوجن جي وچ ۾ بهاريو. ارجن چؤطرف نظر ورائي ته مايوس ٿي ويو. سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. لڳ وسامڻ لڳس ۽ هٿيار ڦٽا ڪري چوڻ لڳو مهراج مان لڙڻ کان بس ڪئي. ڏسو ته سهين ته جيڪي مون سان لڙڻ آيا آهن، تن ۾ ڪو منهنجو عزيز آهي، ڪو گرو ڪو پروهت؛ ڪي وڏا آهن، ڪي ننڍا؛ مگر مڙيئي پنهنجا آهن. ڀلا مان انهن تي ڪئن هٿ هلائي سگهندس؟ اهڙو راڄ ئي کڏ پوي، جو هن ريت پنهنجن جي رت وهائڻ سان ملي. ان کان ته بهتر آهي ته ٻني ٽڪر کائي جيوت و تيت ڪجي. حياتي ته ڪئن نه ڪئن گذري ويندي. پوءِ هن پاپ ڪرڻ مان ڪهڙو سود؟

سري ڪرشن جواب ڏنو ”* ارجن، ڇا تنهنجو اهو

* هيءَ سارو اپديش گيتا ۾ ڏنل آهن. جو هندن جو انمول شاستر آهي.

ويچار آهي ته هيءَ جيڪي تنهنجا مٽ مائٽ آهن تن کي تون ماري سگهين ٿو يا آهي تو کي ماري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن تنهنجو اهو خيال آهي ته تون ڏليل آهين. انسان کي نه کو ماري سگهي ٿو، نه کو ماريندو. هرکو آدمي پنهنجي کرمن انوسار مري ٿو ۽ وري جمي ٿو. ان کري انسان کي کپي ته ڌرم تي هلي ۽ ان گالهه جي پرواهه نه کري ته اُن جو نتيجو کهڙو نڪرندو. ڌرم موجب کرم کرڻ انسان جو فرض آهي. ڪُل داتا پرماتما آهي. جئن اسين پراڻا کپڑا لاهي نوان ڏکيون ٿا تئن آتما سرير جو چولو بدلائي ٿي. ان جو نالو موت آهي. آتما امر آهي جيڪڏهن تون فرض نه پالينڊين ۽ کرم نه کندين ته تنهنجي گلا ٿيندي. ماڻهو چوندا ته ارجن ڪائر آهي. لڙائيءَ کان منهن موڙي ويو. ظالم سڀ پاپ آهي. تنهنکري ظالم دريوڌن کي سزا نه ڏيڻ کري تون پاپ جو ڀاڳي ٿيندين. جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ ٿيندين ته سنسار جو راج ماڻيندين، جي مئين ته جنت ملي کري مکت ٿيندين. تنهنکري اي ارجن، اُٺي يدّ کر.“

ارجن تي گيتا جي اُپديش جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ هو سورمن جهان يدّ کرڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. جڏهن ٻئي لشکر لڙڻ لاءِ تيار ٿيا، نڈهن يدّ شٽر پنهنجا هٿيار زمين تي رکي، زرهه لاهي، رٿ مان لهي کورون جي فوج ڏانهن روانو ٿيو. اهو ڏسي پانڊون جي سينا جا ماڻهو

گهبرائجي ويا. انهن اهو سمجهيو ته يڌشٽر ڊڄي ويو آهي ۽ پيش پوڻ لاءِ دريوڌن ڏانهن ٿو وڃي. ارجن به ائين ئي سمجهيو ۽ رٿ مان ٽپو ڏيئي پڇيائينس ”دادا، اوهين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ ڊپ يا چنتا جي ڪا ڳالهه ڪانهي. جيڪڏهن ڪورون جي فوج زياده آهي ته ڪهڙو فڪر آهي ڌرم اسان جي پاسي آهي. اسان ڪو گناهه ڪونه ڪيو آهي. ان ڪري اسان جي هار ڪداچت ڪين ٿيندي. تنهن کان سواءِ ٻي به ڳالهه آهي. سري ڪرشن اسان جي طرف آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪئن ممڪن آهي ته دريوڌن جي جيت ٿئي؟ ان ڪري اوهين اصل نه گهبرايو ۽ تسليءَ سان هلي لڙو.“ مگر يڌشٽر انهن ڳالهين جي ذرو به پرواهه ڪين ڪئي ۽ ڪورون جي لشڪر ڏانهن وڌندو ويو. اهو ڏسي دريوڌن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کلي چوڻ لڳو: اڃهو ڏسو! يڌشٽر ڊڄي ويو آهي ۽ مون کان معافي منگڻ ٿو اچي کيس ڪهڙي سڌ ته يڌشٽر جو ڪو ٻيو مطلب آهي؟ ايتري ۾ يڌشٽر ڀيشم پتا مهه وٽ پهتو ۽ پيرين پئي چيائين ”سائين، اوهين اسان جا وڏا آهيو؛ ان ڪري مان اوهان کان لڙائي جي موڪل وٺڻ آيو آهيان ۽ منهنجي اوهان کي اها به وينتي آهي ته اسان کي آشيرواد ڏيو ته جئن يڌ ۾ سوڀ اسان جي ٿئي.“

اهو ٻڌي ڀيشم ڏاڍو پرسن ٿيو. جواب ڏنائينس ”اي يڌشٽر، منهنجي طرفان تو کي لڙائي جي موڪل آهي.

۽ مان توکي آشيرواد ٿو ڏيان ته پرماتما تنهنجي جئڪار ڪري. مان ڄاڻان ٿو ته تون جيڪي ڪري رهيو آهين سو درست آهي، هن لڙائي ڪرڻ ۾ دريوڌن غلطي ڪئي آهي. منهنجي مرضي هئي ته مان تنهنجي طرفان لڙان، پر ڇا ڪريان؛ مون ڌريوڌن جو نمڪ کاڌو آهي، ان ڪري نمڪ حرام ڪئن ٻڌجان. باقي اها منهنجي دلي چاهنا اوس آهي ته تنهنجي سوڀ ٿئي ۽ تون پنهنجو راڄ حاصل ڪرين.“

يڌشٽر وري چيس ”سائين، مون کي ڪو اهڙو اُپڌيش ڪريو جو لڙائي ۾ مون کي ڪارائتو ٿئي ۽ جنهن وسيلي اسان جي سوڀ ٿئي.“

ڀيشم وراڻي ڏني ته جيسين مان جيئرو آهيان تيسين تنهنجي سئنا هرگز کٽي ڪين سگهندي؛ نه ڪي تنهنجي فوج ۾ ڪو اهڙو سوروير آهي، جو مون کي ماري سگهي. هان باقي هڪ ڳالهه آهي ته جيڪڏهن منهنجي سامهون ڪا استري يا استريءَ جي مهانڊي وارو مرد ايندو ته مان مٿس هٿيار ڪين هلائيندس؛ ڇاڪاڻ ته مون پرن ڪيو آهي ته سوربير، زال ذات تي هٿ ڪين هلائيندا آهن. اهڙو (زناني شڪل وارو) مرد مون کي ماري سگهندو ۽ نه ڪو ٻيو.

ان کان پوءِ يڌشٽر پنهنجي گروءَ دروڻا چاريه وٽ آيو، جو پڻ بانڪو بهادر هو. کانئس به آگيا ۽ سوڀ

لاءِ آسيس گهريائين، جا کيس ملي وري ڪرپا چاريه وٽ ويو، جنهن پڻ کيس آشيرواد ڏني.

انهن بزرگن ۽ مها پرشن جي آشيرواد وٺي يڌ شٽر پنهنجي لشڪر ۾ موٽيو ۽ اچڻ سان چيائين ته لڙائي شروع ڪريو.

—

باب اڻون

ڀيشم جو زخمي ٿي ڪرڻ

جڏهن لڙائي شروع ٿي، تڏهن ڀيشم شينهن وانگر گرجندو ميدان ۾ آيو ۽ پانڊون جي فوج کي ائين ڪاٽيندو ويو، جئن ڪڙمي سنگهه ڪپيندو آهي. صفن جون صفون خالي ڪري ٿي ڇڏيائين. ڪنهن جي مجال جو ڪو سندس سامهون بهي سگهي. ارجن جهڙو بهادر به کيس ڪجهه ڪري نه ٿي سگهيو. پهرئين ئي ڏينهن وراٽ جو پٽ اُتر مارجي ويو. سندس موت جو سماچار مڻي سندس وڏي ڀاءُ سوپت کي ڏاڍو غصو آيو ۽ هو جوش ۾ اچي ڀيشم کي ڳولڻ لڳو؛ پر ڀيشم پتا مهه جي اڳيان اُن جيتامڙي جو ڪهڙو زور. شام جو هو به قتل ٿي ويو ۽ اُن وقت پهرين ڏينهن جي لڙائي بند ڪئي ويئي.

ان کان پوءِ ڪيترا ڏينهن لڙائي ٿيندي رهي. ڀيشم جي تيرن پانڊون جي فوج ۾ ٻاڪر ڪٽو وجهي ڏنو. هڪ ٻه ڀيرو ڀيشم ۽ ارجن منهن مقابلي ٿيا، پر ڀيشم کي مارڻ محال هو. ارجن جو وس ڪونه هليو. پر اٺن

ڏينهن ۾ پانڊون جا ڏهه هزار سپاهي روز مرندا هئا. اسي هزار سپاهين جو مرڻ ڪا جهڙي تهڙي گالهه ڪين هئي. ارجن ۽ ڪرشن کي ڏاڍو فڪر ٿيو ته ڇا ڪجي. ڀيشم جي شڪتيءَ ۾ ڪابه ڪمي نظر نه ٿي آئي. نيٺ ويچار ڪري فيصلو ڪيائون ته شکنڊي- ارجن جي سالي- کي ڀيشم جي سامهون ڪجي. شکنڊيءَ جي شڪل زالن جهڙي هئي؛ ان ڪري ڀيشم پنهنجي پرن انوسار هن سان وڙهي نه ٿي سگهيو. ڪرشن ارجن کي اها به صلاح ڏني ته جڏهن شکنڊي ڀيشم جي سامهون بهاريو وڃي ۽ ڀيشم سائس لڙڻ کان انڪار ڪري هٿيار هيٺ اڇلي، تڏهن تون شکنڊيءَ جي پٺيان بهي ڀيشم تي تيرن جو وسڪارو ڪجه. ڀلا شکنڊيءَ ۾ ايترو ٻل ڪٿان اچي ڀيشم جهڙي مها ٻلوان جوڌي کي ماري سگهي؟ انڪري ٻئي ڏينهن پانڊون جو سئناپتي شکنڊي بڻيو. ڀيشم دستور موجب گرجندو آيو ۽ پانڊون جي فوج ۾ هائيدوس مچي ويو. ارجن ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيو. پوءِ شکنڊيءَ کي ته اڳيئي ٻڌايو ويو هو ته ڀيشم توتي هٿيار ڪين هلائيندو؛ تنهڪري هو بنا ڊپ ڊاءَ جي وڃي ڀيشم جي سامهون بيٺو. ڀيشم سندس شڪل ڏسي چپ چاپ ۾ هٿيار کڻي هيٺ رکيا. شکنڊي مٿس تيرن پٺيان تير ڇوڙيندو رهيو پر ڀيشم پهاڙ وانگر اچل ۽ پيپ واه بيٺو رهيو، ڄڻ ته اهي تير برساتي بوندون هئا. شکنڊي تير هڻي هڻي ٿڪو، پر ڀيشم کي نالي ماتر به زخم ڪين

ٿيو. نيٺ سري ڪرشن ارجن کي اشارو ڪيو ته هاڻي
تون شکنڊيءَ جي پٺتيان بهي ڀيشم کي تير هڻ. جيڪا
سري ڪرشن اها صلاح ڏئي ها ته شکنڊي ميدان ڇڏي
ڀڄي وڃي ها ۽ ڀيشم وري پانڊون جي فوج ۾ ٽاڪوڙو
وجهي ها. پوءِ ارجن ڀيشم جي سيني تي تير هڻڻ شرووع
ڪيا. ڀيشم پهرين ئي تير مان سهي ڪيو ته هيءَ ارجن
جي هٿ جو تير آهي، نه ته شکنڊيءَ ۾ ايترو زور
ڪٿان آيو. پر هن پهلوان زبان مان اکر به نه ڪڇيو
۽ اڳي جيان بي پرواهيءَ سان مشڪندو رهيو. ارجن
تيرن سان ڀيشم جو بدن زخمي ڪري ڇڏيو، جنهن
ڪري بهي نه سگهيو ۽ گهائل ٿي هيٺ ڪري پيو.
ارجن جا ڪيترا تير زمين ۾ کپي ويا هئا. ڀيشم انهن
تيرن جي سيجا تي وڃي ڪريو، پر سندس مٿو هيٺ
لڙڪي پيو. تنهنڪري هن چيو ته مٿي هيٺان ڪو وهاڻو
رکو. اهو ٻڌندي ئي دريوڌن جا ڪي نوڪر ڊوڙي
نرم نرم وهاڻا کڻي آيا، پر ڀيشم چيو ته مون کي انهن
وهاڻن جي ڪا ضرورت ڪانهي. جو بهادر تيرن جي
بستري تي ليٽيو پيو آهي، تنهن کي وهاڻو به اهڙو گهرجي.
ائين چئي هن ارجن! ڏانهن نهاريو ۽ اکين دواران اشارو
ڪيائينس. ارجن ٽي چار تير زور سان زمين تي هنيا،
جي اهڙيءَ طرح وڃي کتا جو ڀيشم جي مٿي هيٺان وهاڻو
بڻجي پيا. ڀيشم وري پاڻي گهريو ته ارجن تير سان زمين
مان پاڻيءَ جو ڦوهارو پيدا ڪيو، جنهن سندس پياس

ٻڌجهي. تڏهن ڀيشم پتامهه خوش ٿي چيس ”اي ارجن! تون سچو ڪتري آهين. مان توتي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان.“

ان کان پوءِ هن دريوڌن کي چيو ته ”مون پنهنجو فرض پورو ڪيو. مان کتري وانگر لڙيس ۽ اها گتي پراپت ڪيم، جنهن جا سوربير شائق هوندا آهن. وري به مان توکي نصيحت ٿو ڏيان ته لڙائي بند ڪر ۽ پنهنجي پانڊو ڀائرن سان صلحه ڪر ۽ کين اڌ راڄ ڏي، جو سندن حق آهي؛ نه ته ياد رکه تنهنجو ڀلو نه هن جڳه ۾ ٿيندو، نه ٻئي ۾.“

جيڪڏهن دريوڌن سمجهو هجي ها ته هيءَ نصيحت يڪدم مڃي ها پر سندس تباهي ٿيڻي هئي؛ سو چڱي صلاح کيس ڪئن آئڙي؟ چيائين ”مهراج، ائين ڪئن ٿي سگهندو؟ هاڻي ته اسين جيئرا رهنداسون يا پانڊو. ٻنهي جو جيئرو رهڻ محال آهي.“ ان کان پوءِ هن پنهنجي آدمين کي چيو ته ڀيشم جي ملم پٽي ٽهل شيوا جو پورو پورو بندوبست ڪريو. پر ڀيشم وراڻي ڏني ته هاڻي دوا درمل جي ڪا ضرورت ڪانهي. البت ايترو سو آهي ته منهنجو موت منهنجيءَ مرضيءَ ڌاران ٿي نه ٿو سگهي. سورج هاڻي ڏکڻ ڏس ۾ آهي ۽ جيسين سڄه اِها ڏس نه ڇڏي اُترائڻ نه ويندو تيسين ڪين مرندس. ان حساب سان مان اٺونجاهه ڏينهن اڃان جيئرو هوندس.

”پيارا ارجن ۽ يڌ شٽر! ان ڳالهه جي ڪا چنتا نه ڪجو ته منهنجي موت جو ڪارڻ اوهين آهيو. يڌ ۾

اهڙيون ڳالهيون ويچار ۾ آڻڻ ڪين گهرجن. مان اوهان تي رتي ماتر به رنج ڪين آهيان. مون کي پڪ آهي ته منهنجي مرڻ کان اڳ يڌ سماپت ٿيندي ۽ سوڀ اوهان جي ٿيندي. آن وقت مون وٽ ضرور اچجو. مان اوهان کي ڪي خاص ڳالهيون بڌائيندس، جي اوهان لاءِ لاڀدائڪ ٿينديون.'' ڀيشم پوءِ کين موڪل ڏني ۽ هو پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ هليا ويا.

هاڻي دريوڌن جي مشيرن ۾ سوال اٿيو ته سپهه سالار ڪنهن کي ڪجي. دريوڌن چيو ته منهنجو خيال آهي ته ڪرن سڀني ۾ بهادر آهي ۽ هوئي ارجن سان لڙي سگهندو ان ڪري ڪرن کي سينا پتي ڪرڻ گهرجي. تنهن تي ڪرن چيو ته مان ڪهڙو به بهادر هجان، پر جيسين منهنجو گرو جيئرو آهي، تيسين مان اهو عهدو قبول ڪري ڪين ٿو سگهان. ان ڪري بهتر آهي ته دروڻا چاريه کي سينا پتي مقرر ڪيو وڃي. اها ڳالهه دريوڌن کي دل سان لڳي، ۽ ان دقت ئي اعلان ڪيائين ته سڀاڻي دروڻا چاريه فوج جو سپهه سالار ٿيندو. دروڻاچاريه تڏهن دريوڌن کي چيو ته مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن يڌ شٽر کي گرفتار ڪيو وڃي ته ارجن کي مارڻ آسان ٿي پوندو؛ انڪري مان پهرين پهرين يڌشٽر کي گرفتار ڪندس.

دريوڌن اها تجويز پسند ڪئي ۽ پڪ ٿيس ته سوڀ منهنجي ٿيندي. پر کيس ڪهڙي سڌ ته قسمت ۾ ڪجهه ٻيو لکيل آهي!

باب ڏائون

اڀيمنوءَ جي بهادري

اها خبر صبح کان اڳ ئي ارجن کي ملي ۽ هن فيصلو ڪيو ته ڇا به ٿئي، پر مان يڌشٽر کي ڪنهن به طرح دشمن جي هٿ اچڻ ڪين ڏيندس. اُن ڏينهن سڀدرا به پنهنجي سڪيلدي پٽ اڀيمنو کي پنهنجي هٿن سان گهوٽ بڻائي رڻ ڀوميءَ ڏانهن موڪليو هو. دروڻا چاريه به پنهنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪين ٿيو. نيٺ مايوس ٿي تيرءَن ڏينهن دروڻا چاريه پنهنجيءَ فوج کي هڪ خاص قلعي جي صورت ۾ بڻايو، ۽ ڪورؤ ارجن کي ڀنڀلائي رڻ ڀوميءَ ۾ پري ڪڍي ويا، جتي کيس لڙڻ ۾ مشغول رکيائون.

اهو ڏسي پانڊون کي ڏاڍو فڪر ٿيو، ڇاڪاڻ ته ارجن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي معلوم نه هو ته ان قلعي کي ڪئن ٽوڙجي جيڪڏهن قلعو نه ٿو ٽٽي ته پانڊون جو سارو لشڪر ٿو مارجي وڃي. ان ڪري يڌشٽر کي ڏاڍي چنتا ٿي ۽ ويچار ڪرڻ لڳو ته ڪجي. سندس

پريشاني ڏسي ارجن جي پٽ اڀيمنو کيس آئت ڏيئي چيو
ته اوهين ڪا ڳڻتي نه ڪريو مان ان قلعي (ويوهه چڪر)
۾ وڃي ان کي ٽوڙي سگهان ٿو. بڌشٽر سندس ننڍي
عمر ڏسي جواب ڏنس ”پٽ، تون اڃان ننڍو آهين. تو کان
اهڙو ڪٺن ڪم ڪين ٿي سگهندو. پر اڀيمنو ضد ٻڌو،
۽ ڌوڪيندو ويوهه چڪر ۾ ڪاهي پيو. سندس بهادري
ڏسي وڏا وڏا ويڙ به واهه ڪرڻ لڳا. درويا چاريه چوڻ
لڳو ”ڇو نه بهادر هوندو. نيٺ به سوربير ارجڻ جو پٽ
آهي. اڀيمنو سپاهين جي صف کي ڪاٽيندو چڪر ۾ اندر
پهچي ويو ۽ بلوار ڦرائيندو للڪارڻ لڳو ته جنهن به
کترياڻيءَ ماءُ جو کير پيتو هجي ۽ لڙڻ جي همت ساري
سو منهنجي سامهون اچي. بنهه اُن دم ست سپاهي اچي
ان نينگرات مٿان پيا. اهي ست ڄڻا به ڪو معمولي
سپاهي ڪين هئا، پر زبردست جنگي جوڌا هئا. کين ڏسي
وير اڀيمنو چوڻ لڳو ته ”اهو به ڪو جنگ جو اُصول
آهي ته هڪ آدميءَ تي ست ڄڻا گڏجي حملو ڪن؟
جيڪڏهن اوهين کتري آهيو ۽ پنهنجي بازن تي بانور
آٿو ته هڪ هڪ ٿي اچي مون سان لڙو، پوءِ ڏسو ته
شينهن جو ننڍڙو بچڙو به ڪڏڙيءَ نه دليريءَ ۽ بيخوبيءَ
سان موت جو مقابلو ڪري سگهي ٿو.“ اڀيمنو جو دليل
بلڪل برابر هو. پر انهن کي ته ان وقت جان بچاڻي
هئي سو ستن ئي گڏجي بهادر ٻالڪ تي ڪاهه ڪئي.
ان هوندي به هو هٽيو ڪين ۽ ستن سان به لڙندو رهيو،

پر ڪيڏانهن هڪ نينگر ڪيڏانهن سٽ جنگي سردار! نيٺ انهن مان هڪ جئدرٿ (دشاسن جي پٽ) اڀيمنو کي قتل ڪري ڇڏيو.

اڀيمنو جي موت جي خبر ٻڌي ڪورؤ شادمانا ڪرڻ لڳا، مگر پانڊون کي ڏڍو ڏکه ٿيو. شام جو وقت جڏهن ارجن دشمن کي شڪست ڏيئي پنهنجي تنبوءَ ۾ موٽيو، تڏهن کيس معلوم ٿيو ته اڀيمنو مارجي ويو. ارجن جو ڏاڍو پيارو هو، ڇاڪاڻ ته هو ننڍي هوندي ئي وير هو ۽ ارجن کي آس هئي ته هو وڏو ٿي مون جهڙو ئي رٿبير ٿيندو. سندس موت جو سماچار سڻي ارجن ڏکه ۾ بيهوش ٿي ويو. جڏهن سرجيت ٿيو، تڏهن قسم کنيائين ته سڀاڻي سڄه لٿي کان اڳه مان جئدرٿ کي قتل ڪندس. جيڪڏهن ائين ڪري نه سگهيس ته جيئري چکيا ۾ جلي مرندس جڏهن اها خبر دريوڌن ۽ دروڻا چاريه کي ملي، تڏهن هو ڏاڍا گدگد ٿيا. سمجهيائون ته جئدرٿ کي هڪ ڏينهن لاءِ لڪائي رکڻ ۾ ڪهڙي مشڪلات آهي. ان ڪري فيصلو ڪيائون ته ٻئي ڏينهن جئدرٿ کي سڀني جي پٺيان بهارجي ۽ ارجن جي رٿ کي روڪڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي وڃي. هوڏانهن سر ڪرشن ارجن کي چيو ته تون دلجاءِ ڪر مان ٽوکي جئدرٿ جي سامهون وٺي هلندس ۽ تنهنجو پرن اوس پورو ٿيندو.

ٻئي ڏينهن سخت رتو ڇاڻ واري لڙائي لڳي، ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن ارجن جي جيوت ۽ موت جو سوال هو.

ڪرشن رٿ کي طوفان جيان اڏائيندو ٿي ويو، ان لاءِ
ته ڪنهن به ريت جئدرٿ تاءِ پهچي وڃي. ٻئي پاسي
دروڻا چاريه هر هر ارجن جي رٿ کي روڪي ٿي ڇڏيو
ته جيئن ڏينهن گذري وڃي ۽ ارجن جيئرو باهه ۾
جلي مري.

نيٺ سانجهيءَ کان ٿورو اڳ اهڙو اتفاق ٿيو جو
آسمان تي بادل ڇائنجي ويا، منهن اونداهي ٿي ويئي، ڄڻ
ته سج لهي ويو. اهو ڏسي دريوڌن ۽ سندس فوج خوشيءَ
۾ مست ٿي ويا. جئدرٿ به ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي
ارجن جي سامهون بيٺو ته چکيا ۾ سندس جلڻ جو تماشو
ڏسان. هاڻي کيس ڪنهن جو ڊپ هو؟ ارجن هر هر ڏند
ڪرٽي اڀا ساهه ڀري ٿي چيو ته جيڪر ڪلاڪ اڌ اڳ
منهنجي سامهون اچين ها ته دل جو ارمان رهجي ڪين
وڃي ها. جئدرٿ سيٽجي ٻٽاڪون هڻي ارجن کي چوڻ
لڳو ته هاڻي جڪ کائڻ مان ڇا وري ڇا سري. جلي مر
ته موج لڳي. ارجن سوربير هو ۽ زبان جو سچو. هن
آگيا ڏني ته چکيا تيار ڪريو ته مان سڙي مران. ان
وقت جئدرٿ خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيو.

چکيا ٺاهي ويئي ۽ ان کي تيلي لڳائي ويئي. بنهه
اُن وقت آسمان تان بادل ٽڙي پکڙي ويا. ۽ سورج
چمڪندو نظر آيو. سري ڪرشن ارجن کي چيو ”اجهو
هو سورج ۽ اجهو هيءَ جئدرٿ! اڪ ڇنڀ ۾ ارجن تير
ڪمان تي ڪشي جئدرٿ جي سيني کي نشان بنايو.

پرماتما جي ڪهڙي نه وچتر ليلا آهي. جنهن خوشيءَ مان کليو ٿي سو موت جو لقمو ٿيو ۽ جو مرڻ لاءِ تيار هو، سو خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳو. ان طرح بهادر ارجن پنهنجو پرن پورو ڪيو ۽ پٽ جي موت جو بدلو ورتو.

—

باب ڏهون

دروڻا چاريه ۽ ٻين جو مؤت

هاڻي پانڊو ويچار ڪرڻ لڳا ته دروڻا چاريه کي ڪئن مارجي، ڇاڪاڻ ته هو به ڏاڍو زبردست سورمو هو سٿرو مارجڻ جهڙو ڪين هو. سري ڪرشن ته پري پورن هو. هن صلاح ڏني ته دروڻا چاريه کي ڪنهن ڍنگ سان مارڻ گهرجي ۽ ان لاءِ رڳو اهو طريقو آهي ته سندس پٽ اشوٿاما کي مارجي يا سندس مارجي وڃڻ جو افواه اڻارجي ته دروڻا چاريه کان پٽ جي موت جي ڏکه ۾ لڙڻ ڪين پڄندو ۽ پوءِ کيس مارڻ آسان ٿي پوندو. اها ڳالهه سڀني کي آيڙي. ٻئي. ڏينهن جڏهن لڙائي شروع ٿي تڏهن ٻن پهرن جو شور مچي ويو ته اشوٿاما مارجي ويو- ڦهلندي ڦهلندي اها خبر دروڻا چاريه جي ڪن تي پڻ آئي، مگر حقيقت هئن هئي ته پانڊون جي فوج ۾ هڪ هاڻي اشوٿاما نالي هو- ان ڏينهن اهو مارجي ويو هو- خبر ٻنهي فوجن ۾ ڦهلجي ويئي- جڏهن دروڻا چاريه اهو سماچار ٻڌو تڏهن حوصلو هارجي ويس- وري به پڪ

ڪرڻ لاءِ يڌشٽر وٽ ويو ۽ کانئس پڇيائين تہ ڇا اهو سچ آهي تہ اشوٿاما مارجي ويو؟ يڌشٽر تہ ڌرماتما هو ۽ سداءِ سچ ٻوليندو هو، ان ڪري دروڻا چاريہ کي پڪ هئي تہ هو ڪداچت ڪوڙ ڪين ڳالهائيندو. يڌشٽر جواب ڏنس تہ اهو سچ آهي تہ اشوٿاما مارجي ويو، پر تنهنجو پٽ اشوٿاما يا هاٿي اشوٿاما مارجي ويو، ان باري ۾ مان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان. اُن وقت پانڊون اهڙي رمز هلائي جو جيسين يڌشٽر پهريون فقره 'اشوٿاما مارجي ويو، چوندو رهيو، تيسين ماٺ ۾ رهيا، پر جڏهن يڌشٽر چوڻ لڳو تہ تنهنجو پٽ اشوٿاما يا هاٿي اشوٿاما مارجي ويو، تڏهن خوب باجا وڄڻ لڳا ۽ باجن جي شور ۾ دروڻا چاريہ جواب جو پويون ٽڪر ٻڌي ڪين سگهيو. کيس پٽ سان ڏاڍو پيار هو ۽ سندس مؤت جي خبر ٻڌي سرد آهہ ڀري بيحال ٿي زمين تي ويهي رهيو. اُن وقت هڪ سپاهيءَ اڳتي وڌي سندس گردن تي تلوار وهائي ڇڏي. ارجن جي سخت مرضي هئي تہ کيس مارجي نہ، پر جيئرو گرفتار ڪجي- هو پنهنجي گرءَ کي بچائڻ لاءِ منع ڪندو اڳتي وڌيو پر اُن سپاهيءَ سندس پهچڻ کان اڳ ئي دروڻا چاريہ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو-

جڏهن اشوٿاما کي معلوم ٿيو تہ سندس پتا کي پانڊون دوکي سان ماريو آهي، تڏهن کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ پرن ڪيائين تہ جيسين مان پانڊون کي فنا نہ ڪندس تيسين سامت جو ساه ڪين کڻندس- هن اهو بہ ويچار

ڪيو ته هن ساري جهيڙي فساد جي پاڙ سري ڪرشن آهي؛ ڇو نه پهريائين سندس پڇاڙي ڪريان ته رڳڙو لهي پوي. پر سري ڪرشن کي مارڻ سولو ڪين هو. هڪ هو سورمن جو سرتاج هو، پيو ته سندس بچاو ڪندڙ ارجن هو، جنهن جي تيرن جو مقابلو ڪرن ڪنهن ورلي سورمي جو ڪم هو.

ڀيشم پتامهه ۽ دروڻا چاريه جي مؤت کان پوءِ دريوڌن ڏاڍوو مايوس ٿي پيو هو، سو جڏهن ٻڌائين ته اشوماٿا سري ڪرشن کي مارڻ لاءِ سنڀريو آهي تڏهن سندس آداسي جيڪيو ڍري ٿي. هن ويچار ڪيو ته ڪهڙو عجب ته اشوماٿا پيءُ جي مؤت جي ڏکه ۾ مست ٿي هئي، جو سري ڪرشن تاءِ پهچي سگهي. هن ڪوشش ۾ وسون ڪين گهٽايو، گهڻائي هٿ پير هنيائين پر سوڀارو ڪين ٿيو. هڪ ڏکه ٻيو شرمساري، سو ڪنڙو منهن کڻي دريوڌن ۽ ٻين وٽ وڃي. ان ڪري رڻ ڀومي ڇڏي جهنگ ۾ ڀڄي وڃي لڪو ۽ اتي هڪ جهوپڙي ٺاهي گذارڻ لڳو.

—

باب يارهون

گنڌاريءَ جا ورلاپ

يڌ جي سماپتيءَ کانپوءِ ڪرو کيتر جي رڻ ڀوميءَ تي جڏهن صبوح ٿيو تڏهن سورج پاڻ زردو هو- يڌ جي ارڙهين ڏينهن دريوڌن سنگهار ٿي ويو ۽ پوئينءَ رات پانڊون جي آرام گاهه ۾ ٻارن، ساٿين ۽ صلاحڪارن جو قتل عام ٿي چڪو! اُن ڪوس جي خاص ڪلور اهو هو، جو رات جو اچانڪ رڙين ۽ قتل جي هائيدوس ۾ اُتي سمهيل آدمي اونداهيءَ اُٿي آيا ۽ سمجهائون ته ڪو دشمن اوچتو اچي مٿان ڪڙڪيو آهي ۽ انڪري ويا پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ماريندا-

سو جهڙو ٿيو ته چوطرف ڀيانڪ ويرانو لڳو پيو هو- برابر پنجه ئي پانڊو ۽ ڪرشن مهراج سلامت ۽ سوڀارا هئا، پر سندن آسن اميدن جو خون ٿي چڪو هو- راڄ سنگهاسن ته سندن حوالي هو، پر ولي وارث هوئي ڪونه! کين تخت تاج هٿ آيو، پر جڳهو برباد، گهر خالي!!

سندن چوُطرف ٽپ ٽپ تي ڀارت جي سوربيرن جا

ڪين ٻڌا هئا. ڀيم کي پنهنجو پرن ياد هو. هن دشاسن کي پڪڙي گدا سان هڏ هڏ ڀڃي ڇڏيو ۽ کيس دسي مٿان چڙهي ويهي پڪاري چوڻ لڳو ”ڏسو، هيءُ دشاسن آهي، جنهن دروپديءَ کي وارن کان وٺي ڇڪيو هو. جيڪڏهن ڪو سندس حمايتي هجي ته منهنجي سامهون اچي.“ ان وقت ڀيم جي اکين مان اَلا ٿي نڪتا ڪنهن جي مجال جو سندس سامهون وڃي. ڀيم سهديو کي چيو ته وڃ وڃي دروپديءَ کي وٺي اچ ته پنهنجا وار دشاسن جي رت سان ڌوئي. دروپديءُ اچي ائين ڪيو ۽ پوءِ پنهنجا وار ٻڌائين. ان ريت ڀيم پنهنجو هڪ ڀيانڪ پرن پورو ڪيو.

هوڏانهن ارجن ۽ ڪرن جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي، جا ڏسڻ وٽان هئي. ٻنهي جي ڪمانن مان تير ائين ٿي نڪتا، جئن باهه جون لاٽون يا زهري نانگ. هڪ وقت ته ڪرن اهڙو تير ڇوڙيو جو جيڪڏهن ارجن کي لڳي ها ته لاشڪ مري وڃي ها پر سندس رٿبان سري ڪرشن هو، جنهن نهايت چستيءَ سان گهوڙن کي اڳين ٽنگن تي جهڪائي رٿ هيٺيرو ڪري ڇڏيو، جنهنڪري تير ارجن جي سر مٿان شرڙاٽ ڪندو ويو ۽ پاڻ بچي ويو -

ارجن کي به ان ڏينهن پنهنجو سمورو پراڪم ڏيکارڻو هو- هن به ڪرن تي تيرن جو ڇوهو وسڪارو ڪيو- لڙندي لڙندي ڪرن جو رٿ گپ ۾ گپي پيو- هو ٽپو

ڏيئي هيٺ لهي ڦيٿو ٻاهر ڪڍڻ لڳو ۽ پڪاري ارجن کي چيائين ته ترس، جيسين مان رٿ جو ڦيٿو ٻاهر ڪڍان تيسين متان ڪو مون تي هٿيار هلائين. اها ڌرم جي ورڌ واٽ ڪين وٺجه. سري ڪرشن تنهن تي ٺٺولي هڻي چيس ”ڪرن، هن وقت ڌرم جي اوٽ وٺڻ تو جهڙي ڌرمشٽ جو ڪم آهي. جڏهن تنهنجي چرچه تي يڌ شٽر کان حرفت سان جوابازيءَ ۾ دريوڌن راڄ پاٺ ٿي کٽيو، تڏهن تنهنجي ڌرم کي ڇا ٿي ويو هو؟ جڏهن دروپديءَ جو اپمان تنهنجي صلاح سان ٿي رهيو هو، تڏهن تنهنجو ڌرم ڪيڏانهن ويو هو؟ اڪيلي ٻالڪ اڀيمنوءَ کي جڏهن ستن سردارن گهيرو ڪري ماريو جن ۾ تون به هئين، تڏهن تنهنجو ڌرم ڪٿي هو، جو هاڻي ڌرم ڌرم پڪاري رهيو آهين؟“ هوڏانهن سري ڪرشن ارجن کي چيو ته ”ههڙي اڌرميءَ تي ديا ڪرڻ ڪين جڳائي. ڪرن رٿ ۾ چڙهي ئي چڙهي تنهن کان اڳ سندس پڄاڻي ڪري ڇڏ.“ ارجن آگيا مڃي. ڪرن رٿ جو ڦيٿو ڇڏائيندو رهيو، ته به لڙندو رهيو، پر ان حال ۾ ارجن سان پڄي ڪين سگهيو ۽ مارجي ويو. ان ريت رشيءَ جو سراپ سچو ٿيو.

ڪرن جي ڪرندي ئي دريوڌن جي فوج ۾ ماتم مچي ويو ۽ سڀني کي هار جي پڪ ٿي. دريوڌن جي دل ۾ ڌڪاءُ ٿيو. سوڀ جي رهي کهي اميد به ويندي رهيس- باقي پنهنجي قسمت آزمائڻي هيس-

ارڙهين ڏينهن يڌ پوري ٿي- اُن ڏينهن دريوڌن جا
جياهي رڻ ٻومي ڇڏي ڀڄي ويا- جيڪي نه ڀڳا سي
مارجي ويا- جڏهن دريوڌن ڏٺو ته هاڻي ڪو ساٿي ڪونه
بچيو آهي، تڏهن پاڻ به ڀڄي ويو ۽ هڪ تلاءَ ۾ وڃي
لڪو- ڪرشن ۽ پانڊون سندس پٺ ورتي ۽ وڃي کيس
ڳولي لڌائون- ڀيم للڪاري چيس اي دريوڌن! هونءَ
ته تون پاڻ کي وڏو سورمو سڏائيندو هئين، اڄ ڇا ٿي
ويو؟ جڪڏهن کنري آهين ته ٻاهر اچي لڙ- دريوڌن
جواب ڏنو ته منهنجا ساٿي مارجي ويا آهن ۽ منهنجا
هٿيار ڀڄي پيا آهن- منهنجو رٿ کسجي ويو آهي- هاڻي
مان لڙي ڇا ڪندس- وڃو- راڄ ڀاڳ اوهان کي نيڀه
هجي- مون کي ان جي تمنا ڪانهي-

يڌ شٽر جواب ڏنو- ڀائي! اهو وقت ويو، جڏهن
اسان توکان راڄ جو حصو ٿي گهريو- هائي ته جيڪي
وٺڻو آهي سو پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان- تون ٻاهر ته
نڪر ته ڏسجي ته جنهن لکين آدمي مارايا سو پاڻ ڪهڙو
پهلوان آهي- هن ريت ڪانئرن وانگر لڪي وهڻ تنهنجي
شان وٽان نه آهي-

دريوڌن جواب ڏنو مان لڙڻ لاءِ تيار آهيان، پر
منهنجو هيءُ شرط آهي ته مون سان هڪ هڪ ٿي لڙي
۽ مون کي هٿيار ڏنا وڃن-

سري ڪرشن اها ڳالهه منظور ڪئي- دريوڌن پوءِ
تلاءَ مان نڪتو ۽ چيائين ته ڀيم وڏو بهادر آهي سندس

بدن ۽ ڊول به مون جهڙو آهي، تنهنڪري پهريائين آءٌ سائس لڙندس- ڀيم قبول ڪيو ۽ چيائين مان گدا سان لڙندس- تون به گدا جو شوقين آهين- جيڪ گدا وڻيئي سا چونڊي کڻ- ائين چئي ڀيم انيڪ گرز دريوڌن جي سامهون رکيا- دريوڌن هڪ پسند ڪيو- سو سهي سنڀري ڀيم سان ڪشتي لڙڻ لڳو- سندن گرزن جي واڄٽن اڳڙا ٺڪاءَ ٿي ڪڍيا، جڻ ته آسمان جا بادل ٿي گجيا- نيٺ ڀيم دريوڌن کي ڪيترائي وڌو ۽ گرز سندس سٿر تي هڻي هڏيون ڀڃي ڇڏيائينس- کترين ۾ بدن جي هيٺين حصي تي وار ڪرڻ اصول جي برخلاف آهي- پر جڏهن دريوڌن ڀريءَ سڀا ۾ دروپديءَ کي سٿر ٽي وهڻ لاءِ اشارو ڪيو هو تڏهن ڀيم پرن ڪيو هو ته دريوڌن جي سٿر جو هڏ هڏ ڀڃندس- ان ڪري لاچار کيس سٿر تي گرز هڻي پنهنجو پرن پورو ڪرڻو پيو-

دريوڌن تلاءَ جي ڪناري تي تڙڦندو رهيو- پانڊو شهر هليا ويا- ٿوري دير کانپواءِ اشوٿاما آتي آيو ۽ دريوڌن کي چيائين ته تنهنجي حالت ڏسي مونکي روئڻ ٿو اچي افسوس! جو مان تنهنجي ڪم اچي ڪين سگهيس- هاڻي دلجاءِ ڪر ته مان پنجن ئي پانڊون کي قتل ڪندس دريوڌن مرڻينگه حالت ۾ اهو ٻڌي سرهو ٿيو- پر پانڊون کي مارڻ ڪو مٿرو ڪين هو، ڇاڪاڻ ته محل تي زبردست پهرو هو- ان ڪري اشوٿاما رات جي انتظار ۾ رهيو- جڏهن هئو مئو ٿري، تڏهن پهريدارن جي نظر

کن ڀاڻ بچائي، لڪي لڪي محل ۾ ويو. اتي هڪ ڪمري ۾ ارجن جا پنجه ننڍا پٽ ننڊ پيا هئا. ظالم اشوٿاما سندن سر ڪپي ڇڏيا! ۽ اهي کڻي دريوڌن وٽ ويو. دريوڌن پهريائين ته ڏاڍو خوش ٿيو. پر جڏهن چتائي ڏٺائين تڏهن پتو پيس ته هيءُ سر پانڊون جا نه، پر ارجن جي معصوم پٽن جا آهن. سرد آهه ڀري چيائين ”هيءُ ته انڌير ڪييءَ! هنن نراپراڌ ٻالڪن تنهنجو ڇا بگاڙيو هو کين ماري وڌءِ! منهنجي دشمني ته ارجن سان هئي“ ائين چئي تڙڦي تڙڦي پران ڏنائين.

دروپديءَ پنهنجي پنجن ئي پٽن جا سر لٿل ڏٺا ته اکين اڳيان انڌيرو ڇانئجي ويس. جگر جان جيرا جلي ويس. سندس آنڊا ٿي چپريا چچريا. ڪو وقت ته بي سرت پئي هئي. جڏهن سر جيت ٿي تڏهن دردي ورلاپ ڪرڻ لڳي. ارجن کي ته اهڙو جوش وٺي ويو جو ان دم خونيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو ۽ پتو لهي، اشونٿاما جي پٺيان پيو ۽ جلدئي وڃي کيس لڌائين. کيس زمين تي سٽي چوکيو ٻڌي محل ڏانهن وٺي هليس. واٽ تي ڪرشن گڏيس.

ارجن جي دل ۾ ڪيترو کميا ڀاؤ آهي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ سري ڪرشن چيس ”ارجن! هن پاپيءَ کي ماري ڇڏ. پر ارجن وڏي کميا ڀاؤ وارو سوربير هو. هن جواب ڏنو ته هن سڀ کان وڏو ڏوهه دروپديءَ جو ڪيو آهي. جيڪا سزا هوءَ چوندي سا کيس ڏني ويندي. اشونٿاما کي ان حال ۾ ڏسي دروپديءَ جي مامتا ڀڙڪي اٿي

۽ دردي آواز ۾ چيائين ”سوامي! کيس ڇڏي ڏيو. جئن مان پنهنجي پٽن جي وڇوڙي جي روڄ ۾ رڙي رهي آهيان، تئن اشوماٿا جي ماءُ کي روئڻ جو سبب نه ڏيو.“

ارجن ۽ دروپديءَ جي اها درياه دلي ۽ لاثاني کميا ڏسي ڪرشن ۽ سڀ بيٺل حيران ٿي ويا ۽ نهايت گد گد ٿيا. نيٺ اشونٿاما کي سبق ڏيڻ خاطر ارجن سندس چوٽي ڪپي ڇڏي ۽ کيس ڇانوڻي مان ڪڍي ڇڏيائين.

—

باب يارهون

پانڊون جي سوڀ

يڌ کي شروع ٿئي پنڌرهن ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا. سورهين ڏينهن دريوڌن ڪرن کي سئناپتي مقرر ڪيو. ڪرن وڏو بهادر ۽ لڙائيءَ جي فن ۾ ماهر هو. ارجن جو مقابلو ڪرن کان سواءِ ٻيو ڪرڻ وارو ڪونه هو. ڪرن کي دل ڪري ارجن سان حسد هو، ڇاڪاڻ ته ارجن ئي کانئس ڪسر هو؛ ان ڪري سندس مرضي هئي ته جي ارجن کي ماري وڌم ته پوءِ مان سوربيرن جو سرومڻي ليکيو ويندس. پر ارجن پنهنجو مٽ پاڻ هو. جبري جنگ لڳي. هڪ ٻن موقعن تي اهڙو اتفاق ٿيو جو ڪرن يڌ شٽر ۽ نڪل کي گهيرو ڪيو، پر کين ڇڏي ڏنائين؛ ڇاڪاڻ ته هن ارجن کي ئي مارڻ ٿي چاهيو؛ ٻين کي ڇو ماري.

ٻئي پاسي وري دشاسن ڀيم جي ور چڙهي ويو. هيءُ اهو شخص هو، جو ڀريءَ سڀا ۾ دروپديءَ کي وارن کان وٺي گهليندو آيو هو. دروپديءَ ان ڏينهن کان وٺي وار

لاش خاڪ بسر پيا هئا ۽ سرڻين، ڳجهن، بگهڙن ۽ وحشي جانورن جو قوت بڻجي چڪا هئا. دريوڌن جي بيشمار سئنا مان رڳوئي سردار جيئرا بچا هئا.

پريان ڪورون جي راجا گهراڻي جي استرين جي قطار ماتم مچائيندي ٿي آئي، هو پنهنجي وڇڙيل پيارن تي سياپو ڪرڻ آيون هيون. جئن ئي پانڊون جي مٿن اک پيئي، تئن پنجه ئي مها ٻلي ڏڪي ويا، ڇاڪاڻ ته اڄ رائيون ۽ راڄڪماريون پيدل روڄ راڙو ڪنديون ٿي آيون، جن ڪڏهن ٻاهر پٽ تي پير ڪن ڌريو هو. ڌرتراشٽر جا سوئي پٽ سنگرام ۾ سهاءِ ٿي چڪا هئا.

اُن ماتمي ميڙ جي اڳيان راجائي گاڏيءَ ۾ راڻي گنڌاريءَ ۽ راجا ڌرتراشٽر ويٺا هئا، جي ٻين کان قدري اڳڀرو ٿي آيا. هو ڪورون جا سرومڻي، پر پانڊون جا به مربي هئا؛ تنهنڪري سوڀ جي حالت ۾ به يڌشٽر کي ساڻن نهايت گهڻي نمرتا ۽ ادب سان گڏجڻو هو. ڌرمراج يڌشٽر پنهنجي چئني ڀائرن، دروپديءَ ۽ سري ڪرشن سان گڏ آيو ۽ کين پيرين پئي صفا سانت ۾ بهي رهيو.

پيرسن گنڌاري سکه ۾ سچي راڻي، ته دکه ۾ ديوي هئي. پتورتا ڌرم پالڻ ڪري سندس انڀؤ کليل هو ۽ من جيتڻ سبب سندس وچن ڪداچت وئرٿ ڪين ويندو هو. پنهنجي آتمڪ ٻل ۽ رشيءَ جي آشيرواد سان هرءَ اکين تي پٽي ٻڌل هوندي ته سڀڪي ڏسي سگهي ٿي. يڌ جي سمي ڏهاڙي جڏهن دريوڌن صبح جو رٽس اها

آسيس منگڻ ايندو هو ته رڻ ڀوميءَ ۾ منهنجي سوڀ ٿئي، تڏهن هيءَ آدرشي ماتا کيس رڳو ايترو چوندي هئي:- ”پٽ! سچ جي ئي جيءَ ٿيندي-“ شروع کان ئي کيس ڄاڻ هئي ته ڪو کيتر ۾ سندس سڄو ڪٽنب ناس ٿي ويندو، پر ٽارڻ جو ڪو اُپاءُ ڪونه هو- ڪرمن جي ريکا! پنهنجي سر ته سؤ پٽن جو صدمو به صبر سان سهي وڃي ها، پر پتيءَ جي دکه ۾ پاڻ به تمام دکي هئي- ڌرتراشٽر پنهنجن پٽن ۾ موهه ۽ راڄ جي ترشنا سبب اها شامت هٿ وٺي پاڻ تي آندي- پر گنڌاريءَ جي اٽل تياڳ کي تر جو لوڏو به ڪين آيو- سندس دل جي روم روم ۾ صرف سچائي ۽ ڌرم سمايل هو- کيس چڱي پر ڄاڻ هئي ته هن بيحد دکه جي سمي شايد سندس اندر مان اهڙي لڪل لاٽ نڪري نروار ٿئي جا ڀسم ڪندي ويرم ڪين ڪندي- يڌشٽر پرنام ڪرڻ ٿو اچي- متان کيس ڪو جوکو رسي، ان ڪري هن زور سان پنهنجي شڪتي روڪي اکيون کڻي بند ڪيون- پر اهي پٽي ٻڌل اکيون جان ئي يڌشٽر جي پير تي پيون تان ئي هڪدم اُتي ڄرڪندو ڦٽ ٿي پيو- اهڙي هئي شڪتيوان گنڌاري ۽ اهڙي هئي ڪوپ وقت سندس ڪرڙي نظر!

دروپديءَ ۽ پانڊون جي راڄ ماتا سان مٺا وچن ٻولي، گنڌاريءَ سري ڪرشن سان اُڀي ڳاٽ ٿي ڳالهاليو- اُن مها شڪتيوان سان ڪنهن دمن (روڪڻ) جي ضرورت ڪانه هئي- ڀڳوان کي ڀل ته رڻ ڀوميءَ جا خوني پردا

هڪ هڪ ڪري ڏيکاري. ساڻس گڏ ڀل ته هوءَ سڀڪي ڏسي وائسي، سوچ ويچار ڪري ۽ دل جو حال اوري.

گنڌاريءَ پڪاري چيس ”ڏس، ڪنول نئن! منهنجي گهر جي نياڻن جي دردشا ڏس. ودوائن جا ورلاپ ٻڌ، جي وار ڇوڙي پنهنجن پتين لاءِ سياپو ڪري رهيون آهن. لاشن مٿان نئڙي ڀارت جي يوڌن جي يادگيري ڪري رهيون آهن. ڏس ته ڪهڙي نه پريشانيءَ سان پنهنجا پتي، پتا، پٽ ۽ ڀائر ڳولي رهيون آهن. سارو ڪروکتر انهن نڌر نارين ۽ بي ٻار مائرن سان ڀرجي ويو آهي! هتي هتي انهن سورمن جا لاش پيا آهن، جي جيئري باهه جي ڀنڀٽ وانگر هئا. ڪٿي سندن قيمتي جواهر ۽ هار مٽيءَ ۾ مليا پيا آهن، ڪٿي سندن تير، تلوارون ۽ هٿيار ٽڙيا پکڙيا ڌڌڙ ۾ پيا آهن. شڪاري جانور ڇوٽ پيا ٿا راڱا ڪن. او ڪرشن! سنگرام ڪهڙو نه ڀيانڪ آهي. هيءَ روئداد ڏسي مان آگ ۾ جلي رهي آهيان. لاشڪ هن مهاڀارت جي يڌ ۾ سڄو سنسار سڄه ٿي پيو آهي. اهو ڪهڙو پرالٻڌ هو، جنهن اسان کي هئن نهوڙي نيون؟ آهو ڪهڙو سراپ هو، جنهن اسان کي هن ريت ساڙي ڇڏيو؟ اهڙيءَ طرح ڪرشن کي ڏوراپا ڏيندي ۽ ورلاپ ڪندي گنڌاريءَ کي اچانڪ سمڪ پئي ته سندس پاسي ۾ دريوڌن جو لاشو آهي. اهو نظارو ڦٽيل دل کي ڦاڙڻ لاءِ ڪافي هو. دکه نئين سر اڇلون ڏيندو اٿيو. کيس يادگيري پئي ته هن پاڻ

ڏهاڙي وندا ڪندڙ راڄڪنور کي اهائي آسيس ڪئي هئي: 'پٽ! سچ جي ئي جيءَ ٿيندي-' جو نظارو هن لڙائيءَ جي شروعات کان پرتيت ڪيو هو، سوئي کيس ڏسڻ ۾ آيو-

گنڌاري سنسار کان نرليپ ۽ موهه ممتا کان رهت هئي، ته به استري هئي ۽ ماتا هئي ڪري سندس آلاپ جنهن ۾ ورلاپ ۽ آراڌنا جي ملاوت هئي، اچانڪ آجهل ٿي پيو- چيائين ''ڏس ڪنئيا! منهنجو دريوڌن ڏس، جو جنگ ۾ اجيت لکيو هو ۽ هاڻي سوربيرن جي سيجا تي سمهيو پيو آهي- وقت جا ڪلور ڪهڙا ڪهڙا نه آهن- دشمن جو ڏهڪاءُ ۽ دلاور راڄڪمار هينئر خاڪ ۾ اسان جي اڳيان پيو آهي- هي البيلو، جو راڄ محل جي سکن ۾ پليو، تنهن جي ساٿ لاءِ وڃي بکايل بگهڙ بچيا آهن- شڪاري پکي لامارا ڏيئي رهيا آهن- منهنجو پٽ راڄڪمار ۽ سيناپتي هو، جنهن کي ڀيم ماري ڇڏيو!''

پوءِ دريوڌن ۽ پنهنجي ٻين پٽن کي ڇڏي راڻي هڪ هڪ سورمي جو نالو وٺي دردي آنهون ڀريندي، فريادون ڪندي، يڌ جي سڄي وارتا ورنن ڪري ويئي. هر هر سندس سڏڪا مٽجي اوڇگارون ٿي ٿيا. ڪهڙو نه ستت منهنجا سڀ پٽ ناس ٿي ويا!!

گنڌاريءَ جو آواز گهٽجي ويو ۽ هوءَ سن ۾ پئجي ويئي. کيس هاڻي پانڊون جي وڇوڙي جي دکه جو به

انڀؤ ٿيو، جئن جبل تي چڙهڻ بعد پريان نماءُ به پسي سگهجي.

هن اهو پڻ ترتيب ڪيو ته ڪرشن هن آفت ٽارڻ جي شڪتي رکندي به اها آپدا ڪين ٽاري. ان ڪري گڀير ٿي چڀندر آواز ۾ چيائنس، ”اي چڪرگدا ڦيريندڙ ڇاڪاڻ ته تون پانڊون ۽ ڪورون کي هڪ ٻئي کي ناس ڪندو ڏسي به بيپرواهه رهين. تنهنڪري مان توکي سچائيءَ جي سانگي سراپ ٿي ڏيان ته تنهنجا ڀائي ڀرائي به پاڻ ۾ لڙي پورا ٿيندا ته تون به ويراني ۾ ٻئي جي شستر دواران پران تياڳيندين.“ ۽ تعجب! جئن گنڌاريءَ بس ڪئي تئن شيام سندر ڏانهنس نهاري مرڪي چيو ”ماتا! تون ڌنيه آهين جو تون مون کي پنهنجي ڪاريه جي پورائي ۾ سهائتا ڪئي، مان تنهنجو سراپ سويڪار ٿو ڪريان.“

جن جن اهي وچن ٻڌا سي اچرج ۽ ڊپ ۾ ڀرجي ويا. پوءِ ڪرشن پيرسن راڻيءَ اڳيان نئڙي چيو ”اُٿ ماتا، اُٿ ۽ دل دکه کان آجي ڪر. ورلاپ سان شوڪ وڌي ٿو. ويچار ڪري ڏس ته برهمڻ استري، اولاد جپ تپ لاءِ پيدا ڪندي آهي. گئو بار ڍوئڻ ۽ کيتيءَ لاءِ گابا ڄڻيندي آهي ۽ کترياڻيءَ جا ٻار ته لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيڻ لاءِ ئي ڄمندا آهن.“

راڻيءَ گوپال ڪرشن جا اهي وچن شانتيءَ سان ٻڌا. کيس انهن جي سچائيءَ جي پوري پوري ڄاڻ پئي.

ويراڳ ۾ اچي باقي حياتي بن ۾ تپسيا ۾ وتيت ڪرڻ کان سواءِ کيس ٻيو ڪجهه ڪين ٿي سمجهيو. وڌيڪ چوڻ جي ضرورت نه هئي ۽ هوءَ ماٺ ۾ رهي.

ٻوءِ گنڌاري ۽ ڌرتراشٽر، يڌشٽر ۽ ٻين سورنيرن سان گڏ ڌيرج ڌاري گنگا جي ڪنڌي تي پراڻين جو مرتڪ ڪريا ڪرم ڪرڻ لاءِ روانا.

گنگا تي پهچي اشنان ڪري استريون پنهنجي مري ويل عزيزن لاءِ جل- انجلي ڏيڻ لڳيون. اُن وقت ڪنتيءَ پنهنجي پٽن پانڊون کي ٻڌايو ته ڪرن اوهان جو ڀاءُ هو، ان لاءِ به جل- انجلي ڏيو. اهاڳالهه ٻڌي پنجه ئي پانڊو اچرج ۽ شوڪ ۾ پئجي ويا. ڌرمراجه ته ٽمندڙ نيڻن ۽ ڀريل هردي سان ائين به چيو ”ماتا! جيڪڏهن اهاڳالهه تون اسان کي اڳ ٻڌائين ها ته هيءَ وٺا جيڪر سڀني تي ڪين پوي ها!“ ويراڳ ۾ ڀرجي چوڻ لڳو ته پنهنجا مٽ مائٽ ماري ٽنهي لوڪن جو راڄ هٿ اچي ته به ڇا ٿيو؟ سنساري ناسونت اؤج ۽ اقبال ۾ ڇا رکيو آهي! هاڻي بهتر آهي ته راڄ پاٽ دان ڪري ڪٿي ڪنهن بن ۾ وڃي تپسيا ڪجي.“ يڌشٽر جون اهڙيون تياڳ ۾ ويراڳ جون ڳالهيون ٻڌي ڀائرن کيس سمجهايو ته نه رڳو ڌرم جي رکيا لاءِ لڙڻ پر راڄ جي رکيا ڪرڻ ۽ راجائي ڪاروبار هلائڻ به کتر ۽ جو ڌرم آهي“ هڪ مهارشيءَ به يڌشٽر کي سمجهايو ته جي سديو شانتي چاهيو ته دکه سکه هڪ ڪري ڄاڻو ۽

ڪرم ڌرم تي پورا رهو. سمو پائي پنهنجن ڪرمن انوسار
هرڪو جيءُ ڄمي ٿو ۽ مري ٿو ڪرمن انوسار وري
جوڻ پائي ٿو. تنهڪري مري ويلن لاءِ شوڪ ڪرڻ
اجايو آهي. سر ڪرشن پڻ ڌرمراج کي سمجهايو، تڏهن
مس مس هن راڄ ڪرڻ قبول ڪيو. پوءِ پانڊون هلڻ
جون تياريون ڪيون ۽ راجائي شان سان هسٽناپور پهتا.

—

باب تيرهون

پيشم پتامهہ جو اپديش

برجا کين ڏسي گدگدڻي. يڌشٽر کي راج- تاڪ نيم انوسار ڏوم ڏام سان ڏنو ويو. ساري پارٽ ۾ خوشي منائي ويئي. ماڻهن خوب جشن جلسا ڪيا ۽ ڏرمراج آراڌنا ڪرڻ لڳا. يڌشٽر ڏرتراشٽر جي صلاح سان راجائي ڪاروبار هلائڻ لڳو ۽ هردم پنهنجي ڏرم ۽ فرض جي پالنا ڪندو رهيو. ڪائس پيشم پتامہ سان آخرين ملاقات واري گالهہ وسري ڪين ويئي هئي. تنهنڪري هو ڪرشن پانڊون ۽ دروپديء سميت ڪروکيتر ڏانهن روانو ٿيو. پيشم پتامهہ اڃان آٽي ٽمرن جي سيجا تي سمهو پيو هو! سندس دڪہ ڏسي ڏرمراج جي اکين ۾ پاڻي اڇي ويو. ديئتا سان چيائين ”مهراج! منهنجي ڪري ٿي اوهان کي ايترو دڪہ سهڻو پيو. حيف آهي مون تي ۽ منهنجي حياتيء تي!

يڌشٽر جون گالهيون ٻڌي شانت ميء رشي پيشم پتامهہ کيس پرپوڙ ڏيڻ لڳو تہ يڌ ۾ پنهنجي پرائي جو

ويچار رکڻ اُچت ناهي. انسان کي رڳو ڌرم ۽ فرض جو اونو رکڻ جڳائي. يڌ لڙڻ کترين جو ڌرم آهي. تنهنجي ڪري مون کي ڪا تڪليف ڪانه پهتي آهي. جيڪي تو کي ڪرڻ کپندو هو سو تو ڪيو. ان کانپوءِ ڪرشن ڀيم کي چيو ته رڻ ڀوميءَ ۾ بيشمار مٽن مائٽن ۽ بزرگن ۽ دوستن جي جان وٺڻ جو رنج ۽ شوق اڃان تاءِ يڌ شٽر جي دل مان دور نه ٿيو آهي ۽ هميشه اداس ۽ دلگير پيو گذاري؛ تنهنڪري ڪرپا ڪري کيس کتري ڌرم، راڄ ڌرم ۽ نيتيءَ جو مناسب اُپديش ڏنو. تنهن تي ڀيشم کيس پر پوڌ ڏيڻ شروع ڪيو. ڌرمراج ڪجهه ڏينهن تاءِ ڏهاري سوال ڪندو رهيو ۽ ڀيشم پتامهه جواب ڏيندو رهيو، جن مان ڪن جو ورنن هيٺ ڪجي ٿو.

يڌ شٽر- مها رشي! راجا جو ڌرم ڪهڙو آهي؟

ڀيشم- راجا جو ڌرم آهي ته هو سداءِ پرجا جو ڀلو ۽ بهتري چاهي ۽ پنهنجي ٻارن جيان سندن سار سنڀال لهي. پرجا سان سداءِ نياءَ سان هلي؛ پر سندس ورتاءُ نه تمام نرم، نه بلڪل سخت هئڻ گهرجي. گهڻيءَ نرميءَ سبب نيتيءَ جو بگاڙو ڇڙواڳي وڌي ٿي، وري سختيءَ مان ناراضپو ۽ جهڙا فساد ٿين ٿا. مطلب ته جئن ماءُ ٻار کي ماريندي به آهي، ڇينڀيندي به آهي، پر سندس پيار هميشه قائم هوندو آهي تئن راجا کي ورتڻ گهرجي.

راجا پنهنجي سر ودوان، داناءُ، سوزمبر ۽ ٻاوان هئڻ

گهرجي، جئن پنهنجا انيڪ فرض پوريءَ طرح بجا آڻي سگهي ۽ مشڪلات وقت مقابلو ڪري سگهي.

ياد رکجو، ته عيش تباهيءَ جي پاڙ آهي.

يدشٽر- انسان جا ڪهڙا فرض آهن؟

پيشم- پرماتما جي پگٽي، سريشٽ جيون ۽ نشڪام شيوا اهي ئي انسان جا مول فرض آهن. انهن ۾ ڏرم ۽ ڪرم جو سار سمايل آهي.

يدشٽر- پرماتما ڇا آهي؟

پيشم- پرماتما ني انت آهي، ڏهڪاري سندس ڪيترو نه بيان ڪيو ته اڻ پورو ٿيندو. ايشور جي نه آد آهي، نه انت. هو جنم مرڻ کان نيارو آهي، سرشٽيءَ جو ڪرتا ۽ پالڪ آهي. سرو شڪتوان ۽ گهٽ گهٽ جو واسي آهي. هو نه رڳو انسان جا ويچار به پروڙي ٿو. هو پريم پنڌار آنندميءَ ۽ دڪ پنجن آهي. انسان جو نج سچو سروپ آهي.

يدشٽر- تپ ڇاکي ٿو سڏجي؟

پيشم- من جيتو ئي سچو تپ آهي يعني اندرين تي قبضو ڪرڻ، سداءِ سچ تي قائم رهڻ ۽ اپڪار (تن، من، ڌن ۽ وچن سان ٻين کي سک ڏيڻ) ۾ لڳو رهڻ ئي سچو تپ آهي.

يدشٽر- دنيا ۾ سڀ کان زبردست ڪير آهي؟

پيشم- پنهنجا ڪرم پنهنجي ڪرڻ کان وڌيڪ طاقت وارِي چيز ڪانهي. ڪال به ڪرم جي وس ۾ آهي.

يڌ شٽر- ته چئبو ته ڪرم، پرالٻڌ (قسمت) کان به زور آهي.

ڀيشم- بيشڪ. جنهن کي پرالٻڌ، (قسمت) يا نصيب ٿو چئجي سو به ته اڳين ڪرمن جو ڦل آهي، پوءِ هن جنم جا اڳيان ڪرم، يا گذريل جنم جا. اڳئين جنم ۾ يا هن جنم جي گذريل وقت ماڻهو جيڪي جيڪي چڱا يا برا ڪرم ڪري ٿو، تن جو ڦل کيس اوس ڀوڳڻو پوي ٿو، اڄ نه ته سڀاڻي، هن جنم ۾ نه ته ايندڙ ۾. مطلب ته ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ کان سواءِ چارو ڪونهي. تنهنڪري آدميءَ کي هردم نيڪ ڪرم ڪرڻ جڳائي.

يڌ شٽر- بهادر ڪيو آهي؟

ڀيشم- جو ڪنهن به ستياوان استريءَ جو اپمان ڏسي سندس مدد لاءِ تلوار کڻي يعني سر جي سٽ ڏيئي لڙڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿئي. جيڪڏهن ائين ڪري نه زبان سان سندس طرفداري ڪري.

اهو جواب ٻڌي دروپديءَ کان ٽهڪ نڪري ويو. ڀيشم پڇيس ”ڇو پتري! تون ڇو ٿي کلين؟“

دروپديءَ جواب ڏنو ”رشي مهراج! مون کي اهو وقت ياد آهي جڏهن ڀريءَ سڀا ۾ ظالم دريوڌن مون کي ننگو ڪرڻ ٿي چاهيو. اوهين سورمن جا سرتاج آهيو. پر اُن وقت اوهان جو اهو اُپديش ڪٿي هو؟“

ڀيشم نمرتا ۽ گنڀيرتا سان جواب ڏنو ”پتري! جهڙو آن، تهڙو من، اِن چوڻيءَ ۾ وڏو سچ آهي. انهن ڏينهن

۽ مان بي ايمان دريودن جو نمڪ ڪائيندو هوس، انڪري منهنجي سمجهه تي پردو پئجي ويو هو. پر تنهنجي پتيءَ ارجن تير هڻي هڻي منهنجو اپوتر رت ڪڍي ڇڏيو. هاڻي سريز پوتر ۽ ويچار نرمل ٿي پيا آهن.“

اها ڳالهه ٻڌي حاضرين رشيءَ کي پرنام ڪري ڏنيواد ڏنو.

ان ريت پيشم ڏرمراج کي سندر آپديش ڏيندو رهيو. جڏهن لڙائيءَ ۾ زخمي ٿي ڪرڻ بعد اٺونجاه ڏينهن گذريا ۽ سورج ٻه آترائڻ ۾ آيو تڏهن پيشم چيو ته هاڻ منهنجو انتڪال ويجهو آهي، اوهين منهنجي چڪيا تيار ڪريو.

جڏهن چڪيا جو بندوبست ٿي چڪو، تڏهن هن اکنڊ برهمچاريءَ سماڌي لڳائي ۽ پران تياڳيا. سندس مرتڪ سنسڪار گنگا جي ڪنڌي تي تماڻ گهٽيءَ شردا ۽ سنمان سان ڪيو ويو. جڏهن آنان موٽيا تڏهن پڌشٽر جي دل پرجي آئي. هو پيشم کي ياد ڪري ورلاپ ڪندو پچاڙ ڪائي زمين تي ڪريو ۽ ٻارن جيان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ وري اچي ڪيس ويراڳ ورايو. سري ڪرشن تڏهن ڪيس پرٻوڌ ڏنو ته مري ويلن لاءِ شوڪ ڪرڻ اجايو آهي. ساري سنسار جو اهو نيم آهي جو ڄائو آهي سو اوس مرندو، ڪو اڳي ڪو پوءِ. ان ريت ڪيس ٻيو ٻه آپديش ۽ انساني حياتي ۽

راجائي فرض جي سکيا ۽ ڏنائين ، جنهن مان يڏشٽر کي گيان ۽ شانتي ملي ۽ راج ڪاج ڏانهن سندس دل وري . پو ڪرشن پانڊون کان موڪلائي دوارڪا پوريءَ ڏانهن روانو ٿيو .

—

باب چوڏهون

پريڪشت جو جنم

ارجن جو پٽ ابيمنيو رڻ پوميءَ ۾ مارجي ويو ۽ سندس پيا پنجه پٽ (دروپديءَ سان) اشوٿاما راتو واهه قتل ڪري چڏيا هٿا. ان تخت تاج جو وارث هوئي ڪونه، پر تن ڏينهن اُترا ابيمنيو جي استري گربونتي هٿي، جنهن کي پورن ڏينهن ٽيهه ٽي پٽ ڄائو. پر اهڙو تہ ڪمزور هو، جو جنهن ٽي ڏٺو تنهن ٽي سمجهيو تہ ڄاڻ مئو. اهو اطلاع سري ڪرشن کي پهتو تہ هو هيستناپور آيو ۽ بالڪ جو علاج ڪرڻ ۽ برگهور لهڻ لڳو. ڏورن ٽي ڏينهن ۾ بالڪ چگو ڀلو ٽي ٻيو ۽ بٽ ۾ ورڻ لڳو. سندس نالو پريڪشت رکيو ويو. اهو ڏسي پانڊو گدگد ٿيڻ لڳا، چاڪاڻ تہ سندن کل ۾ نالو قائم ڪرڻ وارو رهيو پريڪشت ٿي هو. هوئي سندن اميدن جو مرڪز هو.

ڪجهه سال سکه جا گذريا. هاڻي يدشٽر جو راج ساري پارت ۾ ڦهلجي چڪو هو. وزيرن ۽ رشين منين

جي صلاح ساڻ پانڊين فيصلو ڪيو ته اشوميڌيگه ڪرڻ گهرجي- جنهنڪري ٻيا سڀ راجائون يڌشٽر جا فرمانبردار ٿين ۽ ڌرمراج چڪر ورتي راجا ٿئي-

يڌشٽر يگه ڪرڻ شروع ڪيو- هون ۽ ٻيو ڌرمي ڪريا ڪرم ڪري هڪ نهايت عمدي نسل جو گهوڙو ساري ڀارت جو چڪر لڳائڻ لاءِ ڇوڙيو ويو- سندس بچاءَ لاءِ ارجن فوج سميت هن جي پٺيان هلندو هليو- جنهن جنهن ملڪ ۾ گهوڙو پهتو، تنهن جي راجا ارجن کي سوکڙيون موڪلي يڌشٽر جي زيردستي قبول ڪئي- ٻن ٽن راجائن گڙ ٻڙ ڪئي، پر ارجن کين ٻانهن جي ٻل سان سئون ڪري ڇڏيو- نيٺ اهو يگه وارو گهوڙو ساري هندستان جو چڪر لڳائي موٽي آيو- يگه ۾ هندستان جا سڀ راجائون شامل ٿيا- وڏا وڏا پنڊت ودوان ۽ رشي مني پڻ آيا- مها رشي وياس جي سکيا انوساريگه جي ڪاروائي پوري ڪئي ويئي- براهمڻن ۽ پنڊتن کي منهن مانگيو دان مليو- هرڪو خوش ٿي ڌرمراج جا گڻ ڳائيندو ۽ کيس آسيسون ڪندو موٽيو- شري ڪرشن به گهر ويو-

باب پندرهون

پڇاڙي

يڌشٽر کي راڄ ڪندي پندرهن سال گذريا. ان عرصي ۾ ودر ۽ پانڊو ڌرتراشٽر جي خوب شيوا ٽهل ڪندا رهيا ۽ هر وقت اهو خيال رکندا هئا ته جئن کيس پنهنجي پٽن جي وڇوڙي جو ڏک نه ستائي ساڳيءَ ريت دروپدي ۽ سڀدار گنڌاريءَ جي شيوا ڪنديون هيون. يڌشٽر جي راڄ ۾ ڌرتراشٽر ۽ گنڌاري بلڪل بلڪل آرام ۽ سک جو سمو گذاريو. هاڻي ڌرتراشٽر تمام پيرسن ٿي ويو هو. هن ويچار ڪيو ته هاڻي پڇاڙيءَ جو سمو دنيوي جنجالن مان آزاد ٿي بن ۾ وڃي پرماتما جو ڀڄن ڪرڻ گهرجي. هن اها ڳالهه پنهنجي استريءَ سان ڪئي، جنهن پڻ سندس پٺڀرائي ڪئي ۽ ساڻس گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي. ودر به کين چيو ته مون ساري عمر اوهان سان گڏ گذاريو آهي. پڇاڙيءَ ۾ اوهان کان جدا ڪين ٿيندس. جڏهن اهو فيصلو ٿي چڪو تڏهن ڌرتراشٽر يڌشٽر کي چيو ”ڌرمراڄ! اسان کي پنهنجي راڄ ۾ تمام

گهڻو سکه مليو آهي پرماتما ڪري ته تون سدا ڦلندو ڦلندو رهين. توکي ڇڏيندي دل ته نٿي ٿئي پر هندو شاستر انوسار انسان کي حياتيءَ جي پوئين منزل ۾ بن ۾ وڃي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي. انڪري تون اسان کي خوشيءَ سان موڪل ڏي."

اهاڳالهه ٻڌي يڌ شٽر کي وڏو صدمو رسيو، پر ڪئن چوي ته اوهين پنهنجي جيوٿ سڦلي ڪرڻ نه وڃو- لاچار هائو ڪرڻي پيس- انهن کي تيار ڏسي پانڊون جي ماءُ ڪنتي به ساڻن وڃڻ لاءِ تيار ٿي- پٽن کيس گهڻوئي سمجهايو پر هن ڪنهن جي ڪين ٻڌي لاچار روانا ٿيا ته هستناپور جا رهواسي ورلاپ ڪري روئڻ لڳا. ڀلا ڇو نه روئن ڌرتراشٽر عقل ۽ انصاف سان راڄ هلايو هو ۽ پرجاکي سکي رکڻ ۾ وسون ڪين گهٽايو هو.

چئني وڃي بن ۾ بسيرو ڪيو. ودر ۽ ڪنتي ڌرتراشٽر ۽ گنڌاريءَ جي شيوا ڪندا رهيا. ان ريت ٽي سال گذريا. پهريائين ودر هن دنيا مان چالاڻو ڪيو. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن اتفاق سان بن ۾ اچي باهه لڳي ۽ ڌرتراشٽر، گنڌاري ۽ ڪنتي ٽيئي جلي ڀسم ٿيا.

جڏهن اها خبر پانڊون کي ملي تڏهن کين ڏاڍو دکه ٿيو، پر مؤت جي اڳيان ڪنهن جو وس هلي سگهي.

نيٺ سيني تي پٿر رکي روئي رڙي چپ ڪري ويهي رهيا. ٿورو عرصو رکي سري ڪرشن به هڪ شڪاريءَ جي تير لڳڻ سبب ديهه تياگي. هاڻي پانڊون

ي دکه جو پيالو ٽمٽار ٿي ڇاڪڻ لڳو. پنجن ئي ڀائرن خيال ڪيو ته هاڻي باقي اسان لاءِ ڇا بچيو آهي. گورو اُستاد يار، مٽ ماڻٽ ويا، سنگتي ساٿي ويا، ننڍا ويا. سري ڪرشن به نه رهيو. ان ڪري هاڻي بهتر آهي ته راڄ پريڪشت جي حوالي ڪري هماليه جبل تي هليو هلجي. اها خبر ماڻهن کي پيئي ته وٽن ميڙ ڪري آيا ۽ کين منٿون ڪرڻ لڳا ته جئن مڙي وڃن. پر پانڊؤ پنهنجي ارادي تي اسٿر رهيا. نيٺ پرجاگڏ ٿي پريڪشت کي راڄ گديءَ تي وهاريو. ڌرمراج اميرن وزيرن کي پارت ڪئي ته پريڪشت اڃان ننڍو ۽ اڻ آزمودگار آهي تنهنڪري اوهان تي وي جوابداري آهي. وزيرن ۽ اميرن وفاداري ۽ سنڀال جو قسم کنيون. ان کان پوءِ براهمڻ، غريبن ۽ محتاجن کي خوب دل کولي دان ڏنائون پنجه ئي ڀائر ۽ دروپدي بنواسي پوشاڪ ۾ بن ڏانهن روانا ٿيا. خلق ۾ ردون ۽ پٽڪو مچي ويو. مرد، زالون ۽ ٻار زار زار روئڻ لڳا، ڇاڪاڻ ته پانڊؤ ۽ دروپدي کانئن هميشه لاءِ جدا ٿي ٿيا.

ڳچه مفاصلي تائين ماڻهو سندن پٺيان هليا. نيٺ يڌشٽر کين سمجهائي ٻجهائي واپس موڪليو.

هي راجائي قافلو پهريائين بنارس پهتو. اُتي گنگا جو اشنان ڪيائون ان کان پوءِ سفر ڪري جمنا جي ڪناري تي پهتا. اتان ٿيندا سري ڪرشن جي ننگر دوار ڪاپور پهتا. ان کان پوءِ هردوار، رشي ڪيش، بدري ناٿ ۽ بين

تبر ٽن جي ياترا ڪندا هماليہ جبل وٽ پهتا. هماليہ دنيا ۾ سڀ کان اونچو پهاڙ آهي- سندس دامن ۾ عمدي ڪاڪ جا ٻيلا، ۽ هزارين قسمن جا ونڊ ۽ ٻوٽا آهن جن جا ٻوُر، گل ۽ ميوا دوائون ٿي ڪتب ايندا آهن-

پانڌون ۽ دروپديءَ هماليہ جبل تي چڙهڻ شروع ڪيو- جڏهن گهٽو مٿي چڙهي چڪا، تڏهن دروپدي ٽڪ ۾ ماندي ٿي پيئي- هوءَ راجا جي نياڻي، راج محل ۾ پليل هئي- ايڏي تڪليف سهاري نہ سهي ۽ برف ۾ ڪري ٿي پيئي- وري اُٿي ٿي هلي- پر نيٺ اهڙو ڪري جو وري نہ اُٿي ۽ مري ويئي- ان ڪان پوءِ سهديو ۽ نڪل جو مُٺ ٽيو- ساڳيءَ طرح ارجن ۽ ڀيم جي پڇاڻي ٿي- باقي يڌشٽر بچيو- اُن وقت سندس دڪا سهڻ ڪان ٻاهر هو- ان حالت ۾ بہ مٿي چڙهندو رهيو- پر ٿورو مٿيرو مس ويو تہ پاڻ بہ برف ۾ ڪري پيو ۽ وري نہ اٿيو!!!

سماپت

ڪتابن ملڻ جو هنڌ

اسان جا چپايل ڪتاب هينين هنڌن تان ملي سگهندا :

۱- وجيه ۽ ڪمپني - سکر سنڌ

۲- ڪشنچند وڪيل ، وشن نگر ، حيدرآباد سنڌ.

۳- ٽي- مونڊاس

۳۲- مونڊ بلڊنگ ، بندر روڊ ، ڪراچي.

جي توهان جي ڪتاب فروش وٽ اسان جا چپايل ڪتاب نه آهن ته سڌو اسان کان گهرايو. وي-پي-پي پنجن رپين کان مٿي ڏنل آڊر تي ڪمي ويندي.

باني

هندو سوشل ويلفيئر اسوسيئيشن

سکر، حيدرآباد سنڌ، ڪراچي

هي ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال پونگا گهٽي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيِءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ِ جڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڻ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڪاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتر ڪينرو)